# ذوالفقار علي ڀٽو

## ولادت کان شهادت تائين



نورالدين ناريجو

www.bhutto.org

# ذوالفقار علي ڀٽو

## ولادت کان شهادت تائين

نورالدين ناريجو

سنڌ بُڪ ڪلب
نوابشاهه- 2007ع

www.bhutto.org

هن ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو: ذوالفقار علي ڀٽو ولادت کان شهادت تائين
موضوع: شخصيت
ليکڪ: نورالدين ناريجو
ڇاپو پهريون: ڊسمبر 2007ع
ڇپائيندڙ: سنڌ بوڪ ڪلب نوابشاهه سنڌ
پيسٽنگ: عبدالسلام ڀٽو
ايڊيٽنگ: مجيب ناريجو
ٽائيٽل ڊزائين: انٽيل ڪميونيڪيشنز حيدرآباد
ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: ڪيشو لال
انٽيل ڪميونيڪيشنز 9- ربي چيمبر ڪورٽ روڊ،
حيدرچوڪ، گاڏي کاتو حيدرآباد، سنڌ. فون: 2721172

# ZULFIQAR ALI BHUTTO: VILADAT KHAN SHAHADAT TAEEN

*By: Noordin Narejo*

Edition: First
Year: December, 2007
Title Design: Intel Communications, Hyd.
Published by Ahmed Zia, Sindh Book Club, Nawabshah
Composing: Intel Communications, 9-Rabi Chamber,
Hyder Chowk, Hyderabad, Tel: 0092-22-2721172

Price: Rs. 150-00

www.bhutto.org

# ارپنا

اربيان ٿوانهن جيالن کي
جن ڪوڙا کاڌا
۽ شهادت ماڻي.

www.bhutto.org

# فهرست


| | |
|---|---|
| 1. پنهنجي پاران | 6 |
| 2. جنم ۽ شروعاتي زندگي | 7 |
| 3. قائداعظم ناليِ ذوالفقار علي ڀٽو شهيد جو خط | 11 |
| 4. خط لکڻ جو ڪارڻ | 13 |
| 5. ذوالفقار علي ڀٽو بحيثيت قانون جو پروفيسر | 14 |
| 6. ذوالفقار علي ڀٽو وزير خارجه جي حيثيت ۾ | 16 |
| 7. پرڏيهي وزير ذوالفقار علي ڀٽو جون ساروڻيون | 20 |
| 8. انقلابي جدوجهد جي شروعات | 22 |
| 9. پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو قائم ڪرڻ | 24 |
| 10. ذوالفقار علي ڀٽو صدر پاڪستان جي حيثيت ۾ | 29 |
| 11. ذوالفقار علي ڀٽو ۽ روزانه مساوات | 37 |
| 12. ذوالفقار علي ڀٽو شهيد جي حڪومت جا 5 سال 6 مهينا 15 ڏينهن | 39 |
| 13. ذوالفقار علي ڀٽي جي جيل ۾ پهرين گرفتاري | 73 |
| 14. ذوالفقار علي ڀٽي جي ٻيو دفعو گرفتاري | 76 |
| 15. ذوالفقار علي ڀٽي جي ٽيون ڀيرو گرفتاري | 80 |
| 16. ذوالفقار علي ڀٽو شهيد جي آخري پريس ڪانفرنس | 81 |
| 17. ذوالفقار علي ڀٽو چوٿون ڀيرو جيل ۾ | 84 |
| 18. جنرل ضياءَ ڀٽي کي قتل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو | 91 |
| 19. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو چاهي پيو ته ڪيس زنده رهڻ نه ڏنو ويندو | 95 |
| 20. فرانس جي صدر ڏانهن ذوالفقار علي ڀٽو جو خط | 98 |
| 21. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو فرانس جي صدر ڏانهن آخري خط | 101 |
| 22. ڀٽو نيپولين ۽ جنرل ڊيگال | 102 |
| 23. بينظير ڀٽو ڏانهن آخري خط | 106 |
| 24. ذوالفقار علي ڀٽي جي زندگيءَ جي آخري رات | 111 |
| 25. موت جي ڪوٺڙيءَ جي ڊائري | 116 |
| 26. شهيد ڀٽي جي تقريرن مان چونڊ حصا | 118 |
| 27. ذوالفقار علي ڀٽو: شخصيت، تاثر ۽ مشاهدا — ڪوثر نيازي | 123 |
| 28. حوالا | 141 |




www.bhutto.org

# پنهنجي پاران

پاڪستان جو مايہ ناز ليڊر قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽو سنڌ جي مشهور نواب گهراڻي ۾ جنم ورتو ناز ۽ نعمت ۾ پليو ۽ غريب عوام جو سچو همدرد ۽ هڏ ڏوکي، بُربار ۽ مستقل مزاج ماڻهو هو جنهن اصولن خاطر عيش ۽ آرام ترڪ ڪري هڪ سال تائين جيل جون صعوبتون برداشت ڪيون، چاهي ها تہ حالتن سان سمجهوتو ڪري پنهنجي زندگي بچائي سگهي ها. دنيا ۾ ڪي ٿورا ماڻهو اهڙا ٿي گذريا آهن جن حق خاطر پنهنجو سر ڪٽايو ذوالفقار علي ڀٽو بہ انهن جو ادنيٰ خادم ٿي گذريو آهي.

پاڪستان جي تاريخ ۾ قائداعظم کان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽو ئي اهڙو شخص هو جنهن ملڪ کي درپيش لاتعداد چئلينجن کي منهن ڏنو ۽ قوي اهميت وارن بين مسئلن جهڙوڪ متفقہ ملڪي آئين ڏيڻ، 93 هزار جنگي قيدي ڀارت کان آزاد ڪرائڻ، ملڪ کي ايٽمي قوت بنائڻ، روس کان اسٽيل مل ۽ فرانس کان آمريڪا جي مخالفت باوجود ايٽمي ري ايڪٽر حاصل ڪرڻ ۽ قاديانين کي غير مسلم اقليت قرار ڏيارڻ جهڙا ڪيترائي وڏا مسئلا حل ڪيائين.

ذوالفقار علي ڀٽي جي شخصيت ڪردار ۽ ڪارنامن تي اڄ تائين ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن پر انهن کي ڪنهن بہ لحاظ کان مڪمل چئي نٿو سگهجي. ضرورت آهي تہ اڃا بہ وڌيڪ تفصيل سان لکيو وڃي.

هن ڪتاب ۾ سندس شخصيت، ڪردار ۽ ڪارنامن جو مختصر خاڪو پيش ڪيو ويو آهي. اميد تہ پڙهندڙن کي پسند ايندو. سندن همت افزائيءَ سان وڌيڪ تفصيل سان لکڻ جي همت پيدا ٿيندي.

گهوٽن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهہ ڪوٽ، ڪڏهن راهي رڻ جا.
(شاهہ)

- نورالدين ناريجو

ڊسمبر 2006ع
درياءَ آباد، ڪوٽڙي
0334_2611257



www.bhutto.org

# جنم ۽ شروعاتي زندگي

ذوالفقار علي ڀٽو پنج جنوري اڻويهه سؤ اٺيهه ۾ سر شاهنواز ڀٽو جي گهر ۾ پيدا ٿيو. سندس والده ليڊي خورشيد هئي. ذوالفقار علي ڀٽو شروعاتي تعليم لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪرڻ کان پوءِ بمبئي ۾ ڪيٿيڊرل اسڪول ۾ پڙهڻ لڳو ۽ اعليٰ تعليم لاءِ 1946ع ۾ آمريڪا ويو جتي هن سياست، بين الاقوامي قانون، جيورس پروڊينس جي تعليم ڪيليفورنيا يونيورسٽي جي لاس اينجلس برانچ مان ورتي ۽ سياست ۾ بي.اي آنرز ڪيائين. پوءِ وري انگلينڊ هليو ويو. آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ داخلا ورتائين ۽ ايم.اي سياسيات جي ڊگري حاصل ڪيائين. 1952ع ۾ بار ايٽ لا جو امتحان پاس ڪرڻ بعد انگلينڊ جي سائوٿيمپٽن يونيورسٽيءَ ۾ بين الاقوامي قانون جو پروفيسر مقرر ٿيو. انهن ڏينهن ۾ سندس والد سر شاهنواز ڀٽو بيمار ٿي پيو. اهڙو اطلاع ملڻ تي پاڻ 1953ع ۾ وطن واپس موٽي آيو ۽ سنڌ مسلم لا ڪاليج ڪراچي ۾ پڙهائڻ لڳو. سال 1958ع ۾ سوئزرلينڊ جي راڄڌاني جنيوا ۾ هڪ بين الاقوامي سامونڊي سرحدن بابت ڪانفرنس منعقد ٿي، جنهن ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ کيس موڪليو ويو.

18 آڪٽوبر 1958ع ۾ جڏهن جنرل ايوب خان ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي تڏهن هن ذوالفقار علي ڀٽي جي قابليت ۽ ذهانت کان متاثر ٿي هن کي پنهنجي ڪابينا ۾ وزير مقرر ڪيو.

پهريائين وزير معدنيات پوءِ قومي تعميرات، اطلاعات ۽ اقليتن جي معاملن قلمدان کيس سونپيا ويا. ان دوران 1960ع ۾ هڪ ڪروڙ روپين جي خرچ سان معدنيات ۽ گئس جي ترقيءَ لاءِ ڪارپوريشن قائم ڪيائين ۽ روس سان معدنيات جي ترقي لاءِ هڪ معاهدو ڪيو ويو.

1962ع ۾ ڪراچيءَ ۾ تيل صاف ڪرڻ جو هڪ جديد ڪارخانو قائم ڪيو ويو. 1961ع ۾ جڏهن هندستان جي وزيراعظم جواهر لعل نهروءَ،



www.bhutto.org

پاڪستان تي اڱرائي ڪرڻ جو الزام هنيو تڏهن ذوالفقار علي ڀٽو ان کي مدلل جواب ڏنو ۽ هن پنهنجي موقف جي حمايت لاءِ چين، انگلينڊ، آئرلينڊ ۽ مصر جا دورا ڪيا ۽ انهن کي قائل ڪيو. سال 1963ع ۾ ان وقت جي پرڏيهي وزير محمد علي بوگره جي وفات بعد کيس پرڏيهي وزير مقرر ڪيو ويو. 22 فيبروري 1963ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو چين سان سرحدي معاملا نبيرڻ لاءِ پيڪنگ ويو جتي سندس ڏاهپ ۽ ذهانت سان ڪامياب ڳالهين جي نتيجي ۾ چيني حڪومت 750 چورس ميلن جو علائقو جيڪو سندس قبضي ۾ هو سو پاڪستان جي حوالي ڪيو. سندس اهو ڪارنامو پاڪستان جيَ تاريخ ۾ سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو. سڄي دنيا هن تي واه واه ڪئي ۽ سندس پرڏيهي پاليسيءَ کي ساراهيو ويو.

1965ع واري جنگ کان پوءِ روس جي دعوت تي تاشقند ۾ ڳالهيون ٿيون، جن ۾ صدر ايوب خان پاڪستان جي فوجي ڪاميابين ۽ قربانين کي نظرانداز ڪري تاشقند ٺاهه تي صحيحون ڪيون. ميدان ۾ کٽيل جنگ ڳالهين جي ميز تي هارائڻ ڪري سڄي ملڪ ۾ احتجاج ڪيو ويو. ۽ ذوالفقار علي ڀٽو بہ دل شڪستو ٿي پيو ۽ 16 جون 1966ع تي هن وزارت تان استعيفيٰ ڏئي بعد ۾ عوامي رابطہ مهم شروع ڪئي.

30 نومبر 1967ع تي ڊاڪٽر مبشر حسن جي رهائشگاهہ تي سڄي ملڪ جي سڄاڻ ماڻهن جو هڪ ڪنوينشن ٿيو اتي ڀٽي صاحب پنهنجي هڪ سياسي پارٽي پاڪستان پيپلز پارٽي جي نالي سان قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ عوامي رابطا جاري رکيا. آخرڪار 16 نومبر 1968ع ۾ لاهور ۾ پ پ پ پنجاب جي آفيس جو افتتاح ڪيائين. حڪومت ڀٽي صاحب جي سرگرمين تي نظر رکي رهي هئي، عوامي سجاڳيءَ کان خوفزده ٿي 13 نومبر 1968ع تي ڀٽي صاحب کي ڊاڪٽر مبشر حسن جي رهائش گاهہ تان پوليس گرفتار ڪري وئي. سندس گرفتاريءَ خلاف ملڪ جي اڪثر شهرن ۾ جلسا جلوس نڪتا. ماڻهو حڪومت کان بيزاريءَ جو اظهار ڪرڻ لڳا. ڀٽي صاحب کي پهريان ميانوالي پوءِ ساهيوال جيل ۾ رکيو ويو. آخر 1 فيبروري 1968ع تي کيس جيل مان ڪڍي لاڙڪاڻي پنهنجي گهر ۾ نظر بند ڪيو ويو. ملڪ ۾ وڌندڙ احتجاجن ۽ عوامي دٻاءَ سبب حڪومت هنگامي حالتون ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو.



www.bhutto.org

آزار ڏيڻ بعد ڀٽي صاحب عوامي رابطي جي مهم تيز ڪئي. آمريت لاءِ وڌيڪ عرصو قائم رهڻ مشڪل بنجي ويو. آخرڪار ايوب جي حڪومت ختم ٿي وئي ۽ جنرل يحييٰ خان حڪومت تي قبضو ڪري ورتو ۽ ملڪ ۾ عام چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪرايو. ڊسمبر 1970ع جي اليڪشن ۾ اولهه پاڪستان ۾ پيپلز پارٽي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿي ۽ اوڀر پاڪستان ۾ عوامي ليگ کي وڏي ڪاميابي ملي. يحيٰ خان کي وڏي اڪثريت واري پارٽي يعني عوامي ليگ کي اقتدار حوالي ڪرڻو هو پر هن اقتدار کان الڳ ٿيڻ نٿي گهريو. ملڪ ۾ انتشار پکڙجي ويو نيٺ 16 ڊسمبر 1971ع ۾ ملڪ ٻه اڌ ٿي ويو. اوڀر پاڪستان بنگلاديش جي نالي سان هڪ آزاد ۽ خودمختيار ملڪ بنجي ويو.

ملڪ ٽٽڻ بعد ماڻهن ۾ وڌيڪ ڪاوڙ ۽ نفرت پيدا ٿي، ان جو مقابلو ڪرڻ جنرل يحيٰ خان جي وس جي ڳالهه نه هئي. ان ڪري مجبور ٿي هن حڪومت جون واڳون ذوالفقار علي ڀٽي جي حوالي ڪيون. ڀٽي صاحب ملڪ جون واڳون سنڀالڻ بعد عوام جو حوصلو بلند ڪيو. ملڪ کي مضبوط بنايو ۽ ملڪن جي بين الاقوامي برادريءَ ۾ باعزت مقام ڏياريو. 14 جولاءِ 1977ع ۾ جنرل ضياءَ جي اڳواڻيءَ ۾ فوج اقتدار تي قبضو ڪيو. ڀٽي صاحب کي گرفتار ڪري مريءَ ۾ رکيو ويو 28 جولاءِ تي آزاد ٿيڻ بعد وري 2 سيپٽمبر 1977ع ۾ ڪيس نواب محمد احمد خان جي قتل جي الزام هيٺ گرفتار ڪري جيل موڪليو ويو. مولوي مشتاق حسين اهڙو جج مو جيڪو ڀٽي صاحب سان ذاتي دشمني رکندو هو ان کي چيف جسٽس لاهور هئڻ سان گڏ پاڪستان جو چيف اليڪشن ڪمشنر به مقرر ڪيو ويو. ٻن عهدن ملڻ سبب هو حڪومت جو احسانمند ٿيو ۽ هاءِ ڪورٽ ۾ ٻين چئن ججن تي ٻڌل جملي پنجن ججن جي هيءَ بينچ ڀٽي صاحب جو ڪيس هلائڻ لڳي ۽ جنرل ضياءَ جي منشا مطابق ڪيس هلائي ڀٽي صاحب متعلق اهڙا ريمارڪ به ڏنا جيڪي ڀٽي صاحب لاءِ نازيبا ۽ ڏکوئيندڙ هئا. 18 مارچ 1978ع تي ڀٽي صاحب کي موت جي سزا ٻڌائي وئي، ڀٽي صاحب هاءِ ڪورٽ لاهور جي ان فيصلي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي جتي اٽڪل 10 مهينا ڪيس هليو. سپريم ڪورٽ جي ٽن ججن ڀٽي صاحب کي بيگناهه ثابت ڪري، آزاد ڪيو پر باقي چئن ججن موت جي سزا بحال رکي. فيصلي جي حق ۾ ججن جي گهڻائيءَ کي ڏسندي جناب ڀٽي



www.bhutto.org

صاحب کي 4 اپريل 1979ع ۾ رات جو 2 وڳي ڦاسي ڏني وئي. "انا وانا اليه راجعون". جناب ذوالفقار علي ڀٽو شهيد هڪ عظيم انسان ملڪ سان سچي محبت ڪندڙ ذهين سياستدان، عوام جو پيارو اڳواڻ ۽ بهترين مصنف هو. سندس هيٺيون تصنيفون نهايت مشهور آهن:

(1) پاڪستان کي سياسي حالات

(2) دي گريٽ ٽريجڊي

(3) ميٿ آف انڊيپينڊنس

(4) جيڪڏهن مونکي قتل ڪيو ويو

(5) ماءِ ڊيئريسٽ ڊاٽر



www.bhutto.org

# قائداعظم نالي ذوالفقار علي ڀٽو شهيد جو خط

چيري ويلي هوٽل
20_4_45

پيارا سائين:

سرحد صوبي ۾ پيدا ٿيل سياسي حالتن مونکي ايترو تہ جذباتي ۽ مشتعل ڪري ڇڏيو آهي جو مان پنهنجي اڳواڻ کي انهن بابت لکڻ جي جرئت ڪري رهيو آهيان. مسلمانن کي محسوس ڪرڻ گهرجي تہ هندو مسلمانن سان ڪڏهن بہ مخلص ۽ وفادار نہ رهندا. اهي اسان جي قرآن ۽ پيغمبر (صلعم) جا سخت دشمن آهن ۽ اسان پليءَ پٽ ڄاڻون ٿا تہ اوهان ئي اسانجا اڳواڻ ۽ ليڊر آهيو اوهان ئي اسان کي هڪ جهنڊي ۽ پليٽ فارم تي گڏ ڪيو آهي. هر هڪ مسلمان جو اهوئي نعرو هئڻ گهرجي تہ "پاڪستان ڏانهن وڌو". "اسانجي قسمت پاڪستان آهي" اسانجو مقصد ۽ منزل پاڪستان آهي. اسانکي اوهان جي صورت ۾ هڪ قابل اڳواڻ مليو آهي. هاڻي ڪوبہ اسانکي پنهنجي منزل ڏانهن وڃڻ کان روڪي نٿو سگهي. اسان سڀ هڪ قوم آهيون. دنيا جي وڏن کنڊن وانگر هندستان خود هڪ ننڍو کنڊ آهي جنهن ۾ گهڻيون قومون آباد آهن. ان ڪري اسان کي پنهنجا حق حاصل ڪرڻ کپن. مونکي تعجب آهي تہ ڊاڪٽر خان صاحب ۽ محمد عبدالله جهڙا پارٽ کي مسلمان سڏائيندڙ ڪانگريس جي پاليسين آڏو بيوس آهن. جڏهن مان مسلم ليگ جي خلاف انهن جون تقريرون پڙهندو آهيان تہ منهنجي دل مايوس ٿي ويندي آهي. ڇا هو ايترا اڻ ڄاڻ آهن! سندن حب الوطنيءَ کي ڇا ٿيو آهي؟ هزارين نہ لکين عبدالله بہ گڏجي ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي اسان کي غلط چوڻ تہ بہ اسان تي ڪوبہ اثر نہ ٿيندو ۽ هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب نہ ٿيندا. انهن کي ڪهڙي خبر تہ اسان ڪيتري قدر اوهان کان متاثر آهيون ۽ اوهان تي ڪيترو ناز ڪريون ٿا. هڪ شاگرد جي



www.bhutto.org

حيثيت ۾ مان ايترو سگهارو نه آهيان جو وطن جي قيام ۾ ڪا مدد ڪري سگهان پر وقت اچڻ تي مان پنهنجي وطن لاءِ جان به قربان ڪندس. مان صوبي سنڌ سان تعلق رکان ٿو. سنڌ منهنجو اباڻو صوبو آهي، جتي ڪجهه تڪليفون درپيش آهن پر الله گهريو ته هڪ اهڙو ڏينهن به ايندو جڏهن هي صوبو پاڪستان جي ترقيءَ لاءِ وڏي اهميت جو وارو ٿيندو.

جناب اعليٰ آئون چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿو ته اوهان نهايت مصروف شخص آهيو اوهان وٽ هڪ شاگرد جي خط پڙهڻ جو وقت به مشڪل هوندو ان هوندي به منهنجو عرض آهي ته مونکي هن خط جو جواب ضرور ڏيندا. جيڪڏهن خط جي جواب گهرڻ واري حجت اوهانکي ناگوار لڳي ته مونکي معاف ڪندا. مون ڪجهه ڪوتاهه انديش ماڻهن جون تقريرون پڙهي پنهنجي جذبات جو اظهار ڪيو آهي.

اوهان جو

ذوالفقار علي ڀٽو



www.bhutto.org

# ذوالفقار علي ڀٽو شهيد جي خط لکڻ جو ڪارڻ

1945ع ۾ سرحد صوبي جي ماڻهن ۾ ڪانگريس جو اثر تيزيءَ سان وڌندو ٿي ويو انگريزن جو خيال هو تہ ڊاڪٽر خان صاحب کي اقتدار ۾ آندو وڃي، ان ڪري اورنگزيب خان ۽ ان جي مسلم ليگي وزارت ختم ڪري 16 مارچ 1945ع ۾ کيس وزيراعليٰ بنائي ان وقت جي گورنر سرجارج ڪينگهم جي تعاون سان سرحد صوبي ۾ ڪانگريس جي وزارت ٺاهي وئي. وزيراعليٰ ٿيڻ بعد ڊاڪٽر خان صاحب پشاور ۾ 22 کان 24 اپريل 1945ع تائين ڪانگريس ڪانفرنس ڪوٺائي جنهن جي صدارت آل انڊيا ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي هڪ ميمبر ڊاڪٽر سيد محمود ڪئي، ان ۾ ڪانگريس جي ٻين مسلمان ميمبرن جهڙوڪ شيخ محمد عبدالله، مولا بخش، ڊاڪٽر شوڪت انصاري، خان عبدالغفار خان ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ڪانفرنس ۾ پاڪستان ٺهڻ جي سخت مخالفت ۽ قائداعظم تي تنقيد ڪئي وئي. اهڙي صورتحال معلوم ڪري نائين ڪلاس ۾ پڙهندڙ 16 سال عمر وارو شاگرد ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي جذبات تي ڪنٽرول نہ ڪري سگهيو ۽ پنهنجي جذبات جو اظهار قائداعظم ڏانهن لکيل خط ۾ ڪيائين.



www.bhutto.org

# ذوالفقار علي ڀٽو بحيثيت قانون جو پروفيسر

ذوالفقار علي ڀٽو هڪ ممتاز ماهر قانون هو. هن دنيا جي مشهور يونيورسٽين مان قانون جي تعليم حاصل ڪئي. برڪلي يونيورسٽيءَ مان ڀٽي صاحب پوليٽيڪل سائنس ۽ بين الاقوامي قانون جي تعليم جون ڊگريون وٺي وري آڪسفورڊ يونيورسٽي (انگلينڊ مان) قانون ۾ ايم اي آنرز ڪيائين ۽ لنڪن يونيورسٽي مان بيريسٽري جي سند به ورتائين. سندس ذهانت ۽ قابليت کي ڏسي انهيءَ يونيورسٽيءَ کيس ليڪچررشپ جي آڇ ڪئي ۽ اها آڇ سندس لاءِ هڪ وڏو اعزاز هو. ايشيا مان هي پهريون مسلمان هو جنهن کي ان عهدي تي ڪم ڪرڻ جو اعزاز مليو ان عهدي تي ڪجهه عرصو ڪم ڪرڻ دوران سر شاهنواز ڀٽو بيمار ٿي پيو. والد جي بيماريءَ جي تار ملڻ بعد ذوالفقار ڀٽو سمورا ڪم ڪار ڇڏي واپس پاڪستان آيو ۽ پيءُ جي سار سنڀال لهڻ لڳو.

جيئن ته سر شاهنواز جي علالت سبب زميني ۽ گهرو معاملا بي ڌيانيءَ سبب وڌيڪ توجه طلب ٿي ويا هئا. ان ڪري ڀٽي صاحب انگلينڊ وڃڻ جو ارادو ترڪ ڪري انهن معاملن تي وڌيڪ توجه ڏنو ۽ فيصلو ڪيو ته ملڪ ۾ رهي عملي جدوجهد شروع ڪجي.

انهن ڏينهن ۾ ڪراچيءَ ۾ رامچندا ٽي نالي هڪ مشهور وڪيل هو. ڀٽي صاحب ان سان گڏجي وڪالت شروع ڪئي. رامچندا ٽي ڀٽي صاحب جي ذهانت، قابليت ۽ وڌندڙ مقبوليت سهي نه سگهيو ۽ کيس زميني سنڀالڻ جا مشورا ڏيڻ لڳو. ڀٽو صاحب سندس بدنيتي پرکي، ان کان جدا ٿي پنهنجي آفيس قائم ڪري پريڪٽس شروع ڪئي.

ڀٽي صاحب جن به ڪيسن جي پيروي هاءِ ڪورٽ ۾ ڪئي، سي سڀ کٽيا. سندس پهرين ڪيس جي فتوي ٻڌائڻ وقت ان وقت جي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي انگريز چيف جسٽس ڀٽي صاحب جي ذهانت ۽ قانوني مهارت جي مڃتا طور چيو ته "مان پوري يقين ۽ ڀروسي سان چوان ٿو ته مسٽر ڀٽو


www.bhutto.org

تمام جلد هن ملڪ جو سوڀارو ۽ ڪامياب وڪيل بڻجي ويندو.* ڀٽي صاحب جي وڪالت ۾ ڪاميابي سبب ڪيس حڪومت ۾ وزير ٿيڻ جي آڇ ڪئي وئي ۽ پاڻ به ڪيسن جي پيروي ڪرڻ بدران ملڪ جي قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي خدمت ڪرڻ نهايت ضروري سمجهائين ۽ قانون جي حاصل ڪيل اعليٰ تعليم هر قدم تي سندس رهنمائي ڪندي رهي. ايتري قدر جو جڏهن سندس مٿان خون جو ڪيس داخل ٿيو ته لاهور هاءِ ڪورٽ ۽ سپريم ڪورٽ ۾ ڪيسن جي تياري ۾ پنهنجي وڪيلن جي وقت به وقت مدد ڪندو رهيو.


www.bhutto.org

# ذوالفقار علي ڀٽو وزير خارجه جي حيثيت ۾

ذوالفقار علي ڀٽي جي ذهانت ۽ قابليت سبب صدر ايوب خان ان کان وڌيڪ متاثر هو. ڀٽي صاحب اهو محسوس ڪيو هو ته سائنسي ۽ فني ترقيءَ کانسواءِ ڪوبه ملڪ اڳتي وڌي نٿو سگهي ۽ ان معاملي ۾ ڪنهن به هڪ ملڪ جي آسري تي رهڻ بيڪار آهي. ان ڪري آمريڪا بدران اسرايل ملڪن کان به مدد وٺڻ گهرجي ۽ اشتراڪي ملڪن کي به نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي. ان ڪري محمد علي بوگره ان وقت جي پرڏيهي وزير جي اوچتي وفات سبب 23 جنوري 1963ع تي ڀٽي صاحب کي پرڏيهي وزير مقرر ڪيو ويو. ڀٽي صاحب جي مرتب ڪيل پرڏيهي پاليسيءَ جو خاص اصول هئو ته "سڀني ملڪن سان دوستاڻا تعلقات هجن" هوڪنهن به بلاڪ سان وابسته ٿيڻ نه چاهيندو هو. هن چاهيو ٿي ته ٽين دنيا جو هڪ الڳ اتحاد ٺاهيو وڃي ۽ آزادي پسند قومن ۽ تحريڪن جي حمايت ڪئي وڃي. پشاور مان آمريڪي جاسوسي جهاز U_2 اڏائڻ واري واقعي جي تلخي گهٽائڻ لاءِ هن 1960ع ۾ روس ويندڙ وفد جي اڳواڻي ڪئي. ٻنهي ملڪن ۾ پيدا ٿيل غلط فهميون ختم ڪري ٻنهي ملڪن و چ ۾ اقتصادي لاڳاپن جي جي شروعات ڪيائين. ڀارت ۽ چين وچ ۾ سرحدي جهيڙي سبب علائقائي صورتحال جي تبديليءَ مان واضح ٿي ويو ته آمريڪا ڪميونزم دشمنيءَ ۾ پاڪستان جي مفادن کي به داءَ تي لڳائي ڇڏيندو. انهن سرحدي جهڙپن کان پوءِ آمريڪا ڀارت ڏانهن بيشمار هٿيار موڪليا. ايتري قدر جو پاڪستان ڏانهن موڪليل هٿيار به واٽ تي روڪي ڀارت ڏانهن موڪليا ويا.

1959ع جي معاهدي موجب پاڪستان ۽ آمريڪا هڪ ٻئي جا اتحادي هئا ۽ ڀارت پاڪستان جو ڪٽر مخالف هو. پاڪستان جي احتجاج باوجود آمريڪا ڀارت ۾ هٿيارن جا ڍير لڳائي ڇڏيا. اهڙين حالتن ۾ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ تبديلي اٽل هئي. پرڏيهي وزير جو عهدو سنڀالڻ جي هڪ مهيني بعد ڀٽو صاحب پيڪنگ پهچي ويو. چين اسانجو پاڙيسري ملڪ آهي، دنيا جي آباديءَ جوا ٽڪل ٽيون حصو هن ملڪ ۾ رهي



www.bhutto.org

تو. هن ملڪ جي اڳواڻن سان ڪامياب سرحدي ڳالهين جي نتيجي ۾ چين پنهنجي قبضي هيٺ آيل 750 چورس ميل سرحدي علائقو پاڪستان جي حوالي ڪري ڇڏيو. اهڙي سرحدي معاهدي جو اعلان ٿيڻ سان ڀارت ۾ هلچل مچي وئي. يورپي ملڪن ۾ حيرانگي پکڙجي ويئي. آمريڪي پرڏيهي وزير يڪدم پاڪستاني سفير سان ملاقات ڪري هن معاهدي جا تفصيل طلب ڪيا. آمريڪا کي خوف هو تہ ڪٿي ٻنهي ملڪن گڏيل دفاعي معاهدو نہ ڪيو هجي. اهڙيءَ طرح علائقائي ۽ بين الاقوامي تبديليون شروع ٿي ويون ۽ چين پاڪستان جو سڀ کان ويجهود وست بنجي ويو. ذوالفقار علي ڀٽي دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جا دورا ڪيا جهڙوڪ ايران، فرانس، آمريڪا، برطانيا، برما، روس، چين، مصر، الجزائر، اولهہ جرمني ۽ انڊونيشيا وغيره. اهي دورا نهايت اهم هئا. پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي تيزيءَ سان مقبول ٿيندي وئي۽ ڀارت جي بين الاقوامي سطح تي اهميت گهٽجڻ لڳي. پاڪستان ٻن فوجي معاهدن سنٽو ۽ سيٽو ۾ شامل هئو. جيڪي آمريڪا پنهنجن مفادن خاطر ڪرايا هئا پر انهن معاهدن جي پاڻ ئي خلاف ورزي ڪري ڀارت کي هٿيار پهچائي رهيو هو جيڪو فوجي معاهدن ۾ بہ شامل نہ هو. ڀٽي صاحب جو خيال هو تہ جيئن تہ آمريڪا اهي معاهدا پنهنجي مفاد خاطر ڪميونسٽن جي خيالي خطري سبب ڪرايا هئا. تنهنڪري پاڪستان کي انهن مان ٻاهر نڪرڻ کپي. ڇاڪاڻ تہ اهي پاڪستان جي آزاد خارجہ پاليسيءَ جي راهہ ۾ وڏي رنڊڪ هئا.

ذوالفقار علي ڀٽي جي هيءَ پرڏيهي پاليسي آمريڪا لاءِ اڻوڻندڙ هئي ان ڪري هن هٿيارن ۽ اقتصادي امداد سان ڀارت کي نوازڻ شروع ڪيو. پاڪستان جي امداد بند ڪيائين پر پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ من پسند تبديلي نہ ڏسي سبق سيکارڻ لاءِ ڀارت تي واضح ڪيائين تہ پاڪستان سان جنگ لڳڻ جي صورت ۾ آمريڪا پاڪستان جو ساٿ نہ ڏيندو. آگسٽ 1965ع ۾ پاڪستان جي آمريڪي امداد بند ٿي تہ سيپٽمبر 1965ع ۾ ڀارت پاڪستان تي حملو ڪري ڏنو جنگ شروع ٿيڻ جو اطلاع ملڻ بعد ڀٽو صاحب رات جو چين جي سفير وٽ ويو. صلاح ۽ مشوري بعد ايوان صدر موٽي آيو جتي ڪمانڊر ان چيف جنرل موسيٰ خان ڪيس چيو تہ "هاڻي پنهنجي دوست چين کي گهراءِ نہ". ڀٽي صاحب جواب ڏنو تہ "چين کي ڇا گهرايان اهو تہ اڳي ئي اسان سان گڏ آهي" اهڙو جواب ٻڌي صدر ايوب جو حوصلو بلند ٿيو.



www.bhutto.org

جنگ جي ڪجهه ڏينهن بعد جڏهن حالتون ۽ ماحول خراب ٿي ويو ته آمريڪا جو سفير فارلينڊ صدر ايوب وٽ آيو ۽ ٺوڪ ڪندي چيائين، "مسٽر پريزيڊنٽ هاٿي توهان جو ڇا ڇوڙ آهي، هينئر ته ڀارت جو هٿ اوهانجي ڳچيءَ تائين تي پهچي ويو آهي." صدر ايوب چيو ته "مسٽر ان جو جواب اوهانکي صرف نون ڪلاڪن بعد ملي ويندو." ۽ ڀارت جو اهو حملو ناڪام ٿي ويو. چين ۽ ٻين دوستن پاڪستان جي حمايت جو اعلان ڪيو. انڊونيشيا جي صدر سوئيڪارنو پنهنجو بحري ٻيڙو پاڪستان جي حوالي ڪيو. چين ڀارت کي الٽيميٽم ڏنو ته پاڪستان خلاف جنگ هڪدم بند ڪري، ترڪيءَ اعلان ڪيو ته سندس هوائي جهاز ڀارت مٿان بہ اڏامي سگهن ٿا. سعودي عرب، مصر، ايران، عراق، اردن، الجزائر، شام، لبنان، سوڊان، يمن، تيونس، مراڪش، ڪويت، البانيہ لبيا ۽ آفريڪا جي ٻين مسلمان ملڪن ڀارتي اڳرائيءَ جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي. ان وچ ۾ ذوالفقار علي ڀٽي اقوام متحده جي سلامتي ڪائونسل ۾ اعلان ڪيو ته اسان ملڪ جي دفاع لاءِ هزارن سالن تائين جنگ ڪنداسين. سندس اهڙي تقرير عوام جي دلين ۾ بي انداز عقيدت پيدا ڪئي ۽ قوم جو حوصلو بلند ٿي ويو. ڀارت کي شڪست نصيب ٿي ۽ هن بنا ڪنهن بہ شرط جي جنگ بندي قبول ڪئي. سوويت يونين ۽ آمريڪا ڪوشش ڪئي ته ڀارت ۽ پاڪستان جي وچ ۾ صلح ٿي وڃي. ڀٽو صاحب هڪ بامقصد صلح جي حق ۾ هو پر صدر ايوب ۾ ڀارت جهڙي همت نہ رهي هئي. آمريڪي حڪومت ان تي دٻاءُ وجهڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي هئي. سوويت يونين ۽ آمريڪا صلاح ڪري صدر ايوب خان ۽ ڀارت جي وزيراعظم لال بهادر شاستري کي روس اچڻ جي دعوت ڏني. اتي ڪيترائي ڏينهن ڳالهيون ٿينديون رهيون. روسي وزيراعظم ڪوسيگن صلح جا شرط طئي ڪري ورتا هئا پر ذوالفقار علي ڀٽو کي انهن تي اعتراض هو. آخرڪار سوويت وزيراعظم صدر ايوب ۽ لال بهادر شاستريءَ جي اڪيلائيءَ ۾ ملاقات ڪرائي جتي ٻنهي ڄڻن ان اعلان تي صحيحون ڪيون. لال بهادر شاستري هن معاهدي تي ايترو تہ خوش هو جو خوشيءَ سبب سندس هارٽ فيل ٿي ويو. معاهدي کان پوءِ صدر ايوب آمريڪا جي دوري تي ويو. ذوالفقار علي ڀٽو بہ ساڻس گڏ هيو. آمريڪا ۾ ترسڻ دوران صدر جانسن وجهه وٺي اڪيلائيءَ ۾ ڀٽي صاحب کي چيو تہ:

"اسان جي رستي تان هٽي وڃ، توکي جيتري بہ دولت دنيا جي جنهن بہ حصي ۾ کپي، ملي ويندي."



www.bhutto.org

ان تي ڀٽي صاحب ورندي ڏنس:
"اسان غيرمند قوم آهيون، ڪو ويڪائو مال نہ آهيون.
آمريڪا جو اهو حربو ناڪام ٿيو. 10 جنوري 1966ع تي اعلان تاشقند پڌرو ٿيو تہ سڄي ملڪ ۾ ان جي خلاف مظاهرا شروع ٿي ويا. ميدان ۾ کٽيل جنگ ڳالهين جي ميز تي هارائڻ سبب مظاهرن ۽ جلوسن جو سلسلو وڌندو ويو. صدر ايوب خان ريڊيو تي ڪيل تقرير دوران عوام کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ماڻهو ذوالفقار علي ڀٽو کان حقيقت ٻڌڻ پيا گهرن. ڀٽو صاحب تاشقند کان موٽڻ بعد موڪل تي لاڙڪاڻي هليو ويو هو. 15 جنوري 1966ع تي لاڙڪاڻي مان هڪ بيان جاري ڪيائين تہ "اسانکي اها حقيقت مڃڻ گهرجي تہ تاشقند ۾ مسئلي جو حل ڳولي نہ سگهيا آهيون. اعلان تاشقند بذات خود ڪا منزل نہ آهي ۽ نہ وري ڀارت سان پنهنجن لاڳاپن ۾ تبديليءَ جي ڪا ضمانت ڏئي ٿو سگهي ڇاڪاڻ تہ ڪشمير مسئلي جي پرامن ۽ مستقل حل کي وساري نٿو سگهجي." اعلان تاشقند جي نتيجي ۾ آمريڪا جي حڪومت پاڪستان کي پنج ڪروڙ ڊالرن جي اقتصادي امداد ڏني ۽ پاڪستان هڪ لائق جرئتمند پرڏيهي وزير کان محروم ٿي ويو. ان وقت جو پرڏيهي وزير محمد شعيب آمريڪا جو ايجنٽ هو جنهن آمريڪا جي خفيہ ادارن کان ڊيڄاري صدر ايوب کي پنهنجي اثر هيٺ آندو. انهن ڏينهن ۾ آمريڪا جي خفيہ ادارن سازشون سٽي پاڪستان جي عظيم دوست انڊونيشيا جي صدر احمد سوئيڪارنو جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو.

باقي ذوالفقار علي ڀٽو رهيل هو جنهن کان ڪين بدلو ورتو هو. 18 جون 1966ع تي ڀٽو صاحب ايوب خان جي حڪومت کان ڌار ٿيو. ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن ٽرين رستي راولپنڊي کان لاهور پهتو تہ لاتعداد ماڻهو سندس ديدار لاءِ لاهور اسٽيشن تي پهتا. ڀٽو هڪ غيرتمند قوم جي علامت بڻجي ويو. عوام جي اها محبت ڏسي ڀٽي صاحب جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا ۽ جنهن رومال سان ڳوڙها اگهيائين، ماڻهن اهو تبرڪ طور سانڍي رکيو. انهن ڏينهن کان پوءِ ايوب خان ماڻهن جي دلين تان ميساريو ويو. سندس ڪابينا ۾ اهڙو ڪوبہ وزير ڪونہ هو جيڪو ڀٽي صاحب جو نعم البدل ثابت ٿي سگهي. لاهور کان ڀٽو صاحب لاڙڪاڻي پوءِ ڪراچي ۽ 15 جولاءِ 1966ع تي عمرو ادا ڪرڻ لاءِ جدي روانو ٿي ويو.


www.bhutto.org

# پرڏيهي وزير ذوالفقار علي ڀٽو جون ساروڻيون

پاڪستان اڄ تائين پنهنجي هڪ عظيم پاڙيسري ملڪ سوويت يونين کي نظرانداز ڪندو پئي آيو. آمريڪا کي پشاور مان U2 جاسوسي جهاز روس جي جاسوسي ڪرڻ لاءِ اڏائڻ جي اجازت ڏيڻ ۽ اهڙي طرح ٻيون ڪيتريون جاسوسي ڪرڻ جون سهوليتون ڏيڻ واري ڪم سوويت يونين کي وڏيڪ ڪاوڙائي ڇڏيو هو ۽ پنهنجي هن وڏي پاڙيسري ملڪ سان واپاري ۽ ثقافتي لاڳاپا قائم ڪرڻ جي ڪڏهن به ضرورت محسوس نه ڪئي وئي هئي. دنيا آهستي آهستي تبديل ٿي رهي هئي، آمريڪا جهڙو روس جو ڪٽر مخالف ملڪ به پنهنجن پاليسين ۾ وقت به وقت تبديليون آڻي رهيو هو پر پاڪستان پنهنجي پراڻي روش تي قائم رهيو. آمريڪا به ضروري نه سمجهيو ته پاڪستان کي دنيا ۾ ايندڙ تبديلين سبب پنهنجي پاليسي تبديل ڪرڻ لاءِ چوي.

1965ع واري جنگ وقت مغربي ملڪن ڀارت ۽ پاڪستان ڏانهن هٿيار موڪلڻ تي پابندي هڻي ڇڏي پر سوويت يونين ڀارت تي ڪا به اهڙي پابندي ڪانه لڳائي هئي، ٻنهي ملڪن جي اڳ ۾ طئي ٿيل معاهدي مطابق هٿيارن جي سپلاءِ جاري رهي.

سوويت پرڏيهي وزير گروميڪو نيويارڪ ۾ چيو ته "سوويت يونين ڀارت جو پڪو دوست آهي." ۽ سلامتي ڪائونسل ۾ 20 سيپٽمبر واري قرارداد به سوويت يونين جي حمايت سان منظور ٿي. آمريڪا سان اسان جا لاڳاپا ان ڪري هئا ته هو هڪ وڏي اثر وارو ۽ طاقتور ملڪ آهي. هڪجهڙن ۽ شفاف ٻه طرفن لاڳاپن لاءِ پهريون شرط آهي ته لاڳاپا ٻنهي قومن جي گڏيل قومي مفادن تائين محدود هجن ۽ انهن کي پنهنجن مفادن کان وڌيڪ ٻي ڪنهن به شيءِ جو پابند ٿيڻ نه گهرجي جو ڪنهن ٽئين ملڪ کي انهن مان نقصان رسڻ جو انديشو هجي. عالمي طاقتون نهايت اثر رسوخ واريون آهن جيڪي دنيا جي ننڍين قومن جي تقدير متعين ڪرڻ ۾ وڌيڪ اثرائتو


www.bhutto.org

ڪردار ادا ڪن ٿيون ۽ ننڍين قومن لاءِ اهو مسئلو اهم آهي ته هو پنهنجا معاملا ڪهڙيءَ طرح هلائن جو انهن جا بنيادي مفاد ۽ علائقائي سلامتي محفوظ رهي. وڏين طاقتن جي وچ ۾ رهي برابريءَ واري حيثيت برقرار رکڻ تمام مشڪل آهي. اهڙي حالت ۾ وڏيون طاقتون ڪيترائي فائدا زبردستي حاصل ڪري وٺنديون آهن. ڪمزور قومن لاءِ اهو تمام مشڪل آهي ته هو انصاف جي نالي تي ۽ پنهنجي مقصد جي سچائيءَ جي بنياد تي وڏي طاقت کي قائل ڪري سگهن.

انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته ننڍيون قومون وڏين طاقتن جي حڪمن جي پوئواري ڪنديون رهن ۽ مالي ۽ اقتصادي فائدن ۽ خوشحاليءَ جي واعدن جي عيوض پنهنجي آزادي قربان ڪنديون رهن. ننڍين قومن لاءِ ضروري آهي ته پنهنجا معاملا اهڙي هوشياريءَ سان هلائن جو پنهنجي آزادي برقرار رکي سگهن. وڏين طاقتن ۽ ننڍين قومن سان پنهنجي لاڳاپا ۾ لچڪ پيدا ڪن، ننڍين قومن لاءِ اها ڳالهه خطرناڪ آهي ته هو وڏين طاقتن کي ڇڏي ڪنهن هڪ وڏي طاقت سان سلهاڙيل رهن. اهڙي حالت ۾ ٻين وڏين طاقتن سان باعزت طريقي سان ٻطرفا لاڳاپا برقرار رکي نه سگهبا. اها به هڪ وڏي حماقت ٿيندي ته هڪ وڏي طاقت جي چوڻ تي ٻي وڏي طاقت سان اشتعال انگيز پاليسي اختيار ڪجي.

ڪنهن وڏي طاقت مان اها اميد رکڻ ته ننڍي طاقت جي مطالبي تي پنهنجي عالمي مقصد تان هٽي ويندي، خام خيالي آهي.

تڪراري مسئلن کي چٽيءَ طرح ٻنهي طاقتن جي وچ ۾ ٿيل ناهه کان الڳ رکجي ته جيئن ٻي ڌر تي ان جا ناخوشگوار اثر پئجي نه سگهن. ان جو اهو مطلب نه آهي ته وڏين طاقتن سان بهتر لاڳاپا نه رکجن.



www.bhutto.org

# انقلابي جدوجهد جي شروعات

ايوب خان جي ڪابينا مان جدا ٿيڻ کان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽو سياسي ۽ سماجي زنجيرن ۾ جڪڙيل عوام کي آزادي ڏيارڻ لاءِ ۽ انهن لاءِ روشن مستقبل ۽ خوشحال زندگي گذارڻ جا موقعا ميسر ڪرڻ خاطر هڪ انقلابي پروگرام شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ اهڙي پروگرام لاءِ عوام کي پروسي ۾ ورتو. هن سلسلي ۾ سندس هڪ ڪتاب "پاڪستان ڪي سياسي حالات" به پڌرو ٿيو. هن ڪتاب ۾ ڀٽي صاحب لکيو آهي ته پاڪستان جي قائم ٿيڻ بعد ملڪ ڪيترن ئي بحرانن مان گذرندو رهيو آهي، هر حڪومت قومي ايڪي لاءِ اپيلون ڪندي رهي آهي پر قومي وحدت پيدا ٿي نه سگهي آهي. اسانجي ملڪ ۾ هن قسمن جا بحران پيدا ٿيندا رهيا آهن. هڪڙا عام بحران جن سڄي دنيا خاص طرح ايشيا کي پنهنجي لپيٽ ۾ آندو آهي، ٻيا اهي جيڪي ڀارت ۽ پاڪستان ۾ پيدا ٿيندا رهيا آهن.

بحران ڪهڙي به قسم جا هجن ضروري آهي ته انهن جو چڱي طرح اڀياس ڪيو وڃي، رڳو اسانجي ملڪ ۾ نه پر دنيا جي ٻين ملڪن ۾ به بحران ايندا رهيا آهن جن انهن کي ڪاميابيءَ سان حل ڪري ترقي ماڻي آهي. پاڪستان پنهنجي ڪيترن ئي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو آهي. خاص طرح ملڪ جو آئين جنهن لاءِ قائداعظم فرمايو هيو ته ان جي چونڊ پاڪستاني عوام ڪندو پر اڄ تائين ان سلسلي ۾ ڪو به ڪم ٿي نه سگهيو آهي. قانون ساز اسيمبليون چونڊ تڪ بدران بالغ راءِ ڏيڻ ذريعي چونڊيون وڃن، پنهنجي ووٽ جو حق استعمال ڪرڻ ۾ ڪا به رڪاوٽ يا رنڊڪ نه پوڻ کپي. مرد ۽ عورت ٻنهي کي ووٽ جو حق هئڻ کپي ۽ اميدوار لاءِ صاحب جائداد يا وڏيڪ تعليم يافته هجڻ جهڙو ڪو به شرط نه هجڻ کپي.

سيپٽمبر 1965ع واري جنگ ختم ٿيڻ بعد تاشقند معاهدو وجود ۾ آيو ۽ 1967ع جي بجيٽ ۾ به فوج جي خرچ ۾ گهٽتائي ڪئي ويئي. ڀارت



www.bhutto.org

سان بہ اسانجي لاڳاپن ۾ تبديلي اچڻ شروع ٿي. انهن حالتن ۾ ڊفينس آف پاڪستان رولز کي قائم رکڻ جو ڪو جواز باقي نہ ٿو رهي.

ملڪ ۾ اختيارن جو ناجائز استعمال، اسمگلنگ، بي ايماني، ڏوهن ۾ زيادتين ۾ تمام. گهڻي واڌ ٿي آهي. وچولو طبقو خاص طرح انهن کان متاثر ٿي رهيو آهي. عام ماڻهن لاءِ ايترا پئسا ڪمائڻ مشڪل آهن جن مان عزت سان گذر ڪري سگهن. ماڻهو اهڙيون حالتون برداشت ڪري نٿا سگهن. اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان پيپلز پارٽيءَ اعلان ڪيو آهي تہ "طاقت جو سرچشمو عوام آهي". ملڪ ۾ اهڙن آزاد ادارن جي ضرورت آهي جيڪي پنهنجي ڌاهيندڙن کان پوءِ قائم رهن ۽ انهن جي ڪارڪردگيءَ سبب ماڻهن ۾ اعتماد بحال ٿئي ۽ اهي طاقتور ۽ لالچي ماڻهن خلاف پنهنجو بچاءَ ڪرڻ جي همت رکندا هجن. جڏهن ماڻهو پنهنجي پيرن تي بيهي ويندا تہ پو انهن ۾ يائيچاري جي فضا پيدا ٿيندي.

ملڪ جي اندروني اختلافن کي ۽ هڪ ٻئي جي خيالن کي سمجهڻ ۽ هڪ ٻئي جي رضامنديءَ سان حل ڪرڻ تمام ضروري آهي ۽ اسانجي عوام ۾ پنهنجي قسمت جو فيصلو ڪرڻ جي بهترين صلاحيت موجود آهي. ٻين سيني آزادين سان گڏ تعليم جي آزادي کسي وئي آهي. يونيورسٽين جي خودمختياري محدود ڪئي وئي آهي جيڪڏهن اها حالت رهي تہ اڳتي هلي پوليس ئي فيصلو ڪندي تہ ڇا پڙهايو وڃي. نشر اشاعت جي سيني ذريعن تي حڪومت جو ڪنٽرول هوندي بہ حڪومت شاگردن کي مطمئن ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي آهي. جيئن تہ حڪومت عوام کان پري ٿي وئي آهي تنهن ڪري نہ نوجوانن کي سمجهي ٿي سگهي ۽ نہ ئي عام ماڻهن جي خواهشن کي. اهڙين حالتن ۾ حڪومت موجوده نسل کي مايوس ڪيو آهي ۽ ايندڙ نسل جي حمايت وڃائي رهي آهي جيڏانهن بہ ڏسندا اوهانکي بي آرامي نظر ايندي.

غريب ماڻهن لاءِ بدانتظامي، پنهنجا نوازڻ ۽ لاقانونيت جي وڌندڙ مصيبت سهڻ کان ٻاهر آهي.

(ذوالفقار علي ڀٽو جي هڪ ڪتاب "پاڪستان ڪي سياسي حالات" جو هڪ باب)



www.bhutto.org

# پيپلز پارٽيءَ جو قائم ڪرڻ

1966ع ۾ ايوب خان جي ڪابينا مان استعيفيٰ ڏيڻ بعد ڀٽو صاحب جڏهن لاهور آيو هو تہ لکين ماڻهن سان گڏ لاهور جي سڀني تعليمي ادارن جا شاگرد سندس استقبال لاءِ موجود هئا. انهن ۾ انجنيئرنگ يونيورسٽي لاهور جا شاگرد بہ هئا. جن پوءِ ڀٽي صاحب سان هوٽل ۾ ملاقات ڪري هڪ نئين سياسي پارٽي ٺاهڻ جو مشورو ڏنو ۽ ان جو نالو پيپلز پارٽي رکڻ جي صلاح ڏني. ڀٽي صاحب اها صلاح قبول ڪئي. شاگرد ڏاڍا خوش ٿيا. انهن سيپٽمبر 1967ع ۾ ڀٽي صاحب جي ٻيهر لاهور جي دوري وقت پنهنجي طرفان تيار ڪيل پيپلز پارٽيءَ جو جهنڊو ڪيس پيش ڪيو جيڪو پيپلز پارٽيءَ جي مکيہ اڳواڻن سان مشورو ڪرڻ بعد منظور ڪيو ويو.

30 نومبر 1967ع تي لاهور ۾ ڊاڪٽر مبشر حسن جي رهائش گاهہ تي ڀٽي صاحب هڪ خاص ڪنوينشن ڪوٺايو جنهن ۾ چئني صوبن مان آيل سندس ساٿين شرڪت ڪئي. ڀٽي صاحب هڪ نئين سياسي پارٽي پاڪستان پيپلز پارٽي جي نالي سان ٺاهڻ جو اعلان ڪيو.

پاڪستان ۾ هڪ نئين سياسي پارٽي ٺاهڻ بابت ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي خيالن جو اظهار پنهنجي لکڻين ۾ هيٺين ريت ڪيو آهي:

پاڪستان جي آزاد ۽ خودمختيار حڪومت ڪي قائم ٿئي هي ٽيون ڏهاڪو هلي رهيو آهي. آزاديءَ کان اڳ اعلان ڪيو ويو هو تہ پاڪستان جي حڪومت جو بنياد اسلامي اصولن تي رکيو ويندو. اسان جي سياسي، معاشي ۽ سماجي زندگي اسلام جي اصولن جي تابع هوندي پر اهو نہ ٿي سگهيو. 1965ع واري آئين ۾ بہ ڪيترائي مونجهارا هئا. ان ۾ مخلوط يا ڌار چونڊ سرشتي هيٺ چونڊون ڪرائڻ، اوڀر ۽ اولهہ پاڪستان وچ ۾ صوبائي برابري وارو مسئلو اولهہ پاڪستان جي وحدت ۽ ٻيا اهڙا ٻرندڙ مسئلا درپيش هئا.



www.bhutto.org

اسانجي معاشري ۾ رشوت خوري ۽ پنهنجن کي نوازڻ واري روش ايترو تہ زور وٺي وئي هئي جو اخلاقي ۽ سماجي زندگي سخت متاثر ٿي وئي هئي. غريب ۽ مزدور طبقي کي جهڙيءَ طرح بيدرديءَ سان نظرانداز ڪيو ويو هو ان جو مثال تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي. اهي غريب ۽ مزدور ماڻهو ئي آهن جن جي محنت سان ڪارخانا، ملون ۽ ٻيا ترقياتي ڪم ٿين ٿا ۽ ملڪ جي معاشي ۽ اقتصادي ميدان ۾ سرمائيدارن لاءِ ترقيءَ جا موقعا پيدا ٿيا آهن. پر انهن غريب ۽ محنتي ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ جيڪي اسانجي ملڪ ۾ اڪثريت سان آهن. مختلف حڪومتن ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو نتيجو اهو ٿيو تہ غريب وڌيڪ غريب ۽ بدحال ٿيندو ويو. ملڪي انتظام هن صديءَ جي بين الاقوامي معيار مطابق هئڻ بدران تيزيءَ سان بگڙجڻ لڳو. مزدورن ۾ بددلي پکڙجي وئي. پگهاردار ۽ سفيد پوش طبقو پنهنجون ضرورتون پوريون ڪرڻ کان قاصر هو. لالچ، خودغرضي ۽ نفع خوري اسانجي سماج ۾ پکڙجي وئي. تعليم جيڪا نوجوانن جي ڀلائي ۽ قومي ترقيءَ لاءِ نهايت ضروري آهي، ان جو معيار ڏينهون ڏينهن ڪرندو رهيو آهي. سڀ قومي ادارا سواءِ عدالتن ۽ فوج جي سخت بحران جو شڪار آهن. سرڪاري ملازم بہ سياسي چڪتاڻ ۾ سياستدانن سان ٻڌ ٿي پاڻ کي عوام جي خادم هئڻ بدران حاڪم سمجهڻ لڳا آهن.

ڀارت جي جارحاڻي ارادن ۽ ڪشمير ۾ کلي جارحيت سبب اسانجون ملڪي حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿينديون رهيون آهن.

1958ع واري مارشل لا کان اڳ ۾ اهڙيون حالتون هيون جن جي ڪري عوام ۾ هڪ دفعو ٻيهر اميد پيدا ٿي تہ هڪ نئين حڪومت ٺهڻ سان حالتون درست ٿي وينديون. مارشلا حڪومت زرعي سڌارن اقتصادي ۽ معاشي سڌارن سبب ڪنهن حد تائين ماڻهن جو اعتماد بحال ڪيو. بنيادي جمهوريت جي نظام سبب ڪيترائي نوان ادارا وجود ۾ آيا. جن حڪومت جو نظام درست ڪيو ۽ رشوت خوريءَ تي ڪنٽرول ڪيو. 1963ع ۾ مارشل لا لهڻ بعد جمهوريت ۽ آمريت جو ٻٽو نظام رائج ڪيو ويو. ان سان گڏ سموري پريس کي نيشنل پريس. ٽرسٽ جي صورت ۾ حڪومت جي قبضي ۾ ورتو ويو ۽ جمهوريت ختم ٿيڻ بعد پيدا ٿيل حالتن تي ضابطو رکڻ لاءِ هڪ سياسي پارٽي قائم ڪئي وئي جيڪا پهريائين تہ ڪنوينشن ليگ سڏجڻ لڳي پر پوءِ ان جو نالو پاڪستان مسلم ليگ رکيو ويو. بنيادي



www.bhutto.org

جمهوريت جي نظام هيٺ 1962ع ۽ 1965ع ۾ اليڪشنون به ٿيون. حڪومت ڪيترائي سڌارا به عمل ۾ آندا پر پوءِ به ڪيترائي بنيادي مسئلا پيدا ٿيا. رشوت خوري، پنهنجا نوازڻ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي بدعنوانيون وڌي ويون. ڏوهن ۾ زيادتين ۾ هر روز واڌارو ٿيندو رهيو. زرعي ترقيءَ ڏانهن ڪو به ڌيان نه ڏنو ويو ان ڪري وڏو معاشي بحران پيدا ٿيو. ملڪ ۾ خوراڪ جي کوٽ پيدا ٿي. ٻاهرين ملڪن مان اناج گهرائڻ تي متاستا وارو (پرڏيهي) ناڻو خرچ ٿيندو رهيو. افراط زر (ناڻي واڌ شرح) وڌڻ سبب شين جون قيمتون وڌنديون ويون. غريب ۽ سفيد پوش ماڻهن لاءِ مهانگائي جو بار سهڻ کان ٻاهر ٿي ويو. عوام قومي مسئلن کان لاتعلق ٿي ويو. سول ملازمن کي به اڳ جهڙو تحفظ حاصل نه رهيو.

1962ع ۾ ڀارت ۽ چين جي جنگ کان پوءِ پاڪستان کي بري، بحري ۽ هوائي فوج جي قوت کي جيتري قدر وڌائڻ جي ضرورت هئي ان ڏانهن ڌيان نه ڏنو ويو. اها لاپرواهي معاف ڪرڻ جهڙي نه آهي. 1965ع ۾ ڀارت جي حملن بعد شروع شروع ۾ فوجي طاقت کي ڪنهن قدر مضبوط ڪرڻ ڏانهن ڌيان ڏنو ويو پر پوءِ به ٻين ضرورتن کي گهٽائي فوجن کي مضبوط ڪرڻ بدران ڀارت سان ڪنهن نه ڪنهن نموني ٺاهه ڪرڻ کي وڌيڪ سمجهيو پئي ويو. ان ڪري پرڏيهي معاملن ۾ پرڏيهي لاڳاپن ۾ هڪ جهڙائي نه هجڻ سبب ڇڪتاڻ وڌندي رهي. ان ڪري ملڪ جي صوبن وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌندي رهي.

صدارتي ۽ پارليماني طرز حڪومت، محدود چونڊون ۽ بالغن جي ووٽ جي حق واري اليڪشن جي سلسلي ۾ قانوني اختلاف پيدا ٿي ويا هئا. تاشقند ۾ ٿيل شرمناڪ ٺاهه ۽ ڀارت کي امن لاءِ عاجزاڻي درخواست باوجود عوام کي پنهنجن بنيادي حقن کان محروم ڪرڻ لاءِ ڊفينس آف پاڪستان رولز تحت ڊگهي عرصي تائين محروم ڪيو ويو هو ان ڪري قومي زندگي بي مقصد ٿي وئي هئي.

اهي سياستدان جيڪي ڊگهين پابندين بعد آزاد ٿي سياسي ميدان ۾ آيا هئا تن مان ڪجهه حڪومتي پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ان جو هڪ حصو ٿي ويا هئا. ٻين وري پنهنجن سياسي پارٽين کي منظم ڪري هڪ متحده محاذ ٺاهيو هو ته جيئن هو ملڪ کي درپيش اندريان ۽ ٻاهريان مسئلا ختم ڪري سگهن. ڪيترين ئي قدامت پسند سياسي پارٽين جا اقتصادي ۽ معاشي



www.bhutto.org

پروگرام گھڻو ڪري هڪ جھڙا هئا. جيئن تہ پي. ڊي. ايم پارٽي قدامت پسند لاڙا رکيا ٿي، ان ڪري ترقي پسند لاڙن وارين پارٽين جھڙوڪ نيشنل عوامي پارٽي وغيره، پي. ڊي. ايم سان ٺاهہ نہ ڪري پنهنجو الڳ وجود برقرار رکيو ۽ سيني ترقي پسند پارٽين گڏجي پي. ڊي. ايم وانگر هڪ جدا تنظيم قائم ڪئي، ان ڪري اميد پيدا ٿي تہ مخالف ڌر جون سموريون پارٽيون گڏجي حقيقي جمهوريت بحال ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري سگهنديون.

پاڪستان پيپلز پارٽي قائم ڪرڻ ان ڪري بہ ضروري هئي ڇاڪاڻ تہ مخالف ڌر جي پارٽين جو اتحاد ان کان سواءِ نامڪمل هو. پيپلز پارٽي ٻين ترقي پسند پارٽين جي تاريخي ۽ سياسي نظرين بابت مونجهارا دور ڪرڻ لاءِ خلوص نيت سان بغير ڪنهن تعصب ۽ ذاتي بغض جي ڪوششون ڪندي. پيپلز پارٽي قائم ڪرڻ جو هڪ مکيہ سبب اهو بہ آهي تہ عوام جو هڪ فعال طبقو جنهن ۾ اسان جا نوجوان بہ شامل آهن، انهن کي يقين آهي تہ قدامت پسنديءَ سان پاڪستان کي درپيش مشڪلاتون ختم ٿي نہ سگهنديون.

هر دور جو پنهنجو سياسي ماحول آهي، هن دور ۾ ضروري آهي، نين امنگن ۾ دعوت عمل سان هڪ سياسي پارٽي نئين ولولي ۽ جوش سان پاڪستان جي عوام لاءِ هڪ مثالي معاشري جي تعمير جو ڪم ڪري جنهن ملڪ جي قائم ٿيڻ لاءِ تمام گھڻيون قربانيون ڏنيون آهن. عوام جي خواهش آهي تہ عدل ۽ انصاف تي ٻڌل هڪ نئون نظام قائم ڪيو وڃي جنهن ۾ ملڪ جي ڪروڙين عوام جي بنيادي حقن جي حفاظت ٿي سگهي. هي ڪم هڪ اهڙي نئين جماعت ڪري سگهي ٿي. جيڪا سچي جذبي نئين سوچ نئين يقين ۽ نئين اميد سان ملڪ جي منجهيل مسئلن کي محنت ڪش عوام جي مفاد خاطر حل ڪري

اسان جي سوچن ۾ هڪ انقلابي تبديليءَ جي ضرورت آهي، پاڪستان جي هاڻوڪين حالتن ۾ ضروري آهي تہ ننڍي رستي بجاءِ هڪ ڏکھو رستو اختيار ڪيو وڃي. تجربي مان ثابت ٿيو آهي تہ اهڙا مسئلا جن سان قوم ۽ ملڪ جي تقدير سلهاڙيل هجي، ننڍو رستو اختيار ڪرڻ سان منزل تي پهچي نہ ٿو سگهجي. انهن سياسي حقيقتن کي نظر ۾ رکڻ سان هيءَ ڳالھ بلڪل واضح ٿي چڪي آهي تہ هڪ نئين سياسي جماعت ۽ نئون دستور هن قوم ۽ عوام لاءِ ضروري آهي. موجوده حالتن ۾ هڪ نئين سياسي


www.bhutto.org

جماعت قائم ڪرڻ ۽ ان کي منظم ڪرڻ مشڪل ڪم آھي. ھن سلسلي ۾ سيني بندشن ۽ رنڊڪن جو احتساب ڪرڻ ضروري آھي. اسانجي سياسي زندگي ھاڻوڪيون حالتون ۽ اسانجو قومي مفاد اسان کان ان رستي تي ھلڻ جي گھر ڪري ٿو پوءِ ڇو نہ اسانکي وڏي ۾ وڏيون قربانيون ڏيڻيون پون. صرف اھو رستو اختيار ڪرڻ سان قومي مفادن کي سگھہ پھچائي سگھجي ٿي. عوام پنھنجي خلوص نيت ۽ پختي يقين جي ڪري پنھنجن سيني مسئلن کي حل ڪرڻ جا اھل آھن. ان ڪري عوامي اتحاد نيئن پارٽيءَ جو نصب العين آھي.

قومي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ قائداعظم جا قول اسان لاءِ مشعل راھہ آھن. ھن ملڪ جي عوام پڪو پھہ ڪيو آھي تہ ان جذبي ۽ روح کي زنده ڪري وٺندا جيڪو قائداعظم محمد علي جناح اسان کي عطا ڪيو ھو. اسانجو مقصد نوان مسئلا پيدا ڪرڻ يا پراڻا مسئلا جيئرا ڪرڻ نہ آھي. بلڪ انھن مسئلن جو حل ڳولڻ آھي، جيڪي پاڪستان جي قيام کان وٺي اسانجي سياسي زندگيءَ تي ڇانيل رھيا آھن.

ملڪ جي تقدير جو فيصلو چند مانھن کي پنھنجي مرضي مطابق ڪرڻ جو اختيار نہ آھي. پر ملڪ جو عوام بالغ راءِ ذريعي پنھنجي چونڊيل نمائندن وسيلي، آئيني، سياسي ۽ اقتصادي مسئلن بابت فيصلو ڪرڻ جو حق رکي ٿو.

خدا تعاليٰ جيڪو سيني جھانن جو پيدا ڪندڙ ۽ پالڻھار آھي، ان تي پڪو يقين رکندي ۽ ايمان آڻيندي قيام پاڪستان جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي وقف ڪندي، اسان ھن عظيم ڪم جي شروعات ڪريون ٿا. اسان کي يقين آھي تہ عوام جي ھڏي ۽ گڏيل سوچ ويچار سان پاڪستان جي خدمت ۾ مشغول ٿي پنھنجو مستقبل شاندار بنائينداسين ۽ دنيا ۾ عدل ۽ انصاف قائم ڪنداسين.


www.bhutto.org

# ذوالفقار علي ڀٽو: صدرِ پاڪستان جي حيثيت ۾

هندستان جي ورهاڱي کان 24 سال پوءِ ذوالفقار علي ڀٽي هڪ عوامي انقلابي جدوجهد شروع ڪئي، ان تحريڪ جي نتيجي ۾ پهريون ڀيرو بالغن کي ووٽ جو حق ڏيڻ جي بنياد تي ڊسمبر 1970ع ۾ عام اليڪشن شروع ٿي جنهن ۾ پاڪستان جي ماڻهن وڏي جوش سان حصو ورتو. ان اليڪشن جي نتيجي ۾ اولهه پاڪستان ۾ پيپلز پارٽيءَ کي وڏي ڪاميابي نصيب ٿي ۽ اوڀر پاڪستان ۾ عوامي ليگ ٻن سيٽن کانسواءِ ٻيون سڀ سيٽون کٽيون. 11 جنوري 1971ع تي صدر يحيٰ اعلان ڪيو ته آئين ٺهڻ کانپوءِ هو اقتدار عوامي حڪومت جي حوالي ڪندو.

جنرل يحيٰ گهري ها ته اقتدار جلد کان جلد عوامي نمائندن حوالي ڪري ها پر حڪمرانيءَ جي حوس کيس ائين ڪرڻ نه ڏنو. اوڀر پاڪستان جدا ٿيڻ تائين نئون آئين تيار ڪرائڻ واري پروگرام کي عملي جامو پهرائي نه سگهيو جو اقتدار عوامي نمائندن جي حوالي ڪري سگهي. ان ڪري ملڪ جي ٻنهي حصن جي سياسي جماعتن ۽ عوام ۾ بي آرامي پکڙجي ويئي ۽ سياسي حالتون خراب ٿيڻ لڳيون. مارچ 1971ع ۾ صدر يحيٰ عوامي ليگ کي غيرقانوني قرار ڏئي ان تي پابندي وجهي ڇڏي ۽ شيخ مجيب الرحمان کي گرفتار ڪيو ويو. عوامي ليگ تي پابندي ۽ شيخ مجيب الرحمان جي گرفتاريءَ تي اوڀر پاڪستان ۾ سخت مظاهرا شروع ٿي ويا. ڀارت جيڪو هر وقت ان تاڙ ۾ هو ته گڙ ٻڙ ڪرائي پاڪستان ۾ ڦوٽ وجهجي. هن اهو موقعو غنيمت سمجهي ڀرپور فائدو ورتو.

ڀارت ديناج پور جي سرحدي علائقي ۾ پنهنجون هٿياربند فوجون جمع ڪيون. شيخ مجيب الرحمان جي حامي تنظيم مڪتي باهني جي مدد سان اهي اوڀر پاڪستان اندر داخل ٿيڻ شروع ٿيون ۽ عوامي ليگ جي تعاون سان اهو سلسلو وڌندو رهيو. اوڀر پاڪستان جون حالتون ڏينهون ڏينهن خراب ٿينديون رهيون. 17 اپريل 1971ع تي آل انڊيا ريڊيو خبر



www.bhutto.org

نشر ڪئي ۽ اوڀر پاڪستان ۾ آزاد حڪومت قائم ڪئي وئي آهي. 19 مئي 1971ع تي اندرا گانڌي اعلان ڪيو ته اوڀر پاڪستان مان 25 لک ماڻهن کي اولهه بنگال ڌانهن نيڪالي ڏني وئي آهي جيڪڏهن انهن کي واپس نه ورتو ويو ته اسان مجبوراً پاڪستان تي حملو ڪنداسين.

26 مئي 1971ع تي اندرا گانڌيءَ وري اعلان ڪيو ته "اسان وڏين طاقتن جي پرواهه ڪرڻ کانسواءِ فوجي ڪارروائي ڪنداسين." 3 جولاءِ 1971ع تي ڀارت اوڀر پاڪستان تي باقاعده حملو ڪيو. 27 آڪٽوبر 1971ع تي روس ڀارت معاهدي تي باقاعده عمل شروع ٿي ويو. روسي فوجي ماهر اوڀر پاڪستان تي حملو ڪرڻ لاءِ نقشا تيار ڪرڻ لڳا. هڪ طرف اوڀر پاڪستان تي حملا ٿي رهيا هئا ته ٻئي طرف جنرل يحيٰ ۽ سندس ٽولو عياشين ۾ مشغول هيو. انهن بگڙندڙ حالتن ڏانهن ڪوبه ڌيان نه ڏنو نه وري قوم کي اعتماد ۾ وٺي حالتن کي درست ڪرڻ لاءِ ڪو قدم کنيو. 3 نومبر 1971ع تي ڊيلي ٽيليگراف جي دهليءَ واري نمائندي جي هڪ رپورٽ شايع ٿي جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته ڀارتي فوجن اوڀر پاڪستان جو مڪمل گهيرو ڪري ورتو آهي. ڀارتي فوجن هڪ ئي وقت تي اوڀر ۽ اولهه پاڪستان تي حملي ڪرڻ جي تياري ڪري ڇڏي آهي. روس جا جنگي جهاز اوڀر پاڪستان جي ناڪابندي ڪرڻ لاءِ بنگال جي اپ سمنڊ ۾ داخل ٿي ويا آهن. برطانيه ۽ روس ڀارت کي ميزائيل ۽ ٽينڪون پهچائي ڇڏيون آهن. 25 نومبر تي ڀارت اوڀر پاڪستان ۾ پنجن محاذن تي جنگ شروع ڪري ڇڏي. جنرل يحييٰ ۽ سندس ٽولي اها صورت حال ڏٺي ته پريشان ٿي ويا. انهن هن ڏکئي وقت ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جون خدمتون حاصل ڪيون ته ملڪ کي بچائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. ذوالفقار علي ڀٽي جنرل يحيٰ سان سڀ اختلاف وساري ملڪ جي سلامتيءَ لاءِ پنهنجون خدمتون حڪومت کي پيش ڪري ڇڏيون ۽ سفارتي سطح تي جنگ وڙهڻ لاءِ اقوام متحده روانو ٿي ويو. 16 ڊسمبر تي ڀارتي فوجون ڍاڪا ۾ داخل ٿي ويون ۽ اوڀر پاڪستان تي ڀارت جو قبضو ٿي ويو. ان کان پوءِ جنرل يحيٰ لاءِ اقتدار تي قابض رهڻ جي ڪا گنجائش باقي نه رهي. ان ڪري ذوالفقار علي ڀٽي کي اقوام متحده مان واپس گهرائي درخواست ڪيائين ته هو ملڪ جو انتظام سنڀالي.


www.bhutto.org

اهڙي طرح 20 ڊسمبر 1971ع تي ڀٽي صاحب حڪومت سنڀالي. ان وقت جنرل يحيٰ صدر پاڪستان ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جي حيثيت ۾ حڪومت ڪري رهيو هو ان ڪري ڀٽي صاحب کي به ٻئي عهدا سنڀالڻا پيا.

نئين صدر ذوالفقار علي ڀٽو اقتدار سنڀاليو ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي قوم کي خطاب ڪيو. سندس هيءَ پهرين تقرير به هڪ دستاويز جي حيثيت رکي ٿي:

"منهنجا هم وطنو پيارا دوستو شاگردو مزدورن هاريو نوجوانو پاڪستان لاءِ وڙهڻ وارو پنهنجي هٿن سان ڪم ڪرڻ وارؤ مان پاڪستان جي تاريخ جي هڪ اهم ۽ فيصلي واري مرحلي تي آيو آهيان. اسان پنهنجي قومي زندگيءَ جي بدترين بحران ۾ آهيون. اسانکي ٽڪرا ٽڪرا جوڙڻا آهن. تمام ننڍا ننڍا ٽڪرا پر اسان نئون پاڪستان بنائينداسين. هڪ خوشحال ۽ ترقي پسند ۽ آزاد پاڪستان. اهو پاڪستان جنهن لاءِ قائداعظم ڪوشش ڪئي هئي جنهن پاڪستان لاءِ ننڍي کنڊ جي مسلمانن پنهنجي جان ۽ عزت جي قرباني ڏني هئي. اهو پاڪستان ٺهندو ۽ هر حال ۾ ٺهڻو آهي. منهنجو ايمان آهي، مونکي يقين آهي ته اوهانجي تعاون سان افهام تفهيم ۽ صبر سان اسان هڪ مضبوط ۽ عظيم پاڪستان ٺاهينداسين.

مونکي ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي، مان لکيل تقرير به پڙهي سگهان پيو پر مان اوهان سان سڌيون سنئون ڳالهيون ڪرڻ گهران ٿو. مونکي اوهانجي مدد جي ضرورت آهي. مون کان غلطي به ٿي سگهي ٿي پر توهان جي مدد کانسواءِ ڪامياب ٿي نٿو سگهان. اوهانجي مدد ۽ تعاون هجي ته مان هماليه جبل کان به اوچو آهيان پر مونکي اوهانجي مدد ضرور حاصل هجڻ کپي. مونکي اوهان وقت ڏيو منهنجا پيارا هم وطنو مان پوري پوري ڪوشش ڪندس. جڏهن کان مان ملڪ ۾ واپس آيو آهيان، لڳاتار ڪم ڪري رهيو آهيان. ان ڪري هيءَ اهم تقرير اڳ ۾ لکي نه سگهيس. مونکي سنئون سڌو اوهان سان ڳالهائڻ کپي ان ڪري ڪيترن ئي مسئلن تي ڳالهائيندس پر هن وقت ڪجهه اهم ڳالهيون منهنجي سامهون آهن. مان اوهانکي وڌيڪ تڪليف نه ڏيندس. مان هر وقت ريڊيو ۽ ٽي وي تي نه ايندس. فقط جڏهن ضرورت هوندي، ان جو اهو مطلب آهي ته مونکي اوهانجي رضامندي


www.bhutto.org

گهرجي، اهم فيصلن لاءِ اوهان کان منظوري وٺڻي آهي. اوهانجي منظوريءَ بغير هڪ قدم به نہ کڻندس. مان وقت ضايع نہ ڪندس. هڪ هڪ منٽ قيمتي آهي، اڳئي گهڻو وقت گذري ويو آهي.

مان اردوءَ ۾ تقرير ڪرڻ پسند ڪندو آهيان. مونکي اميد آهي تہ منهنجي تقرير جو ترجمو اوهانکي جلد ٻڌايو ويندو. مان عام جلسن ۾ اردوءَ ۾ تقرير ڪندو آهيان، هاڻي بہ جتي ضروري سمجهيم تہ اردوءَ جا لفظ استعمال ڪندس. جيئن تہ هيءَ منهنجي پهرين تقرير آهي جيڪا سڄي دنيا ٻڌي رهي آهي، ان ڪري انگريزي ۾ ڳالهائي رهيو آهيان. انگريزي اسان جي ٻولي نہ آهي پر ان جي جاءِ تي ٻي ٻولي آڻڻ لاءِ اسان ڪوبہ قدم نہ کنيو آهي پر اهي معاملا پوءِ طي ٿي سگهن ٿا اڄ غيرملڪي ٻولي انگريزيءَ ۾ تقرير ڪري رهيو آهيان، ان لاءِ مونکي افسوس آهي.

مونکي خبر نہ هئي تہ پنهنجي زندگيءَ ۾ اهو ڏينهن بہ ڏسندس جو ڀارت جي وزير جنگ جگ جيون رام جون اهي ڳالهيون ٻڌٽيون پونديون جيڪي هو اڄ ڪري رهيو آهي پر جگ جيون رام کي خبر هئڻ گهرجي تہ عارضي ڪاميابيءَ تي آپي کان ٻاهر ٿيڻ نہ گهرجي. ننڍي کنڊ جي سڄي تاريخ ۾ جڏهن کان مسلمانن هتي قدم رکيو هو ۽ جڏهن محمد بن قاسم هتي آيو هو. مسلمانن شڪست نہ کاڌي آهي، ڪي نتيجا ڪٺي اسانجي فائدي ۾ نہ آيا هجن پر انهن مان اسان سبق ضرور حاصل ڪيو آهي. اسان سمجهي ويندا سين ۽ عوام جي تعاون ۽ اعتماد سان نئون دور شروع ڪنداسين.

منهنجا پارٽي پيروو ۽ دوستو مان اوهان سان کُلي ڳالهائيندس. ماضي ۽ مستقبل خدا جي هٿ ۾ آهي. توهن نازڪ گهڙيءَ ۾ مونکي سڏايو آهي. صدر ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جا عهدا ڏنا آهن، اهو انتظام مختلف آهي ڇو تہ مان عوام جو چونڊيل نمائندو آهيان.

مان گڏجي رهڻ لاءِ اوڀر پاڪستان جي اڳواڻن سان ڳالهين لاءِ تيار آهيان. پر اوڀر پاڪستان مان ڀارتي فوجن جي واپس موٽڻ جو اڳواٽ شرط آهي. اسانکي اڳتي جي انتظامن کي طي ڪرڻ لاءِ ڳالهہ ٻولهہ جو موقعو ملڻ گهرجي. اسان پاڪستان ۾ انصاف پرئي سياسي ناهہ لاءِ تيار آهيون. جيئن ٻن ڀائرن جي وچ ۾ ٿيندو آهي پر ڳالهہ ٻولهہ اسانجي ملڪ جي سرزمين تان ڀارتي فوجن جي واپسيءَ بعد شروع ٿي سگهي ٿي. اوڀر پاڪستان کي پاڪستان کان ڌار ڪري نٿو سگهجي. اتان جي ماڻهن ورهاڱي جي


www.bhutto.org

تحريڪ دوران وڏو ڪردار ادا ڪيو هو. پاڪستان جي عوام لاءِ محبت جو اظهار ڪيو هو ۽ هاڻي به اهي پاڪستان ۾ رهڻ گهرن ٿا.

مان پنهنجي معاشري کي خوشحال ۽ ڪامياب ڏسڻ گهران ٿو. مونکي خبر آهي ته آمريت ڇا آهي. آمريت بنيادي معاملن بابت فيصلا صرف پنهنجي مفاد مطابق ڪندي آهي پر تهذيب يافته ملڪ ۾ اهڙا طريقا نٿا هلي سگهن. تهذيب مان مراد جمهوري ادارا آهن. تهذيب جو مطلب جمهوريت آهي، پاڪستان ۾ يا ته هر اداري کي تباهه ڪيو ويو آهي يا ان جو وجود خطري ۾ آهي. اسانکي ڀيهر جمهوريت قائم ڪرڻي آهي ۽ ڀيهر جمهوري ادارا قائم ڪرڻا آهن. اسانکي ڀيهر عوام جو اعتماد بحال ڪرڻو آهي. اسانکي اهڙي حڪومت قائم ڪرڻي آهي جيڪا جوابده هجي، ان ڪري مون تي يقين ڪريو مان جمهوريت بحال ڪرڻ جي خواهش رکان ٿو. پاڪستان جي عوام کي آئين ڏيڻ گهران ٿو. هڪ اهڙو آئين جيڪو اوهانجي ضرورتن ۽ خواهشن مطابق هوندو ۽ اهو ڪم تمام جلد ڪيو ويندو پر مهرباني ڪري مونکي ڪجهه وقت ڏيو ته مان ڪجهه شروعاتي اندروني مسئلا حل ڪري سگهان ۽ ٻاهرين صورتحال سان به نبري وٺان. اسان جنگ نه هارائي آهي، اسان ناڪام نه ٿيا آهيون، اسان کي ناڪام بڻايو ويو آهي. ان تي اسانجي سپاهين ۽ عوام کي هرگز شرمندو نه ٿيڻ کپي. اسان جي فوجين وڏي بهادريءَ سان جنگ ڪئي. اسان هن نظام جي ڪري ناڪام ٿيا آهيون. مغربي پريس اسانجي خلاف آهي جيڪا اسانجي خلاف مسلسل لکي رهي آهي. اسانکي ان کان ڊڄڻ جي ضرورت نه آهي، هڪ عظيم برطانوي فوجي جنرل لکيو آهي ته مون اڄ تائين پيادل فوج جو ڪو به سپاهي پاڪستاني سپاهيءَ کان بهتر نه ڏٺو آهي. ان ڪري اوهان بددل نه ٿيو. اسان پلاند وٺنداسين ۽ اڄ جيڪا ناڪامي ٿي آهي ان کي ڪاميابيءَ ۾ بدلائينداسين.

جيڪڏهن ڀارت، انصاف ۽ برابريءَ وارن اصولن موجب پاڪستان جا حق تسليم ڪري ۽ جيڪڏهن ننڍي کنڊ جي حقن جي بنياد ي تعاون ۽ مفاهمت ڪرڻ نٿو گهري ته اسان ان کان پلاند وٺنداسين. سڄي قوم کي ڪوڙ ڳالهائي گمراهه ڪيو ويو آهي. هن وقت مان ان معاملي جي اصليت تي نه ٿو وڃان. وقت اچڻ تي حقيقتون ظاهر ڪيو وينديون. ملڪ ۾ سياسي خال موجود رهي آهي. تنهن ڪري اسانکي ڏک ڏسڻا پيا آهن، اهوئي سبب آهي جو اڄ اسانجي ملڪ جو وڏو حصو غير ملڪي قبضي هيٺ آهي. اسان



www.bhutto.org

کي اوير پاڪستان ۾ شرمناڪ طريقي سان هٿيار ڦٽي ڪرڻا پيا. جيڪڏهن اوير پاڪستان جي اندروني حالتن کي صحيح نموني سڌاريو وڃي ها ته اڄ اسانکي اهو ڏينهن نه ڏسڻو پوي ها.

جيستائين اهي ذميواريون مون وٽ آهن، تيستائين سماجي ۽ اقتصادي انصاف لاءِ ضرورت آهر تيز رفتاريءَ سان قدم کڻندس. رشوت، اقربا پروري ۽ بدانتظاميءَ خلاف به تيزيءَ سان قدم کڻندس. مان 24 ڪلاڪن تائين ڪم ڪرڻ وارو ماڻهو آهيان. منهنجي لاءِ ننڊ يا آرام جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي ۽ اها اميد ٿو رکان ته بيوروڪريسي به ڏينهن رات ڪم ڪندي. ماضيءَ ۾ جن بيوڪريٽن مون سان بدسلوڪي ڪئي هئي يا اهڙيون ڳالهيون ڪيون هيون جيڪي اصولن جي خلاف هيون مان انهن کي معاف ٿو ڪريان ۽ اميد ٿو ڪريان ته بيوڪريٽ به ملڪ جي مفاد خاطر اسان سان تعاون ڪندا.

هن سلسلي ۾ ڪجهه ڳالهيون پوليس جي باري ۾ چوڻ گهران ٿو جن کي گهٽ وڌ چيو ويندو آهي. اها ڳالهه درست آهي ته پوليس ڪنهن حد تائين بدنام رهي آهي. پوليس ۽ انهن جي تربيت انهن جي رهائش ۽ ٻين معاملن کي درست ڪيو ويندو. سموري گڙٻڙ ان ڪري آهي ته هڪ پوليس وارو هڪ سو روپيا ماهوار پگهار وارو ۽ ڪيس اختيار تمام گهٽا آهن. اسان مناسب وقت تي هن طرف ڌيان ڏينداسين.

مان زرعي سڌارا لاڳو ڪرڻ گهران ٿو پهرئين مرحلي ۾ اهڙا زرعي سڌارا لاڳو ڪندس جيڪي تمام ضروري هوندا. ان لاءِ ڪنهن بحث جي ضرورت نه آهي جيڪو به انهن کي بي قائدي بنائڻ جي ڪوشش ڪندو ان کي سزا ملندي مان زميندارن ۽ صنعتڪارن کي چوان ٿو ته پيداوار ۾ ڪنهن طرح سان گهٽتائي نه اچڻ کپي. ٻي صورت ۾ عوامي مفاد خاطر ڪارخانا ۽ زمين قومي ملڪيت ۾ ورتي ويندي. ٻي ڳالهه پاڪستان مان ٻاهرين ملڪن ڏانهن سرمايو منتقل ڪرڻ جي آهي مان چاهيان ٿو ته پاڪستان جو سرمايو جيڪو پاڪستاني عوام جي رت ۽ پگهر جي ڪمائي آهي. ان کي هر قيمت تي پاڪستان ۾ واپس آڻڻ کپي. جيڪڏهن ملڪ مان ٻاهر موڪليل سرمايو رضاڪارانه طور واپس نه آندو ويو ته سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. اها رقم پاڪستان جي آهي ان کي واپس آڻڻو پوندو. ٻي صورت ۾ ڪنهن فرد کي پاڪستان مان ٻاهر وڃڻ نه ڏيندس ۽ انهن ماڻهن جي گهر ڀاتين خلاف به ڪارروائي ڪئي ويندي. هاڻي مان



www.bhutto.org

شاگردن سان ماطب آهيان. اهي شاگرد ئي آهن جن مونکي ذميواري واري پوزيشن تي پهچايو آهي. ايشيا ۽ آفريڪا جو ڪوبہ اهڙو ليڊر ڪونہ آهي جيڪو وڏين طاقتن جو نشانو نہ بڻيو هجي. خود مونکي وڏين طاقتن جو نشانو بنايو ويو پر مونکي هن عهدي تائين پاڪستان جي عوام پهچايو آهي، جن جو مان شڪرگذار آهيان. شاگرد منهنجا ٻچا آهن. انهن کي منهنجو اهو چوڻ اهي تہ ملڪ جي اندروني سياست ۾ دخل نہ ڏين. مان تعليمي ميدان ۾ گهڻا سڌارا آڻيندس.

مان ڪابينا ناهي ان ۾ اهڙا ماڻهو کڻندس جن لاءِ پڪ هوندي تہ اهي پنهنجا فرض چڱيءَ طرح ۽ ايمانداريءَ سان ادا ڪندا. هيءَ عارضي ڪابينا هوندي هن وقت هر شي عارضي آهي. ڪابہ مستقل ڪانہ آهي، مستقل قدم عوام طرفان آئين منظور ٿيڻ بعد کنيا ويندا، خود منهنجي حيثيت بہ عارضي آهي. جيڪڏهن ڪنهن شخص کي هڪ عهدي تان هٽائي ٻئي کي رکيو وڃي ان کي دلشڪستو نہ ٿيڻ کپي. هر شي عارضي آهي صرف خدا جي ذات مستقل آهي.

هاڻي مان هٿياربند فوجن جي باري ۾ ڪجهہ چوڻ گهران ٿو. مان سدائين انهن جو مداح رهيو آهيان. وزير جي حيثيت ۾ ۽ پرڏيهي وزير جي حيثيت ۾ بہ مون انهن کي مضبوط بنائڻ لاءِ اهم ڪم ڪيو آهي. انهن بهادريءَ سان ملڪ جو دفاع ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ مون ڪجهہ ضروري قدم کنيا آهن جيڪي يڪدم عمل ۾ ايندا. اڳوڻو صدر جنرل يحيٰ خان پهريائين رٽائر ٿي چڪو آهي. هاڻي جنرل عبدالحميد خان جنرل ايس.جي.ايم.ايم پيرزادو، جنرل محمد عمر، جنرل خداداد خان، جنرل ڪياني ۽ جنرل مٺا خان بہ رٽائر ٿي ويا آهن. هي قدم هٿياربند فوجن جي خواهش تي کنيا ويا آهن. اهو منهنجو ذاتي فيصلو نہ آهي مان ڪيترن کي تہ نہ سڃاڻان ۽ نہ ڏٺو اٿم. انهن جنرلن کي باعزت ۽ پروقار نموني رٽائر ڪيو ويو آهي. مننجا پيارا پائرو جوانو اوهان بهادريءَ سان وڙهيا آهيو. اوهانکي شرمندگي نہ ٿيڻ کپي، اسان هڪ نظام جا ستايل آهيون. اسان اهو نظام ختم ڪنداسين. اوهان پلاند وڃڻ ٿا گهرو پر مهرباني ڪري ڪجهہ دير انتظار ڪريو اسين گڏجي ويهي هڪ اسڪيم بنائينداسين جيڪا قومي وقار مطابق هوندي ۽ اوهانجو وقار بلند ڪندي مونکي اوهانجي تعاون جي ضرورت آهي. مون فيصلو ڪيو آهي ۽ اهو فيصلو هٿياربند فوجين، نوجوان آفيسرن ۽ عام ماڻهن جي جذبات مطابق آهي. جيئن مان چئي چڪو آهيان



www.bhutto.org

تہ هر شيءِ عارضي آهي، منهنجي پنهنجي پوزيشن بہ عارضي آهي. مون جنرل گل حسن کي چيو آهي تہ هو پاڪستاني فوج جي ڪمانڊر انچيف جو عهدو سنڀالي ۽ ڏينهن رات پنهنجي ڪم ۾ لڳي وڃي. هو هڪ سپاهي آهي، مان نٿو سمجهان تہ هو ڪو سياست ۾ ملوث آهي، مونکي ان تي پورو اعتماد آهي.

مان هي ٻڌائي رهيو آهيان تہ نيشنل عوامي پارٽيءَ تان پابنديون لاهي رهيو آهيان، جيتوڻيڪ هن سلسلي ۾ گهٽيون غلط فهميون ۽ جهيڙا موجود آهن پر مون هي قدم چڱيءَ نيت سان کنيو آهي. اسين سڀ محب وطن آهيون ۽ پاڪستان جي خدمت ڪرڻ گهرون ٿا. مان نيپ جي اڳواڻن سان ملي انهن سان مشورو ڪندس.

پرڏيهي پاليسي نئين طرح سان مرتب ڪئي ويندي جنهن جو مقصد پاڪستان جي اعليٰ مفادن جو حصول آهي. اسان وڏين طاقتن سان سٺا لاڳاپا رکڻ گهرون ٿا.

آخر ۾ مان هي واعدو ٿو ڪريان تہ پنهنجي سڄي توانائي اوهانجي خدمت ڪرڻ ۾ خرچ ڪندس. پلي منهنجو سر هليو وڃي. مونکي خبر آهي تہ عوام ڇا ٿو چاهي. مان انهن سان رهيو آهيان. مان انهن مان آهيان، اوهان مون تي ڀروسو ڪري سگهو ٿا، ڇو تہ مونکي اوهان تي مڪمل ڀروسو آهي. اوهان جي تعاون سان اسان هماليہ جي چوٽين پر بہ ڏسي سگهو ٿا. اوهان کانسواءِ مان ڪجهہ بہ نہ آهيان. مون کان ڪوبہ ڪم بندوق يا گوليءَ جي زور تي ڪرائي نٿو سگهجي. مان اوهانجي دلين ۾ رهڻ گهران ٿو مان اوهان کي ڪڏهن دوکو نہ ڏيندس. اسان اسلام تي ايمان آڻيون ٿا جيڪو خدا تعاليٰ جو آخري پيغام آهي. اسلام دنيا کي برابري ۽ ڀائيچاري جو سبق ڏنو آهي. اسلامي سوشلزم جو بنياد فقط اسلام ۽ ان جي سماجي تصور تي آهي.

منهنجا ڀائرو ۽ ڀينرو ڏک ۽ تڪليف جي وقت ۾ پنهنجي ذهنن ۾ شڪ ۽ گمان کي نہ آڻيو. پاڪستان هڪ وڏي مقصد لاءِ قائم ڪيو ويو هو. اهڙي مقصد لاءِ جيڪو ڪڏهن بہ ختم نہ ٿو ٿي سگهي. اچو تہ گڏجي واعدو ڪريون تہ اسين اهڙي صورتحال کي ختم ڪنداسين پوءِ ڇو نہ اهو ڪم اسانجي اولاد کي ڪرڻو پوي. پاڪستان زنده باد.

www.bhutto.org

# ذوالفقار علي ڀٽو ۽ روزانہ مساوات

1966ع ۾ جنرل ايوب خان جي آمريت خلاف ذوالفقار علي ڀٽي جيڪا تحريڪ شروع ڪئي هئي جنهن موجب سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جي ڦرلٽ هيٺ آيل غريب ۽ مظلوم عوام کي بنيادي حق وٺي ڏيڻ جي پروگرام جو اعلان ڪيو ويو هو. ان کي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکيڙڻ لاءِ ڀٽي صاحب دورا ڪيا پر اطلاعاتي ادارن تي حڪومت جو قبضو هو ان ڪري اخبارون حڪومت جي خوف يا اثر هيٺ هئڻ ڪري هن انقلابي تحريڪ کي مناسب جڳهہ نہ ڏينديون هيون. هڪ دور انديش سياستدان هئڻ ڪري ڀٽي صاحب فيصلو ڪيو تہ سندس جماعت پيپلز پارٽيءَ جي هڪ اخبار هئڻ گهرجي جيڪا پارٽي جو پيغام ۽ منشور سڄي ملڪ ۾ پهچائڻ جو فرض انجام ڏئي. اهڙي طرح 7 جولاءِ 1970ع ۾ ڀٽي صاحب جي هدايت تي روزانہ مساوات لاهور مان پنهنجي اشاعت جو باقاعده اعلان ڪيو. محمد حنيف رامي روزانہ مساوات جو پهريون چيف ايڊيٽر مقرر ٿيو. ذوالفقار علي ڀٽي روزانہ مساوات جي افتتاحي گڏجاڻيءَ کي خطاب ڪندي آمريت جي خلاف عوام جي انقلابي جدوجهد ۾ مساوات لاءِ رهبر اصول پڌرا ڪيا ۽ اميد ڏيکاريائين تہ ملڪ ۾ هلندڙ ڦرلٽ واري نظام جي خاتمي لاءِ عوام جي رهبري ۽ مدد ڪندي. ڪجهہ ڏينهن ۾ مساوات ڀٽي صاحب جي اميد کان وڌيڪ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو ۽ ڀٽي صاحب ۽ پيپلز پارٽيءَ جو انقلابي پيغام ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ پهچايو.

روزانہ مساوات جي ايڊيٽوريل صفحي تي شروعات ۾ سوره البقر جون هي سٽون ڇاپيون وينديون هيون:

"فرعون زمين تي وڏو بنجي ويٺو هو زمين وارن کي طبقن ۾ ورهايو. هڪ طبقي کي ڪمزور ڪيائين. پوءِ اسان ارادو ڪيو تہ جن کي ڪمزور ڪيو ويو آهي، انهن تي مهربانيءَ جي نظر ڪريون، انهن کي امامت بخشيون، وارث بنايون ۽ زمين تي حڪمراني ڏيون."



www.bhutto.org

ذوالفقار علي ڀٽي جو مشن قرآني تعليمات جي روشنيءَ ۾ معاشري جي مختلف طبقن وچ ۾ اڻ برابريءَ واري ورهاست ختم ڪرڻ هو ۽ ان مقصد کي عام ماڻهن وٽ پهچائڻ جو فرض روزاني مساوات کي سونپيو ويو هو جنهن اهو سهڻي نموني نڀايو. بيشمار مسئلا هجڻ ۽ مالي وسيلن جي کوٽ باوجود اخباري دنيا ۾ نئين ۽ انقلابي دور جي شروعات ڪئي ويئي.

عوام ۾ روزاني مساوات ايتري قدر مقبوليت حاصل ڪئي جو ٿوري عرصي ۾ ڇپائيءَ جي لحاظ کان ملڪ جي وڏين وڏين اخبارن کي ماري وئي. ماڻهن کي جيترو پنهنجي ليڊر پيار هو اوترو ئي اخبار سان هو. هن ئي اخبار جون ڪاپيون مارڪيٽ ۾ پنجاهه پنجاهه روپين ۾ به وڪرو ٿيون. 1970ع جي اليڪشن ۾ پيپلز پارٽيءَ جي شاندار فتح ۾ روزاني مساوات جو به وڏو هٿ هو. 20 ڊسمبر 1970ع تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي حڪومت اچڻ بعد هن اخبار جي لائق چيف ايڊيٽر محمد حنيف رامي کي پنجاب جو وزير خزانه بنجڻ بعد هن اخبار کي اهو نه ملي سگهيو جيڪو اڳ هوندو هو ان ڪري اخبار جو حال به ٻين سرڪاري اخبارن جهڙو ٿيو. 5 جولاءِ 1977ع تي جنرل ضياءَ ذوالفقار علي ڀٽو جي حڪومت ختم ڪئي ته اخبار تي به زبردست سنسرشپ لاڳو ڪئي وئي. ان هوندي به مساوات ڪنهن حد تائين عوام جي جذبات جي ترجماني ڪندي رهي. 4-اپريل 1979ع تي جڏهن اسانجي پياري اڳواڻ ذوالفقار علي ڀٽي کي شهيد ڪيو ويو ته هن اخبار سخت احتجاج ڪيو شهيد ڀٽو بيگم نصرت ڀٽو ۽ محترمه بينظير ڀٽو جا پيغام پاڪستان جي عوام تائين سڄي ملڪ ۾ پهچائيندي رهي. اهڙي صورتحال جنرل ضياءالحق برداشت ڪري نه سگهيو ۽ 16 آڪٽوبر 1979ع تي مساوات اخبار تي مارشل لا حڪومت پابندي لڳائي ڇڏي 17- آگسٽ 1988ع تي جنرل ضياءالحق جي مرڻ کان ٻن مهينن بعد لاهور هاءِ ڪورٽ روزانه مساوات تان اها پابندي ڪٽي ڇڏي. ڀٽو صاحب جيتوڻيڪ پنهنجي حڪومت جي دور ۾ گهڻو مصروف رهندو هو پر پوءِ به پنهنجي حڪومت جي وزيرن ۽ پارٽيءَ جي اڳواڻن کي تاڪيد ڪندو رهندو هو ته مساوات جي معاملن ۾ دلچسپي وٺو هن اهڙو هڪ خط وفاقي وزير مولانا ڪوثر نيازيءَ جيڪو ان وقت مذهبي معاملن جو وزير هو کي لکيو. ان مان معلوم ٿيندو ته ڀٽي صاحب کي مساوات جو ڪيتري قدر اونو هو خط جي عبارت هيٺ ڏجي ٿي.



www.bhutto.org

# ذوالفقار علي ڀٽو شهيد جي حڪومت جا
# 5 سال 6 مهينا 15 ڏينهن

ذوالفقار علي ڀٽو هڪ سال اٺ مهينا پنجويهه ڏينهن ملڪ جو صدر رهيو ۽ 14 آگسٽ 1973ع تي ملڪ ۾ نئون آئين لاڳو ٿيڻ بعد 5 جولاءِ 1977ع تائين وزيراعظم جي حيثيت ۾ ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪندو رهيو. مطلب ته حڪومتي سربراهه جي حيثيت ۾ ڪل پنج سال ڇهه مهينا ۽ پندرهن ڏينهن اقتدار ۾ رهيو. سندس حڪومت دوران هيٺيان واقعا پيش آيا:

20 ڊسمبر 1971ع: ڀٽي صاحب ملڪ جي تاريخ ۾ پهرئين سويلين مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جي حيثيت ۾ قسم کنيو ۽ جنرل يحيٰ خان، جنرل عبدالمجيد، ليفٽيننٽ جنرل ايس جي ايم پيرزادو، ميجر جنرل عمر، ميجر جنرل خداداد خان، ميجر جنرل ڪياني ۽ ميجر جنل منا خان کي رٽائر ڪيائين. ليفٽيننٽ جنرل گل حسن کي قائم مقام ڪمانڊر انچيف مقرر ڪيائين.

21 ڊسمبر 1971ع: صدر ڀٽو صاحب ملڪ جي سيني شهرين تي ملڪ کان ٻاهر وڃڻ تي پابندي هٽي ڇڏي، غلام مصطفيٰ کر پنجاب، ممتاز ڀٽو سنڌ، حيات محمد شير پائو سرحد صوبن جا گورنر مقرر ڪيا ويا. اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر اي يو دراني ۽ کي هٽائي ان جي جاءِ تي غلام اسحاق خان کي مقرر ڪيائين. شيخ مجيب الرحمان جيڪو ان وقت جيل ۾ هو ان کي اتان ڪيڏي هڪ بنگلي ۾ نظربند رکيائين.

22 ڊسمبر 1971ع: سلامتي ڪائونسل ڀارت ۽ پاڪستان جي فوجين جي پنهنجن ملڪن ڏانهن واپس موٽڻ جو ٺهراءُ منظور


www.bhutto.org

ڪيو. 22 امير ترين خاندانن جا پاسپورٽ ضبط ڪيا
ويا. نورالامين نائب صدر جي عهدي جو قسم کنيو.
24 ڊسمبر 1971ع: اوڀر پاڪستان جي ڍار ٽيڻ واري سانحي جي جاچ لاءِ
ڀٽي صاحب حمودالرحمان جي سربراهيءَ ۾ هڪ
ڪميشن مقرر ڪئي.
29 ڊسمبر 1971ع: سردار غوث بخش رئيسانيءَ بلوچستان جي گورنر جو
قسم کنيو.
31 ڊسمبر 1971ع: ڀٽي صاحب ايٽمي توانائي ڪميشن جي پاڻ چارج
سنڀالي.
1 جنوري 1972ع: سوات ۾ زمرد جون کاڻيون حڪومت پنهنجي
قبضي ۾ ورتيون.
2 جنوري 1972ع: 19 بنيادي صنعتون حڪومت ڪنهن بہ معاوضي
بغير پنهنجي قبضي ۾ وٺي ڇڏيون.
4 جنوري 1972ع: زرعي ترقياتي ڪارپوريشن ٽوڙي وئي.
8 جنوري 1972ع: يحيٰ خان ۽ جنرل حميد کي نظربند ڪيو ويو.
10 جنوري 1972ع: خبرن ۽ اطلاعات تان پابندي ختم ڪئي وئي.
11 جنوري 1972ع: صدر ڀٽي ۽ ظاهر شاهہ وچ ۾ اهم ڳالهيون شروع
ٿيون.
23 جنوري 1972ع: صدر ڀٽو ترڪيءَ جي دوري تي ويو.
26 جنوري 1972ع: صدر ڀٽي قاهره ۾ انور السادات ۽ دمشق جي صدر
حافظ الاسد سان ملاقات ڪئي.
30 جنوري 1972ع: پاڪستان دولت مشترڪہ کان الڳ ٿي ويو.
31 جنوري 1972ع: صدر ڀٽو 60 ماڻهن جو وفد ساڻ ڪري چين جي
دوري تي ويو ۽ چين جي وزيراعظم چو اين لائي
سان ڳالهيون ڪيائين.
19 فيبروري 1972ع: آمريڪا پاڪستان جي اقتصادي ۽ فوجي امداد
بحال ڪري ڇڏي.
26 فيبروري 1972ع: ننڍن سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ اضافو
ڪيو ويو.


www.bhutto.org

29 فيبروري 1972ع: ڀٽي صاحب زرعي سڌارن جو اعلان ڪيو
جنهن موجب ڪو ماڻهو هڪ سو پنجاهه ايڪڙن
کان وڌيڪ زمين نه پيو رکي سگهي.

2 مارچ 1972ع: جنرل ٽڪا خان بري فوج جو ۽ ايئرمارشل ظفر
چوڌري فضائي فوج جو ڪمانڊر مقرر ڪيا ويا ۽
جنرل گل حسن ۽ ايئر مارشل رحيم کي سفارتي
عهدا ڏنا ويا.

8 مارچ 1972ع: ڀٽي صاحب 1300 کان وڌيڪ آفيسرن کي رٽائر
ڪري ڇڏيو.

14 مارچ 1972ع: ڀٽي صاحب نئين تعليمي پاليسيءَ جو اعلان ڪيو.

15 مارچ 1972ع: ڀٽو صاحب روس جي سرڪاري دوري تي روانو
ٿي ويو.

20 مارچ 1972ع: پاڪستان ۽ چين وچ ۾ شهري هوابازي جي واڌاري
۽ فضائي ڪمپنين وچ ۾ سهڪار جو معاهدو ٿيو.

8 اپريل 1972ع: ڀٽي صاحب راولپنڊيءَ ۾ سمورن پارليماني ليڊرن
سان عبوري آئين بابت ڳالهيون ڪيون.

12 اپريل 1972ع: پهرين چونڊيل اسيمبلي جو پهريون اجلاس شروع
ٿيو جنهن ڀٽي صاحب تي مڪمل اعتماد جو اظهار
ڪيو.

17 اپريل 1972ع: قومي اسيمبليءَ عبوريءَ آئين منظور ڪيو.

21 اپريل 1972ع: مارشل لا ختم ڪري عبوري آئين نافذ ڪيو ويو.
ذوالفقار علي ڀٽو ڏهه لک ماڻهن جي سامهون
پنهنجي عهدي جو قسم کنيو. اهڙي طرح ملڪ ۾
جمهوريت شروع ٿي ويئي.

29 اپريل 1972ع: مير رسول بخش ٽالپر سنڌ، ارباب سڪندر خان
خليل سرحد ۽ غوث بخش بزنجو بلوچستان جي
گورنر جو قسم کنيو.



www.bhutto.org

1 مئي 1972ع: ممتاز علي ڀٽو سنڌ، سردار عطاءالله خان مينگل بلوچستان ۽ مفتي محمود سرحد جي وڏ وزارت جو قسم کنيو.

11 مئي 1972ع: وزير خزانہ مبشر حسن حج تي وڃڻ واريون پابنديون ختم ڪري ڇڏيون، رپئي جي قيمت گهٽائي وئي ۽ بونس ووچر اسڪيم ختم ڪئي وئي.

27 مئي 1972ع: مزدورن لاءِ وڏيڪ رعايتن جو اعلان ڪيو ويو.

29 مئي 1972ع: ذوالفقار علي ڀٽو مسلم ملڪن جي دوري تي روانو ٿي ويو.

30 مئي 1972ع: عراق جي صدر حسن البکر صدر ڀٽي کي عراق جو اعليٰ ترين اعزاز ڏنو.

1 جون 1972ع: جده ۾ ڀٽي صاحب ۽ شاهہ فيصل وچ ۾ ڳالهيون شروع ٿي ويون.

3 جون 1972ع: پنجين ۽ ڏهين رپئي جا نوٽ رد ڪيا ويا.

9 جون 1972ع: ڀٽي صاحب ۽ شهنشاهہ ايران ۾ ڳالهيون شروع ٿيون.

10 جون 1972ع: ڀٽو صاحب اسلامي ملڪن جو دورو ختم ڪري، اسلام آباد واپس پهچي ويو.

15 جون 1972ع: سنڌ ۾ ڪمال اظفر وزير خزانہ جو قسم کنيو.

28 جون 1972ع: ڀٽو صاحب اندرا گانڌيءَ سان ڳالهيون شروع ڪرڻ لاءِ شملہ روانو ٿي ويو.

2 جولاءِ 1972ع: شملہ معاهدي تي صحيحون ٿي ويون.

14 جولاءِ 1972ع: قومي اسيمبلي اڪثريت راءِ سان شملہ معاهدي جي توثيق ڪئي.

10 آگسٽ 1972ع: جمون ۽ ڪشمير ۾ ڪنٽرول لائين متعين ڪرڻ جي طريقہ ڪار تي ناهہ ٿي ويو.

12 آگسٽ 1972ع: عدليہ کي انتظاميہ کان ڌار ڪرڻ لاءِ صدارتي آرڊيننس جاري ڪيو ويو.



www.bhutto.org

31 آگسٽ 1972ع: سڄي ملڪ ۾ ٽين آدمشماري شروع ٿي ويئي.
سنڌ جي 97 ڪاليجن کي قومي تحويل ۾ ورتو ويو.

7 آڪٽوبر 1972ع: قانون واري وزارت عبدالحفيظ پيرزادي حوالي ڪئي وئي.

23 آڪٽوبر 1972ع: ملڪ کان ٻاهر سفر ڪرڻ تي پابندي ختم ڪئي وئي.

5 نومبر 1972ع: ڀارت پاڪستان جا 338 شهري قيدي آزاد ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

9 نومبر 1972ع: پاڪستان سيٽو معاهدي کان الڳ ٿيو اتر ويٽنام ۽ ڪوريا کي تسليم ڪيو.

15 نومبر 1972ع: پاڪستان اوڀر جرمنيءَ کي تسليم ڪيو.

18 نومبر 1972ع: ڀارت پاڪستان جي 6 هزار نظربند پاڪستانين آزاد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

27 نومبر 1972ع: صدر ڀٽي ڀارت جي جنگي قيدين کي بنا ڪنهن شرط جي آزاد ڪرڻ جو حڪم جاري ڪيو.

28 نومبر 1972ع: صدر ڀٽي ڪراچيءَ ۾ ايٽمي توانائي سان هلندڙ بجلي گهر جو افتتاح ڪيو.

7 ڊسمبر 1972ع: جنرل ٽڪا خان ۽ ڀارتي جنرل مانڪ شاهه جي وچ ۾ ڪشمير ۾ ڪنٽرول لائين مقرر ڪرڻ تي ٺاهه ٿي ويو.

22 ڊسمبر 1972ع: ڀارت طرفان قبضي ۾ ڪيل علائقن تي پاڪستان جو ڪنٽرول قائم ٿي ويو.

30 ڊسمبر 1972ع: آئيني ڪاميٽي آئيني مسودو تيار ڪري ورتو.

31 ڊسمبر 1972ع: آئين کي منسوخ ڪرڻ غداري قرار ڏنو ويو.

5 جنوري 1973ع: ڀٽي صاحب 105 هارين کي زمينن جي مالڪاڻن حقن جون سنڌون ڏنيون.



www.bhutto.org

8 جنوري 1973ع: رومانيا جي صدر چائوسسڪو پاڪستان جي دوري تي آيو.

15 جنوري 1973ع: شهنشاهه ايران پاڪستان جي دوري تي آيو.

12 مارچ 1973ع: روس طرفان پاڪستان کي ڏنل 26 ڪروڙ رپين جو قرض معاف ڪيو ويو.

10 اپريل 1973ع: قومي اسيمبلي پاڪستان جو مستقل آئين منظور ڪيو.

2 مئي 1973ع: فوجي آفيسرن طرفان ڪيل سازش جي نتيجي ۾ 113 آفيسر گرفتار ڪيا ويا.

9 مئي 1973ع: صدر ڀٽو ايران جي دوري تي روانو ٿي ويو.

12 مئي 1973ع: پاڪ افغان سرحد بند ڪئي وئي.

1 جون 1973ع: ننڍين سرڪاري ملازمن جي پگهارن ۾ اضافو ڪيو ويو.

12 جولاءِ 1973ع: صدر ڀٽو آمريڪا جي دوري لاءِ روم روانو ٿي ويو.

30 جولاءِ 1973ع: پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ جنگي قيدين ۽ بنگالين جي واپسي جو ٺاهه ٿي ويو.

6 آگسٽ 1973ع: حبيب الله سينيٽ جو چيئرمين ۽ طاهر محمد خان وائيس چيئرمين چونڊجي ويو.

9 آگسٽ 1973ع: صاحبزادو فاروق علي خان قومي اسيمبلي جو اسپيڪر چونڊجي ويو.

18 آگسٽ 1973ع: چوڌري فضل الاهي پاڪستان جو نئون صدر چونڊجي ويو.

11 آگسٽ 1973ع: سول ۽ فوجي آفيسرن جي پگهارن جي نون اسڪيلن جو اعلان ڪيو ويو ۽ بيگم اشرف عباسي ڊپٽي اسپيڪر چونڊجي وئي.

12 آگسٽ 1973ع: نئين آئين تحت ذوالفقار علي ڀٽو وزيراعظم چونڊجي ويو.

15 سيپٽمبر 1973ع: وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو آمريڪا جي دوري تي روانو ٿي ويو.



www.bhutto.org

27 سيپٽمبر 1973ع: دهليءَ واري ٺاهہ جي نتيجي ۾ 842 فوجي ۽ شهري جنگي قيدين جي پهرين جماعت پاڪستان پهچي وئي.
18 آڪٽوبر 1973ع: وزيراعظم ڀٽو وچ اوڀر جي دوري تي روانو ٿي ويو.
3 نومبر 1973ع: وزيراعظم ڀٽو اسلامي سيڪريٽريٽ جي سيڪريٽري جنرل تنڪو عبدالرحمان سان ملاقات ڪئي.
5 نومبر 1973ع: وزيراعظم آزاد ڪشمير جي دوري تي روانو ٿي ويو.
7 نومبر 1973ع: ايئر مارشل نور خان کي پي. آءِ اي جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو.
10 نومبر 1973ع: وزيراعظم ڀٽي اسلامي سربراهي ڪانفرنس بابت صلاح مشورا شروع ڪيا. غلام مصطفيٰ کر پنجاب جي وزيراعليٰ جي حيثيت سان قسم کنيو.
29 نومبر 1973ع: وزيراعظم ڀٽو ڪويت جي دوري تي روانو ٿي ويو.
10 ڊسمبر 1973ع: وزيراعظم ڀٽو بحرين قطر ۽ ابوظهبيءَ جي ٽن ڏينهن جي دوري تي ويو.
1 جنوري 1974ع: پاڪستان جي حڪومت 15 قومي بئنڪن کي سرڪاري تحويل ۾ ورتو ۽ ان سان گڏ تيل ڪمپنيون جهازران ڪمپنيون بہ سرڪار پنهنجي تحويل ۾ ورتيون. ملڪ ۾ عشاري نظام لاڳو ڪيو ويو.
3 جنوري 1974ع: خان آف قلات مير احمد يار خان اڪبر بگٽيءَ جي جاءِ تي گورنري جي عهدي جو قسم کنيو.
23 جنوري 1974ع: قومي اسيمبليءَ ريڊ ڪراس جو نالو انجمن هلال احمر رکڻ جي منظوري ڏني.
27 جنوري 1974ع: وزيراعظم ڀٽو سيوهڻ شريف ۾ ترقياتي مرڪز جي پيڙهہ جو پٿر رکيو.
8 فيبروري 1974ع: پاڪستان ۽ روس جي وچ ۾ سائنسي ۽ فني سهڪار جي ٺاهہ جو منصوبو طئي ٿي ويو.


www.bhutto.org

9 فيبروري 1974ع: وزيراعظم ڀٽي ڪراچيءَ ۾ جيورسٽ ڪانفرنس جو افتتاح ڪيو ۽ حڪومت هاءِ ڪورٽن جي ججن جي پگهارن ۾ اضافو ڪيو.

10 فيبروري 1974ع: ياسر عرفات اسلامي سربراهي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ وزيراعظم جي دعوت قبول ڪئي.

17 فيبروري 1974ع: اسلامي سربراهي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ٻاهرين ملڪن جا وفد لاهور پهچڻ شروع ٿي ويا.

21 فيبروري 1974ع: اسلامي سربراهي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ 30 اسلامي ملڪن جا سربراهه لاهور پهچي ويا.

23 فيبروري 1974ع: فلسطين جي آزاديءَ واري تنظيم هڪ واحد نمائنده تنظيم تسليم ڪيو ويو.

24 فيبروري 1974ع: لاهور ۾ ٻي اسلامي سربراهي ڪانفرنس ختم ٿي ويئي. وزيراعظم ڀٽي ان ۾ تقرير ڪندي چيو ته اسلامي دنيا لاءِ اسان رت جو آخري ڦڙو به وهائينداسين.

2 مارچ 1974ع: زمبيا جو صدر ڪينٿ ڪوانڊا پاڪستان جي سرڪاري دوري تي اسلام آباد آيو.

9 مارچ 1974ع متحده عرب امارات جو صدر شيخ زيد بن سلطان النهيان اسلام آباد پهتو. صدر ڀٽي سندس استقبال ڪيو.

12 مارچ 1974ع: شيخ زيد بن سلطان لاڙڪاڻي ۾ اسپتال جي پيڙهه واري پٿر جي نقاب ڪشائي ڪئي.

13 مارچ 1974ع: پاڪستان ۽ متحده عرب امارتن جي وزارتي ڪميشن قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو.

25 مارچ 1974ع: ديهه مندار جي جاءِ تي پاڪستان جي پهرئين زميني مواصلاتي اسٽيشن جو افتتاح ڪيو ويو.

12 اپريل 1974ع: پاڪستان ۾ ڪلمه طيب لکيل ماچيسن گهرائڻ تي پابندي لڳائي وئي.



www.bhutto.org

14 اپريل 1974ع: وزيراعظم لاهور ۾ خشڪ گودي جو افتتاح ڪيو ۽ چيائين ته هن بندرگاهه جي قيام سان ملڪ جي خوشحاليءَ ۾ اضافو ٿيندو.

26 اپريل 1974ع: وزيراعظم ڪوئٽيا ۾ 150 ڪلو واٽ واري ميڊيم ويو ٽرانسميٽر جو افتتاح ڪرڻ وقت چيو ته ٻاهرئين حملي جي صورت ۾ ايران پاڪستان جي پوري پوري مدد ڪندو.

30 اپريل 1974ع: ڀارت مان پاڪستاني جنگي قيدين جي واپسيءَ جو ڪم مڪمل ٿي ويو. آخري قيدي اوڀر پاڪستان جو ڪمانڊر ليفٽيننٽ جنرل امير عبدالله خان نيازي ۽ ان سان گڏ ٻي ميجر جنرل به آيا.

3 مئي 1974ع: جنگي قيدين جي موٽڻ جي خوشيءَ ۾ شڪراني جو ڏينهن ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو.

7 مئي 1974ع: وزيراعظم ڀٽي اڳوڻي صدر ايوب خان جي گهر وڃي سندس بيوه سان عذرخواهي ڪئي.

11 مئي 1974ع: وزيراعظم ڀٽو عوامي جمهوريه چين جي دوري تي پيڪنگ پهتو ۽ چيئرمين مائوزي تنگ سان 90 منٽ اهم ڳالهيون ڪيون.

12 مئي 1974ع: چيني حڪومت طرفان وزيراعظم ڀٽي جي اعزاز ۾ ڏنل دعوت مان ڀارتي سفير واڪ آئوٽ ڪري هليو ويو. چين پاڪستان جي آزادي ۽ ڪشميرين جي حق خوداختياري جي حمايت جو اعلان ڪيو.

19 مئي 1974ع: وزيراعظم اعلان ڪيو ته پاڪستان پنهنجي ايٽمي پروگرام تي تيزي سان عمل ڪري رهيو آهي ۽ ڀارت جي ايٽمي ڌماڪي سبب پنهنجي پرڏيهي پاليسيءَ ۾ ڪا به تبديلي نه ڪندو.

8- جون 1974ع: وزير خزانه ڊاڪٽر مبشر حسن قومي اسيمبليءَ ۾ نئين سال جي بجيٽ پيش ڪئي. سرڪاري



www.bhutto.org

ملازمن کي مهانگائي الائونس ڏنو ويو ۽ پينشن ۾ واڌارو ڪيو ويو.

13 – جون 1974ع: ختم نبوت نه مڃيندڙن کي ڪافر قرار ڏنو ويو.

9ـ جون 1974ع: وزيراعظم کي قتل ڪرڻ جي سازش جو انڪشاف ٿيو. سرحد اسيمبلي ۾ قاديانين کي اقليت قرار ڏيڻ جو ٺهراءُ يڪراءِ منظور ٿيو.

27 جون 1974ع: چين ايٽمي حملي ۾ ڪنهن به ٻاهرئين حملي خلاف پاڪستان جي ڀرپور مدد ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

14 جولاءِ 1974ع: وزيراعظم چيو ته جيڪڏهن ڪنهن ملڪ پاڪستان تي حملو ڪيو ته اهو پڇتائيندو. افغانستان جيڪڏن اتحاد جي ڳالهه ڪري ٿو ته ان کي پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ گهرجي.

15 جولاءِ 1974ع: وزيراعظم ڀٽو چيو ته پاڪستان ڪشمير جي باري ۾ پارٽ يا شيخ عبدالله جو فيصلو قبول نه ڪندو. پارٽ سان ڳالهيون شروع ڪرڻ جو دارومدار حالتن تي آهي.

17 جولاءِ 1974ع: پاڪستان جي حڪومت سرحدن تي پارٽي ۾ افغان فوجن جي چرپر نظر ۾ رکي ملڪ جي دفاع جا سمورا انتظام مڪمل ڪري ورتا.

31 جولاءِ 1974ع: وزيراعظم ڀٽو خاران ۾ اعلان ڪيو ته پاڪستان جارحيت جي مقابلي لاءِ ٻاهرين حمايت حاصل ڪندو. پاڪستان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو.

11 آگسٽ 1974ع: وزيراعظم ڀٽي تي ناڪام قاتلاڻي حملي جي ڪوشش ۾ ٻاويهه ماڻهو گرفتار ڪيا ويا.

13 آگسٽ 1974ع: وزيراعظم ڀٽي يوم آزادي جي موقعي تي چيو ته ملڪ ۾ جمهوري ادارن کي منظم بنايو ويندو ۽



www.bhutto.org

اسلامي اتحاد جي خواب کي حقيقت بنائڻ لاءِ
پاڪساني قوم متحد ٿي ويندي.

16 آگسٽ 1974ع: وزيراعظم ڀٽي چيو تہ پاڪستان ۽ آزاد ڪشمير جي عوام ان ڳالھ جو پڪو پهہ ڪيو آهي تہ هو ڪشميري عوام جي خود اختياري حاصل ڪرڻ تائين گڏيل جدوجهد ڪندا رهندا جيستائين ڪشمير مسئلي جو انصاف ڀريو فيصلو نہ ٿو ڪيو وڃي.

4 سيپٽمبر 1974ع: وزيراعظم ڀٽي سري لنڪا جي وزيراعظم مسز بندرانائيڪي جو استقبال ڪيو ۽ چيو تہ پاڪستان ۽ سري لنڪا تاريخي ۽ ثقافتي رشتن ۾ ڳنڍيل آهن.

8 سيپٽمبر 1974ع: وزيراعظم ڀٽي قاديانين کي غير مسلم اقليت قرار ڏنو ۽ سڄي ملڪ ان قدم کي ساراهيو.

9 سيپٽمبر 1974ع: برطانوي اخبارن قاديانين متعلق فيصلي کي ساراهيو ۽ لکيو تہ قاديانين کي غير مسلم اقليت قرار ڏيئي وزيراعظم ڀٽي پاڪستان کي خانہ جنگيءَ کان بچايو آهي.

22 سيپٽمبر 1974ع: وزيراعظم چيو تہ آمريڪا هٿيارن جي رسد روڪي پاڪستان سان امتيازي سلوڪ ڪيو آهي. وڏيڪ چيائين تہ پاڪستان کي هٿيارن ڏيڻ سان نئين ڪنڊ ۾ جٽادار امن ٿيندو جنهن سان خود آمريڪا کي بہ فائدو ٿيندو.

30 سيپٽمبر 1974ع: وزيراعظم ڀٽي چيو تہ چين سان اسان جا تمام گهرا تعلقات آهن ۽ پاڪستان جي عوام لاءِ اها فخر جهڙي ڳالھ آهي.

20 آڪٽوبر 1974ع: وزيراعظم پاڪستان نيشنل سينٽر لاڙڪاڻي جو افتتاح ڪيو ۽ پيپلز اسٽيڊيم ۾ تقرير ڪندي



www.bhutto.org

چيو ته ملڪ دشمن قوتن جو هر قدم تي مقابلو
ڪبو.
26-آڪٽوبر 1974ع: روس پاڪستان کي وڌيڪ مالي ۽ فني امداد
ڏيڻ جو اعلان ڪيو. روس پاڪستان کي اسٽيل
مل ڪراچيءَ لاءِ ۽ 22 ڪروڙ 80 لک روبل ڏيڻ لاءِ
راضي ٿي ويو.
31-آڪٽوبر 1974ع: وزيراعظم ڀٽو ۽ ڊاڪٽر ڪسنگر وچ ۾ ٻن
ڪلاڪن تائين ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ آمريڪا
پاڪستان جي علائقائي سالميت ۽ خودمختياريءَ
جي حمايت جو اعلان ڪيو.
8-نومبر 1974ع: وزيراعظم ڀٽي چيو ته بهاولپور يا ڪراچي کي
صوبو بنائڻ جو مطالبو منظور نه ڪيو ويندو.
14-نومبر 1974ع: وزيراعظم چيو ته فلسطينين جي حقن جي
حمايت جاري رکي ويندي.
24-نومبر 1974ع: وزيراعظم چيو ته عدليه کي فرضن جي ادائگيءَ ۾
حڪومت جو مڪمل ساٿ رهندو.
27-ڊسمبر 1974ع: وزيراعظم ڀٽي افغانستان جي صدر سردار دائود
کي پاڪستان جي دوري جي دعوت ڏني ۽ چيائين
ته پاڙيسري ملڪن سان بهترين لاڳاپا قائم ڪرڻ
پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جو بنيادي اصول
آهي.
1-جنوري 1975ع: سوات جي زلزلي سٽيلن جي مدد لاءِ سعودي عرب
ڏهه ڪروڙ روپين جي امداد جو اعلان ڪيو.
3-جنوري 1975ع: نيپال جي وزيراعظم مسٽر نگندر پرشاد جال
پاڪستان پهچي ڀٽي صاحب سان اهم ڳالهيون
ڪيون.
13-جنوري 1975ع: وزيراعظم ڀٽي شڪارپور کي ضلعو بنائڻ جو
اعلان ڪيو.



www.bhutto.org

18_جنوري 1975ع: ختم نبوت جي عقيدي خلاف پرچار ڪرڻ ڏوهه قرار ڏيڻ لاءِ قومي اسيمبليءَ ۾ بل پيش ڪيو ويو.

19_جنوري 1975ع: آسٽريليا جو وزيراعظم گف رٽلم پاڪستان جي دوري تي اسلام آباد پهتو ۽ سوا ڪلاڪ تائين وزيراعظم سان ٻنهي ملڪن جي گڏيل دلچسپيءَ وارن معاملن تي ڳالهيون ڪيائين ۽ سوات جي زلزلي سٽيلن لاءِ ٽي لک ٽن ڪٽڪ ۽ هڪ لک پنجويهه هزار ڊالر امداد ڏيڻ جوا علان ڪيائين.

20_جنوري 1975ع: وزيراعظم ڀٽي چُو اين لائيءَ کي ٻيهر چين جو وزيراعظم مقرر ٿيڻ تي دلي مبارڪون ڏنيون.

21_جنوري 1975ع: لبنان زلزلي سٽيلن جي امداد لاءِ 90 هزار پائونڊ امداد ڏيڻ جو اعلان ڪيو.

22_جنوري 1975ع: آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ طرفان وزيراعظم ڀٽي کي ڊاڪٽر آف سول لاز جي اعزازي ڊگري ڏيڻ جوا علان ڪيو ويو.

23 جنوري 1975ع: پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ واپاري ناهه تي صحيحون ٿيون.

24 جنوري 1975ع: وزيراعظم اقوام متحده جي سيڪريٽري جنرل ولڊ هائيم کي هڪ خط لکيو ته افغانستان پاڪستان ۾ دهشت گرديءَ جي ڪارروواين ۾ رڌل آهي.

25_جنوري 1975ع: پاڪستان جي حڪومت بدين ۽ پيرو لاشاري جي وچ ۾ 35 ڪروڙ رپين جي خرچ سان ڪاغذ جو ڪارخانو اڳاڙڻ جو فيصلو ڪيو.

2_فيبروري 1975ع: روس جو پنجن ڄڻن تي ٻڌل واپاري وفد ڪراچي کان اسلام آباد پهتو.



www.bhutto.org

4-فيبروري 1975ع: وزيراعظم ڀٽو ٽن ڏينهن جي سرڪاري دوري تي آمريڪا پهتو جتي اعليٰ عملدارن سندس استقبال ڪيو.

6 - فيبروري 1975ع: وائيٽ هائوس ۾ دعوت جي موقعي تي آمريڪا جي صدر فورڊ تقرير ڪندي چيو تہ وزيراعظم ڀٽي نازڪ وقت ۾ حڪومت سنڀالي ۽ پختي ارادي سان ملڪ جي رهنمائي ڪئي آهي. آمريڪا پنهنجي سچي دوست کي ڀليڪار چوي ٿو.

7-فيبروري 1975ع: وزيراعظم آمريڪا جو دورو مڪمل ڪري ورتو. دوري جي پڄاڻيءَ تي گڏيل اعلان ۾ پاڪستان جي آزادي ۽ علائقائي سالميت جي حمايت جو اعلان ڪيو ويو.

8-فيبروري 1975ع: حيات محمد خان شير پائو بم جي حادثي ۾ فوت ٿي ويو.

9-فيبروري 1975ع: شير پائو جي قتل جي الزام ۾ ولي خان سميت سرحد جي ٻين مکيہ ليڊرن کي گرفتار ڪيو ويو.

13-فيبروري 1975ع: ايران ۽ پاڪستان جي وزارتي ڪميشن جي فيصلن مطابق صنعت، زراعت، مواصلات ۽ واپاري شعبن ۾ گڏيل منصوبا شروع ڪرڻ بابت رضامندي ظاهر ڪئي وئي.

17-فيبروري 1975ع: سرحد جي صوبائي حڪومت ختم ڪري گورنر راڄ لاڳو ڪيو ويو.

23-فيبروري 1975ع: آمريڪا پاڪستان کي هٿيارن جي سپلاءِ بحال ڪئي.

26-فيبروري 19775ع: آمريڪا پاڪستان کي هٿيار ڏيڻ متعلق ڀارت جو احتجاج رد ڪري ڇڏيو.


www.bhutto.org

1_مارچ 1975ع: تيل پيدا ڪندڙ ملڪن جي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ عزيز احمد جي سربراهيءَ ۾ وفد الجزائر روانو ٿي ويو.

6_مارچ 1975ع: وزيراعظم اسڪوائش جي عالمي چيمپين قمرالزمان ۽ برطانوي چيمپيئن محب الله خان کي ڏهه ڏهه هزار روپين جو انعام ڏنو.

14_مارچ 1975ع: لاڙڪاڻي ۾ وزيراعظم ڀٽي شگر ملز جو افتتاح ڪيو ۽ شيرپائو جي مقبري ۽ مسجد جي ڊزائين جي منظوري ڏني.

23_مارچ 1975ع: سڄي ملڪ ۾ يوم استقلال ملهايو ويو ۽ وزيراعظم فوجي پريڊ کي خطاب ڪيو.

27_مارچ 1975ع: قومي اسيمبلي شاهه فيصل جي موت تي گهري رنج ۽ ڏک جو اظهار ڪيو. وزيراعظم جنازي ۾ شرڪت لاءِ رياض پهچي ويو.

4_اپريل 1975ع: وزيراعظم ڀٽي گوجرانوالہ ۾ هڪ سؤ بسترن واري فيصل شهيد اسپتال جو افتتاح ڪيو.

29_اپريل 1975ع: ٺٽي ۽ بدين ضلعن ۾ آبادگارن لاءِ قرض تي وياج معاف ڪري ڇڏيو.

2_مئي 1975ع: جاپان پاڪستان کي هڪ ڪروڙ اسٽرلنگ قرض ڏيڻ جو اعلان ڪيو.

7_مئي 1975ع: بلوچستان جي وزيراعليٰ ڄام غلام قادر چيو تہ وزيراعظم ڀٽي پٽ فيڊر جي علائقي مان زرعي سڌارن هيٺ حاصل ڪيل پنج لک ايڪڙ زرعي زمين يڪدم ورهائڻ جو حڪم ڏنو آهي.

27_مئي 1975ع: آمريڪا پاڪستان کي 65 هزار ٽن ڪڻڪ ڏيڻ جو اعلان ڪيو.

31_ مئي 1975ع: قومي اسيمبليءَ ۾ اقليتن جون سيٽون ٽن مان وڌائي پنج ڪيون ويون.



www.bhutto.org

5ـ جون 1975ع: وزيراعظم ڀٽي چيو ته ڪشميري خود اختياريءَ جي حق واري جدوجهد ۾ اڪيلا نه آهن، پاڪستاني ۽ ڪشميري عوام جي منزل هڪ ئي آهي.

21 – جون 1975ع: سينيٽ جي مسلمان ميمبرن لاءِ ختم نبوت جي عقيدي تي ايمان رکڻ لازمي قرار ڏنو ويو ۽ ڪپڙي جي صنعت وڌائڻ لاءِ چين مان چار ٽيڪسٽائيل پلانٽ خريد ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو.

27– جون 1975ع: ٻوڏ سٽيلن جي مدد لاءِ 70 ڪرب رپين جي عارضي امداد جو اعلان ڪيو ويو.

28ـ جولاءِ 1975ع: سعودي عرب ۽ پاڪستان جي گڏيل بئنڪ "الجزيره" جي ڊائريڪٽرن جي بورڊ جي اجلاس ۾ جميل نشتر کي نائب صدر چونڊيو ويو.

30ـ جولاءِ 1975ع: چترال ويجهو هندو ڪش جي جابلو سلسلي ۾ سرمي ۽ سون جا وڏا ذخيرا لڌا ويا.

31ـ جولاءِ 1975ع: محمد عباس عباسي پنجاب جي نئين گورنر جي عهدي جو قسم کڻي ورتو. غلام مصطفيٰ کر استعيفيٰ ڏئي ڇڏي.

6ـ آگسٽ 1975ع: وزيراعظم ڀٽي راولپنڊيءَ ۾ هڪ دفعو ٻيهر اعلان ڪيو ته ڪشمير جو تڪرار نبيرڻ کان سواءِ ننڍي کنڊ ۾ امن قائم ٿي نه سگهندو. ڀارت جي بالادستي قبول نه ڪئي ويندي.

15ـ آگسٽ 1975ع: بنگلاديش ۾ انقلاب اچي ويو شيخ مجيب الرحمان کي قتل ڪيو ويو.

18ـ آگسٽ 1975ع: اسلام آباد ۾ ڀارت ۽ پاڪستان جي عملدارن وچ ۾ سلال ڊيم جي سلسلي ۾ ڳالهه ٻولهه شروع ٿي وئي.

2ـ سيپٽمبر 1975ع: وزيراعظم ڀٽي ۽ شهزادي فهد وچ ۾ مختلف مسئلن تي ڳالهيون شروع ٿي ويون. سعودي عرب



www.bhutto.org

پاڪستان جي ترقياتي منصوبن لاءِ مدد جو واعدو ڪيو ۽ سعودي حڪومت ختم نبوت تي ايمان نہ رکندڙن لاءِ حج ڪرڻ تي پابندي هٽي ڇڏي

1ـ آڪٽوبر 1975ع: تيل جي بحران ۽ علائقائي مسئلن تي وزيراعظم ڀٽو ۽ شهنشاهہ ايران وچ ۾ ڳالهيون شروع ٿي ويون. ڪراچيءَ ۾ اسٽيل ملز جي وڏي پلانٽ جي تعمير شروع ٿي ويئي.

10ـ آڪٽوبر 1975ع: آمريڪا جي صدر فورڊ پاڪستان کي يقين ڏياريو تہ پاڪستان جي اقتصادي امداد جاري رهندي ۽ آمريڪا علائقائي سالميت جي تحفظ لاءِ پاڪستان جي حمايت ڪندو رهندو.

23ـ آڪٽوبر 1975ع: پاڪستان ٻن سالن لاءِ سلامتي ڪائونسل جو رڪن چونڊجي ويو. وزيراعظم ۽ رومانيہ جي صدر وچ ۾ اهم ڳالهيون شروع ٿي ويون.

2ـ نومبر 1975ع: وزيراعظم ڀٽي ۽ اردن جي ولي عهد شهزادي حسن بن طلال ۾ ملاقات ٿي. وزيراعظم يقين ڏياريو تہ اردن ۽ پاڪستان وچ ۾ وڏيڪ تعاون جاري رهندو.

4ـ نومبر 1975ع: پاڪستان ۽ الجزائر جي وچ ۾ واپاري معاهدو ٿيو جنهن موجب پاڪستان الجزائر ڏانهن ڇهہ هزار ٽن چانور موڪليندو. پاڪستان جي حڪومت سينيگال جي اڳواڻ گابا کي اسلامي ڪانفرنس جو نئون سيڪريٽري مقرر ٿيڻ تي مبارڪباد موڪلي.

وزيراعظم ڀٽي ننڍن هارين لاءِ ڍل ۽ ٻيا محصول معاف ڪري ڇڏيا.

24ـ نومبر 1975ع: ٻاهرين ملڪن ۾ اسلام جي تبليغ لاءِ وفاقي حڪومت 21 لک روپين جو پرڏيهي ناڻو منظور



www.bhutto.org

ڪيو. قومي اسيمبلي هوائي اڏن لاءِ سيڪيورٽي بل منظور ڪري ورتو.

26_نومبر 1975ع: قومي اسيمبليءَ ڊاڪ جو بل منظور ڪيو جنهن موجب پنجن هزارن کان وڌيڪ ڊاڪ ڏيڻ جي حالت ۾ حڪومت اهو ضبط ڪري وٺندي.

16_ڊسمبر 1975ع: وزيراعظم ڀٽو جڏهن سريلنڪا جي دوري تي ڪولمبو پهتو ته اتي وزيراعظم مسز بندرانائڪي سندس استقبال ڪيو. ڀٽي صاحب سريلنڪا جي اسيمبليءَ کي خطاب ڪندي چيو ته "سريلنڪا ۽ پاڪستان هر آزمائش ۾ پورا لٿا آهن."

20_ڊسمبر 1975ع: وزيراعظم ڀٽي اعلان ڪيو ته 75 روپيا ماهوار هر هڪ پيرسن مزدور کي پينشن ملندي رهندي، جنهن مرد جي عمر 55 سال ۽ عورت جي عمر 50 سال هوندي ۽ انهن پنهنجي ملازمت جا 15 سال پورا ڪيا هوندا.

1_جنوري 1976ع: وزيراعظم ڪراچيءَ ۾ قائداعظم جي سو ساله يوم ولادت جي تقريبن جو افتتاح ڪيو.

16_جنوري 1976ع: وفاقي ۽ صوبائي ملازمن جي پگهارن ۾ واڌاري لاءِ هڪ ڪميشن مقرر ڪئي ويئي.

23_جنوري 1976ع: پاڪستان ۽ بنگلاديش ۾ ٽپال، تار ۽ ٽيليفون جي بحاليءَ جو ناهه ٿي ويو. برازيل، پاڪستان کي اسٽيل ملز لاءِ ڪچو لوهه مهيا ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

24_جنوري 1976ع: پاڪستان اقوام متحده ۾ فلسطيني رياست قائم ڪرڻ جي حمايت جو اعلان ڪيو.

26_جنوري 1976ع: سکر ۾ وزيراعظم ڀٽي جي صدارت هيٺ پيپلز پارٽيءَ جو ٻن ڏينهن وارو ڪنوينشن شروع ٿيو.



www.bhutto.org

1_فيبروري 1976ع: شيخ زيد بن سلطان النهيان لاڙڪاڻي ۾ متحده عرب امارات جي مدد سان ٺهيل زناني اسپتال جو افتتاح ڪيو.

6_فيبروري 1976ع: سعودي عرب پاڪستان ۾ ميرپور ماٿيلو وٽ ڪيميائي ياڻ ٺاهڻ جي ڪارخاني لاءِ اٺتيهه ڪروڙ روپين جي قرض جو اعلان ڪيو.

9_فيبروري 1976ع: ڏهه ڪروڙ ڊالرن جي موڙيءَ سان پاڪ لبيا ڪمپني قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو.

11_فيبروري 1976ع: مظفر علي قزلباش کي فرانس ۾ سفير مقرر ڪيو ويو.

12_فيبروري 1976ع: مسجد نبويءَ جو خطيب، امام ۽ مدينه منور جو چيف جسٽس شيخ عبدالعزيز بن صالح پاڪستان پهچي ويو.

13_فيبروري 1976ع: 1976ع: وزيراعظم ڀٽي گوئٽي مالا جي زلزلي سٽيل جي مدد لاءِ ڪمبل، دوائون ۽ تنبو موڪلڻ جي هدايت ڪئي.

18_فيبروري 1976ع: وزيراعظم ڀٽو مغربي جرمنيءَ جي ٽن ڏينهن واري سرڪاري دوري تي بون پهچي ويو ۽ چانسلر شمٽ سان ڳالهين جو پهريون دور مڪمل ڪيائين.

20_فيبروري 1976ع: وزيراعظم ڀٽي چيو ته پاڪستان فرانس سان ايٽمي ري پراسيسنگ پلانٽ حاصل ڪرڻ لاءِ ٺاهه ڪيو آهي. وزيراعظم ڀٽو سوئيڊن جي گاديءَ واري هنڌ اسٽاڪ هوم پهتو ته ان جو گرمجوشيءَ سان آڌرڀاءُ ڪيو ويو.

21_فيبروري 1976ع: پاڪستان ۽ سوئيڊن جي وزيراعظمن وچ ۾ ضروري ڳالهيون ٻنهي ملڪن جي اهم معاملن تي شروع ٿي ويون.



www.bhutto.org

23_فيبروري 1976ع: پاڪستان جي حڪومت عوامي جمهوريه انگولا جي حڪومت کي تسليم ڪيو.
وزيراعظم ڀٽو ڪينيڊا جي ٽن ڏينهن جي دوري تي اوٽاوا پهچي ويو.

24_فيبروري 1976ع: وزيراعظم ڀٽي ۽ ڪينيڊا جي وزيراعظم ايليٽ ٽروڊو جي وچ ۾ عالمي معاملن ۽ گڏيل دلچسپيءَ جي معاملن تي ڳالهه ٻولهه شروع ٿي ۽ ٻنهي ملڪن ۾ هڪ ناهه تي صحيحون ٿيون.

26_فيبروري 1976ع: وزيراعظم ڀٽي اوٽاوه ۾ مسجد جي تعمير لاءِ هڪ لک ڊالرن جو عطيو ڏنو.

29_فيبروري 1976ع: جنرل ٽڪا خان 43 سالن جي ملازمت بعد رٽائر ٿي ويو. بين الاقوامي سيرت ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪعبة‌الله شريف جو امام شيخ محمد عبدالله السبيل ڪراچي پهچي ويو.

1_مارچ 1976ع: جنرل ضياءالحق بري فوج جو چيف آف اسٽاف جنرل محمد شريف جائنٽ چيف آف اسٽاف جو عهدو سنڀاليو. جنرل ٽڪا خان وزيراعظم جي قومي سلامتيءَ لاءِ خاص مددگار جي عهدي جو قسم کنيو.

2_مارچ 1976ع: پاڪستان جي پهرين تاريخي بين الاقوامي سيرت ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ 43 ملڪن جا نالي وارا عالم ۽ دانشور اسلام آباد پهتا. اردن جي سينيٽ چيئرمين بهجت طلهوني اسلام آباد ۾ وزيراعظم ڀٽي سان ملاقات ڪئي.

5_مارچ 1976ع: عراقي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر سعدون حمادي پاڪستان جي هڪ ڏينهن جي دوري تي ڪراچي آيو. دفاع ۽ پرڏيهي معاملن واري مملڪتي وزير عزيز احمد سان ڏيڍ ڪلاڪ تائين ڳالهيون ڪيائين.



www.bhutto.org

6_مارچ 1976ع: وزيراعظم ڀٽو اعلان ڪيو تہ پاڪستان هر آزمائش وقت بنگلاديش جي مدد ڪندو.

7_مارچ 1976ع: پاڪستان ۽ ٻين اسلامي ملڪن بيت المقدس جي صورتحال تي غور ڪرڻ لاءِ سلامتي ڪائونسل جو اجلاس طلب ڪري ورتو.

19 – مارچ 1976ع: ايران جو شهنشاهہ رضا شاهہ پهلوي ۽ سندس راڻي پنجن ڏينهن جي دوري تي اسلام آباد آيا.

23_مارچ 1976ع: سڄي ملڪ ۾ يوم پاڪستان ملهايو ويو. وزيراعظم ڀٽي اسلام آباد پارليمينٽ جي عمارت جو سنگ بنياد رکيو ۽ چيائين تہ حڪومتون ختم ٿي وينديون آهن پر قانون باقي رهندو آهي.

1_اپريل 1976ع: وزيراعظم ڀٽي بلوچستان تي 12 لک تقاوي جو قرض معاف ڪري ڇڏيو.

❊ وزيراعظم بلوچستان جي سموري سرداري ٽيڪس ختم ڪري ڇڏي

2_اپريل 1976ع: بلوچستان جي ناميارن سياستدانن پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪئي.

7_اپريل 1976ع: وزيراعظم ڀٽي ڪوئيٽا ۾ استاف ڪاليج جي نئين عمارت جو افتتاح ڪيو ۽ تقرير ڪندي چيائين تہ پاڪستان پاڻ کي اڳرائي لاءِ هٿيار بند نہ ٿو ڪري.

❊ وزيراعظم جي هدايت تي پشاور ريڊيو تان گوجري زبان ۾ بہ خبرون نشر ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو.

8_اپريل 1976ع: سڄي ملڪ ۾ سرداري نظام ختم ڪيو ويو. وزيراعظم بلوچستان جي ترقياتي ڪم لاءِ بہ ڪروڙ روپين جي منظوري ڏني. چشما بئراج جي



www.bhutto.org

ويجهو پاڪستان جي پهرين ايٽمي بجلي گهر اڏڻ
جو ابتدائي ڪم شروع ڪيو ويو.

9-اپريل 1976ع: بلوچستان جي سمورن سردارن کي حڪومت
طرفان چتاءُ ڏنو ويو ته پنهنجا خانگي جيل بند
ڪري سمورن قيدين کي آزاد ڪن نه ته فوج سمورا
جيل ڊاهي ڇڏيندي.

25-اپريل 1976ع: مرڪزي حڪومت نقلي ۽ غيرمعياري دوائون
وڪرو ڪندڙن کي ڏهه سال قيد ۽ هڪ لک روپيا
ڏنڊ جي سزا ڏيڻ جو اعلان ڪيو.

5-مئي 1976ع: وزيراعظم ڀٽي اقوام متحده جي واپار ۽ ترقيءَ واري
ڪانفرنس تي زور ڀريو ته هاڻوڪي ناانصافيءَ تي
ٻڌل عالمي اقتصادي نظام کي ختم ڪيو وڃي.

7-مئي 1976ع: پاڪستان جي حڪومت اعلان ڪيو ته ڀارت سان
ڳالهيون 12 مئي تي اسلام آباد ۾ ٿينديون.
پي. آءِ.اي جي ملازمت کي لازمي ملازمت قرار ڏنو
ويو.

10-مئي 1976ع: وزيراعظم ڀٽو اترين علائقن جي دوري تي گلگت
پهچي ويو.

12-مئي 1976ع: اخبارن ۽ رسالن ۾ قرآني آيتن جي غلط نمونې
ڇپائي ڏوهه قرار ڏني وئي.

13-مئي 1976ع: وزيراعظم ڀٽي فوج کي مخاطب ٿيندي چيو ته
پاڪستان ڀارت سان دوستي ڪرڻ گهري ٿو پر
ڪشمير تي سوديبازي نه ڪئي ويندي.

17-مئي 1976ع: پاڪستان جي صدر سياسي جماعتن لاءِ نئون
آرڊيننس جاري ڪيو. ملائيشيا جي وزيراعظم
داتو حسن عون چيو ته پاڪ ڀارت معاهدي سان
ڏکڻ ايشيا تي سٺو اثر پوندو.



www.bhutto.org

19۔ مئي 1976ع: وزيراعظم ڀٽو عوامي جمهوريہ ڪوريا ۽ عوامي جمهوريہ چين جي دوري جي سلسلي ۾ هانگ ڪانگ پهچي ويو.

22۔ مئي 1976ع: وزيراعظم ڀٽي ۽ ڪوريا جي صدر ڪم ال سنگ وچ ۾ ٻنهي ملڪن جي گڏيل دلچسپيءَ وارن معاملن تي ڳالهيون ٿيون. ٻنهي اڳواڻن وڏين طاقتن ۽ ٻين ملڪن جي لاڳاپن جو جائزو ورتو.

25۔مئي 1976ع: وزيراعظم ڀٽو عوامي جمهوريہ چين جي دوري تي پيڪنگ پهتو تہ اتي سندس شاندار استقبال ٿيو. ان موقعي تي چين جي وزيراعظم مسٽر هوا ڪوفنگ چيو تہ دنياجي ڪابہ طاقت پاڪستان ۽ چين جي دوستيءَ کي ختم نٿي ڪري سگهي.

3۔جون 1976ع: پاڪستان جي حڪومت برطانيا ۾ رهندڙ پاڪستانين جي حفاظت لاءِ خاص قدم کنيا.

6۔جون 1976ع: وزيراعظم ڀٽو افغانستان جي چئن ڏينهن جي سرڪاري دوري تي ڪابل پهتو جتي هوائي اڏي تي صدر دائود سندس استقبال ڪيو.

16۔جون 1976ع: ياسر عرفات وزيراعظم ڀٽي کي جنگ بند ڪرائڻ جي اپيل ڪئي. وزيراعظم ڀٽي چيو تہ اسان لبنان جي مخالف ٽولن ۾ ناهہ ڪرائڻ لاءِ تيار آهيون.

23۔جون 1976ع: پاڪستان ۽ ڀارت جي حڪومتن وچ ۾ لاهور ۽ امرتسر وچ ۾ ايڪسپريس ٽرين هلائڻ جو ناهہ ٿي ويو.

24۔جون 1976ع: وزيراعظم ڀٽو اسلامي يونيورسٽي بهاولپور جي وائيس چانسلر مولانا ابوبڪر غزنوي جي ڪتب لاءِ پنجاهہ هزار روپين جي خاص گرانٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو.


www.bhutto.org

27-جون 1976ع: مالديپ جي نائب صدر امير عبدالستار وزيراعظم ڀٽي سان ڳالهيون ڪيون. وفاقي حڪومت غازي علم الدين شهيد جي مقبري جي مرمت جو حڪم جاري ڪيو.

6-جولاءِ 1976ع: وزيراعظم ڀٽو غير سرڪاري دوري تي تهران پهچي ويو ۽ ايران جي شهنشاهه سان ٻنهي ملڪن جي معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي.

17-جولاءِ 1976ع: سڄي ملڪ ۾ جننگ فيڪٽريون فلور ۽ رائيس ملن کي قومي تحويل ۾ ورتو ويو ۽ زراعت جي انتظام لاءِ يڪدم نئين وزارت قائم ڪئي وئي.

23-جولاءِ 1976ع: پاڪستان جي ٽيليفون انڊسٽريءَ جي سمورن ملازمن جي پگهارن ۾ ڏهه سيڪڙو اضافو ڪيو ويو.

25-جولاءِ 1976ع: پٽ فيڊر جي علائقي ۾ هارين کي پنج لک ايڪڙ ايراضي مفت ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو. ڀارت جي هوائي ڪمپنيءَ جي باقاعدي پهرين اڏام وسيلي 18 مسافر بمبئي کان ڪراچي پهتا.

5-آگسٽ 1976ع: وزيراعظم ڀٽي ڪراچي کان 36 ميل پري پورٽ محمد بن قاسم جي پيڙهه جو پٿر رکيو.

7-آگسٽ 1976ع: وزيراعظم ڀٽي ۽ موريطانيا جي صدر مختيار الدادا وچ ۾ ٽن ڪلاڪن تائين گڏيل دلچسپيءَ جي معاملن، بين الاقوامي صورتحال ۽ ٻه طرفن تعلقات تي ڳالهه ٻولهه ٿي.

11-آگسٽ 1976ع: وزيراعظم ڀٽي چيو ته فرانس سان ٽيل ايٽمي ري پراسيسنگ پلانٽ وارو معاهدو رد نه ٿيندو. آمريڪا طرفان اهڙي ڪابه ڌمڪي نه ملي آهي. آمريڪا کي فرانس ۽ پاڪستان وچ ۾ ٿيل معاهدي تي اعتراض ڪرڻ جو ڪوبه حق نه آهي.



www.bhutto.org

25_آگسٽ 1976ع: فرانس جي حڪومت پاڪستان جي حڪومت
ڪي ايٽمي ري پراسيسنگ پلانٽ وڪرو ڪرڻ
وارو فيصلو واپس نہ وٺڻ جو اعلان ڪيو.
7_ سيپٽمبر 1976ع: وزيراعظم ڀٽي برطانيا کي ڪوه نور هيرو واپس
ڪرڻ لاءِ چيو.
9_سيپٽمبر 1976ع: وزيراعظم ڀٽي چين جي عظيم اڳواڻ مائوزي
تنگ جي وفات تي هڪ هفتو سوڳ ملهائڻ جو
اعلان ڪيو.
20_سيپٽمبر 1976ع: وزيراعظم ڀٽي صدر انور سادات کي ٻيو ڀيرو
مصر جو صدر چونڊجڻ تي مبارڪن جو پيغام
موڪليو.
3_آڪٽوبر 1976ع: وفاقي حڪومت ڏاج ۽ تحفن تي پابندين بابت
قاعدن قانونن جو اعلان ڪري ڇڏيو. ڀڃڪڙي
ڪرڻ وارن کي ڇهہ مهينا قيد يا ڏهہ هزار رپيا ڏنڊ
يا ٻئي سزائون ڏئي سگهجن ٿيون.
11_آڪٽوبر 1976ع: سعودي عرب جي شاهہ خالد ۽ وزيراعظم وچ ۾
اهم ڳالهيون ٿيون. ڳالهين ۾ ٻنهي حڪومتن جا
وفد بہ شامل ٿيا. وزيراعظم شاهہ خالد جي مانَ ۾
شاندار دعوت ڪئي.
18_آڪٽوبر 1976ع: شاهہ خالد وزيراعظم ڀٽي کي جيڪا ڪار
تحفي ۾ ڏني سا هن پاڻ حڪومت جي حوالي
ڪئي.
23_آڪٽوبر 1976ع: بيگم نصرت ڀٽو عورتن جي حقن بابت 19
نڪتن تي ٻڌل منشور پيش ڪري ڇڏيو.
2_نومبر 1976ع: وزيراعظم مهمند ايجنسيءَ ۾ عوام کي خطاب
ڪندي چيو تہ عوام خاطر جان قربان ڪرڻ کان بہ
پٺتي نہ هٽندس.


www.bhutto.org

3ـنومبر 1976ع: وزيراعظم ڀٽو جمي ڪارٽر کي آمريڪا جو صدر چونڊجڻ تي مبارڪن جو پيغام موڪليو.

8ـنومبر 1976ع: وزيراعظم ڀٽي چيو ته شاعر مشرق علامہ اقبال مسلمانن ۾ آزاد شهري وانگر زنده رهڻ جو حوصلو پيدا ڪيو آهي، ملڪي حدون بدلجي سگهن ٿيون پر آزادي جو جذبو ختم ٿي نہ ٿو سگهي.

14ـنومبر 1976ع: وزيراعظم ڀٽي راولپنڊيءَ ۾ اعلان ڪيو ته هاڻي ڪابہ حڪومت ڪشمير جي موجوده صورتحال کي قبول ڪري نٿي سگهي ۽ ڪنهن بہ ملڪ سان ڪنفيڊريشن جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

25ـنومبر. 1976ع: وزيراعظم ڀٽي لاڙڪاڻي ۾ چيو ته مون پنهنجي سڄي زندگي عوام جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏي آهي ۽ مان پاڪستان جي لڳاتار خدمت ڪندو رهندس. وزيراعظم پوليس سڌارن جو اعلان ڪيو. وزيراعظم ترڪي جي خوفناڪ زلزلي سٽيلن سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو ۽ هر امڪاني مدد ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

21ـڊسمبر 1976ع: وزيراعظم ڀٽي پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪيو ۽ چيائين تہ قائداعظم خود اعتماديءَ جو مجسمو هئو جيڪو هر طوفان ۾ جبل وانگر مضبوط بيٺو رهيو.

2ـجنوري 1977ع: قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي سيٽن جو اعلان ڪيو ويو. ان موجب صوبي پنجاب ۾ قومي اسيمبليءَ جون 115 سرحد ۾ 26، سنڌ ۾ 43، بلوچستان ۾ 7، قبائلي علائقن ۾ 8، اقليتن لاءِ 6 ۽ وفاقي گادي واري هنڌ لاءِ هڪ سيٽ مقرر ڪئي وئي.



www.bhutto.org

4-جنوري 1977ع: مزدورن لاءِ وڏيڪ سڌارن جو اعلان ڪيو ويو. وزيراعظم ڀٽي حضرت لال شهباز قلندر (رح) جي مقبري جي سوني دروازي جو افتتاح ڪيو. هي دروازو 12 فوٽ اوچو 9 فوٽ ويڪرو آهي ۽ ڏيڍ سال جي مدت ۾ 8 لک روپين جي خرچ سان ايران جي مشهور نقاش حسين پرورش جو تيار ڪيل آهي.

5-جنوري 1977ع: وزيراعظم ڀٽي وڏيڪ زرعي سڌارن جو اعلان ڪيو جن موجب ڍل ختم ڪري 25 ايڪڙن کان وڏيڪ ايراضيءَ تي زرعي انڪم ٽيڪس لاڳو ڪيو ويو.

6-جنوري 1977ع: سول ۽ فوجي ملازمن جي پينشن ٻيڻي ڪئي وئي.

7-جنوري 1977ع: پاڪستان ۾ عام چونڊن جو اعلان ڪيو ويو. علامہ اقبال جي ولادت جي سو سالہ جشن جو افتتاح وزيراعظم ڀٽي ڪيو. سينيٽ زيارت ريزيڊنسيءَ جو نالو قائداعظم هائوس رکڻ جو ٺهراءُ منظور ڪيو.

9-جنوري 1977ع: صدر پاڪستان 10 جنوريءَ تي قومي اسيمبلي ٽوڙڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو.

17-جنوري 1977ع: اقليتن لاءِ قائداعظم اوارڊ جو اعلان ڪيو ويو. وزيراعظم ڀٽي مارشل لا جي ڏوهين لاءِ خاص بورڊ قائم ڪيو. پيپلز پارٽي کي "تلوار" ۽ قومي اتحاد کي "هر" جو نشان الاٽ ڪيو ويو.

19-جنوري 1977ع: قومي اسيمبلي جي 200 جاين لاءِ 1199 اميدوارن نامزدگيءَ جا فارم ڀري ورتا.

20-جنوري 1977ع: وزيراعظم ڀٽي آمريڪا جي صدر جمي ڪارٽر کي صدارت جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪن جو پيغام موڪليو ۽ ان خواهش جو بہ اظهار ڪيو تہ


www.bhutto.org

سنڌس دور صدارت ۾ پاڪستان ۽ آمريڪا جي تعلقات ۾ اضافو ٿيندو.

21_جنوري 1977ع: اليڪشن ڪميشن وزيراعظم ڀٽي جي بنا مقابلي قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجڻ جو اعلان ڪيو.

22_جنوري 1977ع: وزيراعظم ڀٽي قائداعظم جي مزار جي سينگار لاءِ ايراني ماهرن جي ڊزائين منظور ڪئي.

24_جنوري 1977ع: پيپلز پارٽيءَ پنهنجي نئين منشور جو اعلان ڪيو.

30_جنوري 1977ع: نشتر پارڪ ڪراچيءَ ۾ هڪ عام جلسي ۾ تقرير ڪندي ڀٽي صاحب چيو تہ سون ۽ رهائشي جايون قومي تحويل ۾ نہ ورتيون وينديون.

31_جنوري 1977ع: پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو فوجي هفتو ملهائڻ جو رواج پيو ۽ صدر 153 فوجين کي بهادري ۽ جانبازيءَ جا تمغا ڏنا.

1_فيبروري 1977ع: قومي اسيمبليءَ جي اميدوارن کي اليڪشن جا نشان الاٽ ڪيا ويا.

2_فيبروري 1977ع: فرانسيسي حاڪمن اعلان ڪيو تہ پاڪستان کي ايٽمي پلانٽ ڏيڻ لاءِ فرانس آمريڪا سان ڪوبہ مشورو نہ ڪندو.

7_فيبروري 1977ع: سڄي ملڪ ۾ چونڊن تائين ڪوبہ هٿيار کڻي هلڻ تي پابندي لڳائي وئي.

11_فيبروري 1977ع: پاڪستان جي حڪومت فلسطين جي آزادي واري تنظيم کي هر ممڪن مدد ڏيڻ جو اعلان ڪيو.

18_فيبروري 1977ع: وزيراعظم ڀٽي پشاور جي چونڊن واري جلسي ۾ چيو تہ ناٽي جي ٿهلاءَ جي ڪري قيمتن کي گهٽ ڪرڻ ممڪن نہ آهي. پاڪستان جي حڪومت



www.bhutto.org

اعلان ڪيو ته پاڪستان پنج ڪروڙ روپين جي خرچ سان سعودي عرب ۾ هڪ بجلي گهر تعمير ڪندو.

21-فيبروري 1977ع: پي.آءِ.اي کي ڇهن مهينن وچ ۾ ٻه ڪروڙ سٺ لک روپين جو رڪارڊ نفعو ٿيو. اردن جي شاهه حسين وزيراعظم ڀٽي کي مسجد اقصيٰ جو هڪ ماڊل پيش ڪيو.

22-فيبروري 1977ع: وزيراعظم ڀٽي لاهور ۾ ٻي اسلامي سربراهي ڪانفرنس جي ياد ۾ ٺهرايل هڪ مينار جو افتتاح ڪيو. هي مينار 160 فوٽ اوچو آهي ۽ اسيمبلي هال الفلاح ۽ واپڊا هائوس جي وچ ۾ فيصل اسڪوائر ۾ تعمير ڪيو ويو آهي.

23-فيبروري 1977ع:وزيراعظم ڀٽي چين جي مدد سان ٽيڪسيلا ۾ ڍلائيءَ جو ڪارخانو ۽ ڳرين مشينن جي ڪمپليڪس جو افتتاح ڪيو.

6-مارچ 1977ع: وزيراعظم ڀٽي چيو ته جيڪڏهن يحيٰ خان اقتدار سول حڪومت جي حوالي ڪري ها ته ملڪ ٻه اڌ نه ٿئي ها.

7-مارچ 1977ع: پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو سول حڪومت جي نظرداريءَ هيٺ قومي اسيمبليءَ جي اليڪشن ٿي ۽ پيپلز پارٽي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿي.

9- مارچ 1977ع: قومي اتحاد جي اڳواڻن چونڊيل قومي اسيمبلي جي قانوني حيثيت کي مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ صوبائي اسيمبلين جي چونڊن ۾ حصو وٺڻ کان به انڪار ڪيو.

11- مارچ 1977ع: پاڪستان قومي اتحاد اليڪشن ڌانڌلين جا الزام هڻي سڄي ملڪ ۾ تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪيو.



www.bhutto.org

13- مارچ 1977ع: اليڪشن ڪميشن مختلف جاين تي اليڪشن ۾ ٿيل ڏانڌلين جي جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو.
وزيراعظم ڀٽي قومي اتحاد جي سربراهه کي خط لکيو جنهن ۾ سمورن اڳواڻن کي حڪومت سان بنا ڪنهن شرط جي ڳالهيون ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي.
16-مارچ 1977ع: قومي اتحاد جي مرڪزي ڪائونسل وزيراعظم طرفان ڳالهين ڪرڻ جي دعوت تي غور ڪيو.
20- مارچ 1977ع: وزيراعظم پاران اصغر خان، پروفيسر غفور، مولانا نوراني ۽ شيرباز مزاريءَ کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ مفتي محمود ۽ ڀٽي صاحب وچ ۾ خط و ڪتابت شايع ڪئي وئي.
26-مارچ 1977ع: وزيراعظم ڀٽي کي پيپلز پارٽي جي پارليماني پارٽيءَ جو قائد چونڊيو ويو.
28- مارچ 1977ع: وزيراعظم ڀٽي ايندڙ پنجن سالن تائين وزيراعظم جي عهدي جو قسم کنيو.
29- مارچ 1977ع: قومي اتحاد وزيراعظم ڀٽي سان ڳالهيون ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.
ڪويت پاڪستان ريلوي جي ترقيءَ لاءِ ادائي ڪروڙ ڊالرن جو قرض ڏيڻ جو اعلان ڪيو.
30- مارچ 1977ع: وزيراعظم ڀٽي 22 ڄڻن تي ٻڌل پنهنجي ڪابينا جو اعلان ڪري ڇڏيو. چين، روس ۽ برطانيه ذوالفقار علي ڀٽي کي وزيراعظم ٿيڻ تي مبارڪون ڏنيون.
31- مارچ 1977ع: پاڪستان ۽ چيڪو سلواڪيه وچ ۾ ثقافتي وفدن جي مٽاسٽا جي هڪ معاهدي تي صحيحون ٿيون.



www.bhutto.org

2-اپريل 1977ع: آمريڪا ۽ پاڪستان وچ ۾ هڪ معاهدو ٿيو ته آمريڪا صحت وارين سهوليتن لاءِ پاڪستان کي 75 لک ڊالر امداد ڏيندو.

4-اپريل 1977ع: ڪارن تي ملڪ جو جهنڊا هٽڻ جو قانون منظور ٿيو جنهن موجب صدر پاڪستان وزيراعظم چيئرمين سينيٽ، قومي اسيمبليءَ جو اسپيڪر، چيف جسٽس آف پاڪستان، صوبائي گورنرن ۽ وڏن وزيرن کان سواءِ ٻيو ڪوبه ملڪي جهنڊو گاڏيءَ تي هڻي نه سگهندو.

25-اپريل 1977ع: مولانا مفتي محمود ۽ وزيراعظم وچ ۾ سياسي بحران کي ختم ڪرڻ لاءِ اڍائي ڪلاڪن تائين ڳالهه ٻولهه ٿي. وفاقي ڪابينا ملڪي صورتحال تي غور ڪيو. قومي اسيمبليءَ جو اجلاس سڏايو ويو.

26-اپريل 1977ع: قومي اتحاد جي اڳواڻن سهالا ۾ وزيراعظم ڀٽي جي تجويزن تي غور ڪيو.

2-مئي 1977ع: قومي اتحاد جي اڳواڻن ٺاهه لاءِ حڪومت سان ڳالهين جو نيصلو ڪيو. ياسر عرفات بين الاقوامي سازشن خلاف وزيراعظم ڀٽي جي حمايت جو اعلان ڪيو.

4-مئي 1977ع: لبيا جي پرڏيهي وزير علي طريقي وزيراعظم ڀٽي سان ملاقات ڪئي ۽ ڪيس ڪرنل قذافيءَ جو خاص پيغام پهچايو.

7-مئي 1977ع: چين جي نائب وزيراعظم وانگ چن چيو ته وزيراعظم ڀٽي جي ڏاهپ ڀري قيادت ۾ پاڪستان زبردست اقتصادي ترقي ڪئي آهي.

11-مئي 1977ع: وزيراعظم ڀٽي قومي اتحاد جي صدر مولانا مفتي محمود سان ٻيهر ملاقات ڪئي ۽ ملڪ کي درپيش



www.bhutto.org

سياسي بحران کي حل ڪرڻ لاءِ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. قومي اسيمبليءَ آچر بجاءِ جمعي تي هفتيوار موڪل ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

24-مئي 1977ع: مفتي محمود ۽ وزيراعظم ڀٽي سياسي مونجهارو حل ڪرڻ لاءِ سعودي عرب جي سفير سان ڳالهيون ڪيون. وزيراعظم ڀٽي ۽ مخالف ڌر ۾ ناهه ڪرائڻ لاءِ ياسر عرفات پنهنجون خدمتون پيش ڪيون.

25-مئي 1977ع: سياسي بحران کي حل ڪرڻ جون ڪوششون فيصلي جي ويجهو پهچي ويون.

29-مئي 1977ع: پاڪستان قومي اتحاد ۽ حڪومت وچ ۾ سياسي ڳالهين لاءِ سمورا انتظام مڪمل ڪيا ويا.

2-جون 1977ع: پاڪستان ۽ چين ۾ هڪ ناهه تي صحيحون ٿيون جنهن موجب چين تربيلا وٽ ڪپڙي جو ڪارخانو تعمير ڪرڻ ۾ مدد ڪندو.

3-جون 1977ع: قومي اتحاد ۽ حڪومت وچ ۾ ڳالهين جو پهريون دور اڍائي ڪلاڪ هليو جنهن ۾ اخبارن تان سنسرشپ ختم ۽ قلم 144 موجب گرفتار ڪيل سمورن ماڻهن کي آزاد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

6-جون 1977ع: حڪومت ۽ قومي اتحاد وچ ۾ ڳالهين جي ٻئي دور ۾ حڪومت اليڪشن ڪرائڻ جي سلسلي ۾ ٻه فارمولا پيش ڪيا.

7-جون 1977ع: حڪومت ۽ قومي اتحاد وچ ۾ ٽئين دور ۾ اليڪشن جي بنيادي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ حڪومت طرفان پيش ڪيل هڪ فارمولي تي اتفاق ٿي ويو ته اليڪشن هن سال آڪٽوبر ۾ ٿيندي.

8-جون 1977ع: قومي اسيمبلي ٽوڙڻ ۽ اليڪشن جي تاريخ تي اتفاق ٿي ويو.



www.bhutto.org

10ـ جون 1977ع: وزيراعظم ڀٽي چيو تہ پاڪستان ايٽمي ري پروسيسنگ پلانٽ جي معاهدي کي رد يا ملتوي نہ ڪندو.

13ـ جون 1977ع: پاڪستان جي ڏهن اهم منصوبن لاءِ وچ اوڀر جي پنجن ملڪن 39 ڪروڙ روپين جي امداد جو اعلان ڪيو.

15ـ جون 1977ع: حڪومت ۽ قومي اتحاد ۾ بنيادي مسئلن تي ناهہ ٿي ويو. اليڪشن آڪٽوبر جي پهرئين هفتي ۾ ٿيندي. پاڪستان ۾ سعودي عرب جي سفير رياض الخطيب چيو تہ حڪومت ۽ قومي اتحاد ۾ ناهہ پاڪستان جي تاريخ ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو. چين جي حڪومت اڳتي بہ پاڪستان جي امداد جاري رکڻ جو اعلان ڪيو.

17ـ جون 1977ع: قومي اتحاد جي تحريڪ دوران گرفتار ٿيل سمورن ماڻهن کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو.

18ـ جون 1977ع: وزيراعظم ڀٽو سعودي عرب جي دوري تي ويو جتي شاهہ خالد سان سندس سوا ڪلاڪ تائين ڳالهيون ٿيون. شاهہ خالد چيو تہ پاڪستان جو سياسي بحران ختم ٿيڻ تي مونکي دلي خوشي ٿي آهي.

21ـ جون 1977ع: وزيراعظم ڀٽي ياسر عرفات سان ملاقات ڪئي. ٻنهي اڳواڻن لبنان جي صورتحال ۽ اتي موجود فلسطينين ۽ وچ اوڀر جي ٻين معاملن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪئي.

25ـ جون 1977ع: حڪومت سياسي ناهہ لاءِ پنهنجو مسودو قومي اتحاد جي حوالي ڪري ڇڏيو.

26ـ جون 1977ع: قومي اتحا د جي سيڪريٽري جنرل پروفيسر غفور احمد چيو تہ قومي اتحاد جو مسودو حڪومت کي



www.bhutto.org

پيش ڪيو ويندو. ڳالهين کي ڊيگهه ڏئي نٿي سگهجي.

28-جون 1977ع: وزيراعظم ڀٽي چيو تہ ڳالهين ۾ دير قوم آئين ۽ جمهوريت لاءِ نقصانڪار آهي. حڪومت کي قومي اتحاد جي مسودي سان سخت اختلاف آهي.

30-جون 1977ع: ڳالهين واري سب ڪاميٽي جو اجلاس ٽي ڪلاڪ جاري رهيو ۽ قومي اتحاد جي ترميمي مسودي تي غور ڪيو ويو.

2-جولاءِ 1977ع: حڪومت ۽ قومي اتحاد وچ ۾ نگران ڪائونسل جي اختيارن تي اتفاق ٿي ويو. قومي ۽ صوبائي اسيمبليون 15 جولاءِ تي ٽوڙڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

5-جولاءِ 1977ع: سموري ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪئي وئي. قومي ۽ صوبائي اسيمبليون ٽوڙيون ويون. صوبائي گورنر ۽ وزير هٽايا ويا. چئن فوجين تي ٻڌل فوجي جنرل ڪائونسل ضياءالحق جي قيادت ۾ قائم ڪئي وئي. ڀٽي صاحب سميت سمورا وڏا اڳواڻ نظربند ڪيا ويا.



www.bhutto.org

# ذوالفقار علي ڀٽي جي پهرين گرفتاري

دنيا جي تاريخ ۾ جن اڳواڻن کي وڏو مرتبو ۽ مان حاصل ٿيو آهي انهن مان ڪيترائي باطل قوتن سان مقابلي ۾ تڪليفن ۽ مشڪلاتن جو شڪار ٿيا آهن. پنهنجي ملڪ ۽ قوم کي وطن دشمنن جي چنبي مان ڇڏائڻ جي جدوجهد ۾ ڪيترن ئي کي پنهنجي پنهنجي آزادي قربان ڪري قيدي ٿي زندگي گذارڻي پئي آهي. ذوالفقار علي ڀٽو به انهن اڳواڻن مان هڪ آهي جنهن کي پنهنجي عوام جي آزاديءَ لاءِ ڪيترائي ڀيرا قيد ڪاٽڻو پيو آهي. ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي زندگي ۾ پهريون ڀيرو نومبر 1968ع ۾ گرفتار ٿيو جڏهن ان وقت جي فوجي ڊڪٽيٽر جنرل ايوب جي آمرانه نظام حڪومت ۾ بغاوت ڪئي ۽ عوام جي آزادي جي جدوجهد شروع ڪئي. 17 جون 1966ع تي جنرل ايوب جي ڪابينا مان جدا ٿيڻ بعد عوام سان رابطي جي مهم جي سلسلي ۾ ملڪ جا طوفاني دورا ڪيا. ملڪ جي هر گهٽيءَ ۽ گهر ۾ سندس عظيم الشان ۽ تاريخي استقبال ڪيو ويو. جنرل ايوب عوام جي دلين ۾ اهڙي محبت ۽ آدرڀاءُ سهي نه سگهيو ان ڪري هن ڀٽي صاحب کي عوام کان پري رکڻ لاءِ سندس گرفتاريءَ جو حڪم ڏنو اهڙي طرح 13 نومبر 1968ع واري رات 2 وڳي ذوالفقار علي ڀٽي کي گرفتار ڪري ميانوالي جيل موڪليو. جنرل ايوب خان جو خيال هو ته جيل جي اونداهي ۽ سوڙهي ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪرڻ ڪانپوءِ ذوالفقار علي ڀٽو همت هاري ويندو ۽ حڪومت خلاف هلايل مهم تان هٿ کڻي ويندو پر جنرل ايوب جو اهو خيال غلط ثابت ٿيو. ڀٽو صاحب جيل اندران به پنهنجا خيال پنهنجي پياري عوام ڏانهن پهچائيندو رهيو. جيل مان ڀٽي صاحب لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ هڪ قسم نامو داخل ڪرايو جنهن ۾ ڀٽي صاحب چيو هو ته:

"ماٺهو حڪومت جي ڏاڍ ۽ زيادتين خلاف جنهن اسان جي معاشري کي مصيبت ۾ وڌو آهي، ميدان تي نڪري آيا آهن. اسان جو عوام ٻين ملڪن جي عوام کان مختلف آهي. انهن جي سهپ جي به هڪ حد آهي،



www.bhutto.org

اهي بہ ہين جو ڏک محسوس ڪن ٿا ۽ پنهنجي اولاد لاءِ خوشين جي آس رکندڙ آهن، انهن جو اهو حق آهي تہ کين زنده رهڻ لاءِ کاڌ خوراڪ، رهائش ۽ لباس ميسر هجي. بک ڪيترين مائرن جي ڇاتيءَ جو کير، پيئڙن جي اکين جا ڳوڙها خشڪ ڪري ڇڏيا آهن. اهو خدائي قانون آهي تہ اسان جو عوام هميشہ لاءِ مايوس ۽ نااميد هجي ۽ سندن ہار بک ۽ بيماري سبب مرندا رهن. انهن کي کاڌي ۽ ڪپڙي جي ضرورت آهي. اهو ڪو اجايو خواب نہ پر اهي اميدون آهن جيڪي هن سائنس جي ترقي يافتہ دور اپاريون آهن. جيڪڏهن عوام جي حقن کان منهن موڙيو ويندو تہ اهي ڪو ٻيو چوٽڪارو ڏيارڻيندڙ ڳولي وٺندا پر جي اهڙو اڳواڻ نہ مليو تہ پاڻ پنهنجي ڇوٽڪار جو رستو ڳولي لهندا.“

ذوالفقار علي ڀٽي کي ڪجهہ وقت ميانوالي جيل ۾ رهائڻ بعد لاڙڪاڻي موڪليو ويو. 7 مئي 1969ع ڀٽي صاحب جيل مان ئي اعلان جاري ڪيو تہ هو ايندڙ صدارتي اليڪشن ۾ صدر ايوب خان سان مقابلي ۾ اميدوار بيهندو. اهو ڀٽي صاحب جي سياست جو ڪارنامو هو جو پاڻ جيل ۾ هوندي بہ عملي سياست ۾ اڳواڻ طور شامل ٿيو. لاڙڪاڻي ۾ نظربنديءَ دوران 7 فيبروري 1969ع تي ڀٽي صاحب هاءِ ڪورٽ مان پنهنجي رٽ درخواست واپس وٺڻ جو اعلان ڪندي حڪومت کي اها وارننگ ڏني تہ جيڪڏهن هڪ هفتي اندر هنگامي حالتون ختم نہ ڪيون ويون تہ هو پاڻ مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال ڪندو. ايوب خان ۽ سندس ٽولو جڏهن بہ ڪو اهڙو فيصلو ڪندو هو تہ ڀٽو صاحب جيل مان اهڙو ڌماڪو ڪندو هو جو انهن جون سازشون ناڪام ٿي ويندڙيون هيون. ڀٽي صاحب جي مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال جو ٻڌي پيپلز پارٽيءَ جي ٻين اڳواڻن طرفان بہ بک هڙتال جا اعلان اچڻ لڳا اهڙي صورتحال سبب سڄو ماحول ئي تبديل ٿي ويو. هاءِ ڪورٽ مان ڀٽي صاحب جو حلف نامو ۽ وري رٽ درخواست جي واپسيءَ تي هاءِ ڪورٽ جي ريمارڪن ايوب خان جي قانوني ۽ آئيني حيثيت کي متاثر ڪيو.

ڀٽي صاحب ثابت ڪيو تہ سندس گرفتاري دراصل ايوب خان جي سياست ۽ حڪومت جي شڪست آهي، جمع جي ڏينهن ڀٽي صاحب پنهنجي مطالبن جي حق ۾ مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال شروع ڪئي پر اڃا هڙتال کي چار ڪلاڪ مس گذريا هئا تہ ايوب خان عوام جي ڪاوڙ ۽



www.bhutto.org

ناراضگيءَ جي خوف سبب ڀٽي صاحب جي آزاديءَ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو. ڀٽي صاحب پنهنجي آزادي تي خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ بدران هڪ ڀي وار ڪيو تہ:

"حڪومت مونکي منهنجي اميد مطابق آزاد تہ ڪيو آهي پر مون مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال ان لاءِ تہ نہ ڪئي هئي تہ پاڻ کي آزاد ڪرايان پر منهنجي بک هڙتال جو مقصد اهو هو تہ حڪومت هنگامي حالتن جي خاتمي جو اعلان ڪري".

ڀٽي صاحب جي اهڙي گهر پڌري ٿيڻ شرط حڪومت اعلان ڪيو تہ هنگامي حالتون ختم ڪيون ٿيون وڃن. ڀٽي صاحب جي آزاديءَ تي لاڙڪاڻي جي عوام خوشيءَ جي جذبن جو اظهار ڪيو ۽ سڄي شهر جهڙي طرح سان خوشيون ملهايون سي پاڪستان جي ٻئي پورهيت عوام جي خوشيءَ جي جذبن جي ترجماني ڪن پيون. ماڻهن کي خبر پئجي وئي تہ ڀٽو صاحب رڳو پاڻ جيل مان ٻاهر نہ آيو آهي پر پاڻ سان گڏ ڪروڙين ماڻهن کي بہ ڏاڍ ۽ ظلم کان آجو ڪرايو اٿس.



www.bhutto.org

# ذوالفقار علي ڀٽي جي ٻيو دفعو گرفتاري

جڏهن جنرل ضياء فوجي بغاوت ذريعي ذوالفقار علي ڀٽي جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ته ڀٽي صاحب کي مريءَ ۾ نظربند ڪيو ويو. 23 ڏينهن بعد کيس آزاد ڪيائون وري 13 نومبر 1968ع ۾ کيس گرفتار ڪيو ويو. ڀٽي صاحب پاران بک هڙتال شروع ڪئي وئي ته عوامي ردعمل جي خوف سبب کيس 7- فيبروريءَ تي آزاد ڪيو ويو.

وري ذوالفقار علي ڀٽو 4 ۽ 5 جولاءِ جي وچ واري رات ۾ ٻيهر گرفتار ٿيو. ڀٽي صاحب جي نظربندي ۽ گرفتاري واري دور ۾ پيش ايندڙ واقعن جو سمورو تفصيل معلوم ٿي نه سگهيو آهي، پر جيڪي واقعا اخبارن ۾ شايع ٿيا انهن مان ڪن جو تفصيل هيٺينءَ ريت آهي.

8 جولاءِ- غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ ٻين اڳواڻن ۽ ڪارڪنن بيگم نصرت ڀٽو سان ملاقات ڪئي ۽ نئين صورتحال بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

9 جولاءِ- نيويارڪ ٽائيمز جنرل ضياء جو 5- جولاءِ وارو مارشل لا جو اعلان ورجائيندي پي-اين- اي کي مخاطب ٿي چيو ته مون مسٽر ڀٽي کي اقتدار جي آسمان تان لاهي پٽ تي آندو آهي اوهان جذباتي نه ٿيو. وڌيڪ چيائين ته "مان سچي زندگي ڪو به عهدو قبول نه ڪندس."

9 جولاءِ- چيئرمين ڀٽي بيگم نصرت ڀٽي سان فون تي ڳالهائيندي ٻڌايو ته پاڻ خيريت سان آهي ۽ پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن لاءِ پيغام ڏنو ته سياسي سرگرميون شروع ڪرڻ لاءِ وقت جو انتظار ڪن ۽ پاڻ ۾ اتحاد قائم رکن.

9 جولاءِ- جولاءِ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جنرل محمد ضياء الحق لبيا، ايران، ڪويت، ترڪي، مصر، افغانستان، روس، فرانس، بنگلاديش،


www.bhutto.org

انڊونيشيا، ڀارت ۽ ڪينيڊا جي سفيرن سان جي-ايچ-ڪيو ۾ ملاقات ڪئي.

13 جولاءِ- رٽائرڊ ايئر مارشل نور خان ذوالفقار علي ڀٽي سان ملاقات ڪئي پوءِ اخبار نويسين کي ٻڌايائين تہ اها ملاقات جنرل ضياء الحق جي چوڻ تي ڪئي هئي بعد ۾ ڀٽي صاحب ٻڌايو تہ نورخان سان ڪنهن اهم ڳالهہ تي گفتگو نہ ٿي هئي ڇو تہ ڪيس اختيار ئي حاصل ڪو نہ هئا صرف هڪ ٻئي جي خيريت معلوم ڪئي ويئي.

ٻن ڏينهن بعد 15 جولاءِ تي فوجي بغاوت بعد جنرل ضياء الحق سان ڀٽي صاحب جي روبرو پهرين ملاقات ٿي جنرل ضياء الحق جي چوڻ موجب مسٽر ذوالفقار علي ڀٽي نهايت اطمينان ۽ تحمل سان ڳالهيون ٻڌيون پر هن ملاقات جي اخبارن کي جاري ڪيل تصويرون مان نظر اچي ٿو تہ ماحول خوشگوار نہ هو. ڀٽو صاحب فوج جي اقتدار ۾ اچڻ مان خوش نہ هو هن ملاقات بعد جنرل ضياء الحق پي اين اي جي سربراهہ مفتي محمود، پروفيسر غفور احمد ۽ نواب زادي نصر الله سان ملاقات ڪئي.

16- جولاءِ غلام مصطفيٰ کر کي راولپنڊي جيل ڏانهن موڪليو ويو.

17 جولاءِ- چيئرمين ڀٽي وزيراعظم هائوس مريءَ ۾ ڪارڪنن جي وفد سان ملاقات ڪئي ۽ کين اڳتي پيش ايندڙ حالتن لاءِ تيار ٿيڻ جو چيو.

28 جولاءِ- 1977ع چيئرمين ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ملڪ جي ٻين اڳواڻن کي آزاد ڪيو ويو. 18 آڪٽوبر جي اليڪشن لاءِ تياري ڪري سگهن، ساڳي تاريخ تي ڪارڪنن جي ڪيترن وفدن ڀٽي صاحب سان ملاقات ڪئي.

چيئرمين ڀٽو آزاد ٿيڻ بعد يڪدم ڪراچيءَ هليو آيو ۽ سينٽرل ڪاميٽي جي اجلاس جي صدارت ڪيائين، جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ اليڪشن ۾ ڀرپور حصو وٺبو ۽ چيئرمين ڀٽو رابطہ مهم جي شروعات پنجاب کان ڪندو. ڀاڻ ٽرين ذريعي ڪراچيءَ کان لاهور روانو ٿيندو. 7 آگسٽ تي ملتان ۾ خطاب ڪرڻ بعد ٻئي ڏينهن لاهور ۾ ڪارڪنن کي خطاب ڪندو.

6- آگسٽ ڀٽو صاحب ٽرين ذريعي روانو ٿيڻ وارو هو تہ مارشل لا انتظاميہ هڪ حڪم ذريعي سياسي ليڊرن تي اليڪشن مهم جي سلسلي ۾



www.bhutto.org

ٽرين ۾ سفر ڪرڻ تي پابندي لڳائي. ڪين چيو ويو ته جن جاين تي هوائي جهازن ذريعي پهچي سگهجي ٿو اتي هوائي سفر ڪن.

7 آگسٽ چيئرمين ڀٽي ملتان ۾ ۽ 8 آگسٽ تي لاهور ۾ ڪارڪنن کي خطاب ڪيو ٻنهي جاين تي سندس زبردست استقبال ڪيو ويو. 10- آگسٽ تي چيئرمين ڀٽي ڪارڪنن کي خطاب ڪندي چيو ته مارشل لا انتظاميه جي غير جانبداري مشڪوڪ آهي نه ته مولانا مفتي محمود کي آزاد ڪرڻ بعد جنرل ضياء الحق پنهنجن هيلي ڪاپٽرن ۾ ڇو راولپنڊي وٺي ويو. 12- آگسٽ تي ڀٽي صاحب پشاور ۾ ڪارڪنن کي خطاب ڪندي چيو ته پيپلز پارٽي اليڪشن ۾ کٽي ويندي ۽ ٻيهر حڪومت ٺاهي انقلابي سڌارن جو سلسلو جاري رکندي. 20- آگسٽ 1977ع ۾ پيپلز پارٽي پهرين ڪاميابي حاصل ڪئي. جڏهن غلام مصطفيٰ جتوئي پيپلز پارٽيءَ جي اميدوار جي حيثيت ۾ بنامقابلي ڪامياب ٿيو. 27- آگسٽ 1977ع تي چيئرمين ڀٽو ٽن ڏينهن جي دوري تي راولپنڊيءَ پهتو پر سندس اچڻ کان اڳ اتان جي مقامي اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو هو. اتي چيئرمين ڀٽي ڪارڪنن جي تمام وڏي ميڙ کي خطاب ڪيو ٻئي ڏينهن ڀٽي صاحب چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جنرل ضياء الحق سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن جي گرفتارين، پيپلز پارٽيءَ جي خلاف پروپيگنڊا مهم ۽ پيپلز پارٽيءَ جي اڳواڻن جي ڪردارڪشيءَ بابت خيالن جي ڏي وٺ ٿي. جنرل ضياء الحق سان ملاقات کانپوءِ سعودي عرب لبيا ۽ عرب امارات جي سفير سان ملاقات ڪيائين. 29- آگسٽ تي خاص طور تي چيئرمين ڀٽي عرب امارات جي سفير سان ٻيهر ملاقات ڪئي، سمجهيو وڃي ٿو ته هن ملاقات ۾ ڀٽي صاحب متحده عرب امارات جي وفاق جي سربراه شيخ زيد بن سلطان الهيان ناليِ موڪليل پيغام ۾ ڪيس نئين صورتحال کان واقف ڪيو. هن ملاقات جو مقصد نجي سطح تي لاڳاپن کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ هو.

اليڪشن جي هن مهم دوران پيپلز پارٽيءَ جي خلاف ٻي ڌر تمام گهڻي سرگرم هئي. ڪيترين ئي اخبارن کي سرڪاري دستاويزن جون ڪاپيون ڏنيون ويون هيون ته جيئن مارچ 1977ع جي اليڪشن ۾ اڳين حڪومت جي ڌانڌليءَ جون خبرون ظاهر ڪيون وڃن. ڀٽي صاحب جي نيملي جي ڪردار ڪشي جي مهم عروج تي هئي ان سان گڏ پيپلز پارٽي



www.bhutto.org

جي ھين اڳواڻن تي بہ سخت تنقيد ڪئي ٿي وئي. انھن سڀني ڳالھين باوجود بہ ذوالفقار علي ڀٽي جي پرڪشش شخصيت ووٽرن کي پاڻ ڏانھن راغب ڪري رھي ھئي. پھرين آڪٽوبر 1977ع تي محترمہ بينظير ڀٽو اسلام آباد ۾ مردان جي ڪارڪنن کي خطاب ڪندي ڀٽي صاحب خلاف ڪيسن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل الزامن کي رد ڪندي چيو تہ "منھنجي پيءُ خلاف لڳايل سمورا الزام ڪوڙا آھن."

"مان پاڻ پنھنجي والد سان گڏ اليڪشن جي مھم ۾ حصو وٺنديس."

2ـ سيپٽمبر جي رات غلام مصطفيٰ کر اوچتو 70 ڪلفٽن تي پھچي ويو جتي ھن اڪيلائيءَ ۾ چيئرمين ذوالفقار علي ڀٽي سان ملاقات ڪئي.



www.bhutto.org

# ذوالفقار علي ڀٽي جي ٽيون ڀيرو گرفتاري

ذوالفقار علي ڀٽي کي 3۔ سيپٽمبر 1977ع ۾ صبح جو 70 ڪلفٽن ڪراچيءَ مان پنھنجي جاءِ تان ٽيون ڀيرو گرفتار ڪيو ويو. ھن ڀيري سندس گرفتاري نواب محمد احمد خان جي قتل واري ڪيس جي سلسلي ۾ ھئي. پنھنجي جاءِ تان روانو ٿيڻ وقت ذوالفقار علي ڀٽي ڪارڪنن ڏانھن پنھنجي پيغام ۾ اتحاد قائم رکڻ تي زور ڏنو. ان کان پوءِ بيگم نصرت ڀٽو پارٽي سيڪريٽريٽ ۾ ڪارڪنن کي خطاب ڪندي چيو:

"حوصلو بلند رکو خبردار رھو. فتح عوام جي ٿيندي، مزورن جي فتح ٿيندي انشاءَ الله ملڪ ۾ جمھوريت جو سج اڀرندو ماٺھن جا ڏک لھي ويندا وقت جي اھم ضرورت ڪارڪنن جو اتحاد آھي."

گرفتاريءَ کانپوءِ ڀٽي صاحب کي لاھور پھچايو ويو. 4۔ سيپٽمبر تي لاھور ۾ پيپلز پارٽيءَ جي ايگزيڪيٽو ڪميٽيءَ جو ھنگامي اجلاس ٿيو جنھن ۾ چيو ويو تہ ملڪ وڏي بحران جو شڪار آھي ڀٽي صاحب جي گرفتاريءَ ان کي وڌيڪ سخت بنائي ڇڏيو آھي.

ڀٽي صاحب جي گرفتاريءَ جو ٻڌي ڪراچيءَ ۾ مظاھرا شروع ٿي ويا. مظاھرن ۾ گرفتار ڪيل پارٽي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن کي مارشل لا انتظاميہ سخت قيد ۽ ڪوڙن جو سزائون ڏنيون.

4۔ سيپٽمبر تي لاھور ھاءِ ڪورٽ ۾ ڀٽي صاحب جي ضمانت تي آزاديءَ جي درخواست پيش ڪئي وئي.

7۔ سيپٽمبر تي ڀٽي صاحب کي ڪوٽ لکپت جيل موڪليو ويو.

13۔ سيپٽمبر تي لاھور ھاءِ ڪورٽ ڀٽي صاحب کي ضمانت تي آزاد ڪري ڇڏيو.



www.bhutto.org

# ذوالفقار علي ڀٽو شهيد جي آخري پريس ڪانفرنس

ذوالفقار علي ڀٽو 16- سيپٽمبر 1977ع تي جڏهن ساڍي يارهين وڳي رات جو 70 ڪلفٽن تي پنهنجي گهر پهتو ته اخباري نمائندن سان ڪانفرنس ڪيائين هيءَ ڳالهه ٻولهه مارشل لا دور جي سندس آخري ڳالهه ٻولهه هئي.

سوال: اوهان کي آزاديءَ بعد حالتن ۾ ڪجهه تبديلي نظر اچي ٿي؟

جواب: تبديلي ته نظر اچي ٿي، هر روز ڪجهه نه ڪجهه تبديليون اچي رهيون آهن.

سوال: تبديلي ڀلائيءَ لاءِ آهي؟

جواب: ائين نه ٿو چئي سگهجي پر عوام جو شعور وڌندو ٿو وڃي، اڳ جي ڀيٽ ۾ ماڻهو وڌيڪ حقيقتن کان واقف ٿيندا ٿا وڃن.

سوال: اوهان جو ڪهڙو پروگرام آهي؟

جواب: مان عيد ڪرڻ لاءِ ٻاءِ روڊ لاڙڪاڻي وڃي رهيو آهيان ڇو ته پي-آءِ-اي اڏام رد ڪري ڇڏي آهي، عيد جي ٻئي ڏينهن ڪراچي ايندس. 18 سيپٽمبر تي راولپنڊيءَ ويندس، جتي سينٽرل ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ رکيل آهي. 19 سيپٽمبر تي عام جلسو آهي.

سوال: هن وقت ڪن ڪارخانن ۽ ادارن مان ملازم ڪڍيا ويا آهن؟

جواب: مان انهن ڳالهين کي ٺيڪ نه ٿو سمجهان اسان پبلڪ سيڪٽر ۾ نوڪريون ڏنيون هيون ڇو ته پوئتي پيل ملڪن ۾ نوڪريون حڪومت کي ئي ڏيڻيون آهن ۽ اسان کي ان ڳالهه تي فخر آهي ته اسان بيروزگار ماڻهن کي نوڪريون ڏنيون آهن.

سوال: اوهان جو منشور ڪڏهن اچي رهيو آهي.

جواب: مان ڏهه ڏينهن جيل ۾ رهيو آهيان هاڻي وري ڪورٽن جون حاضريون آهن ان ڪري مينيفيسٽو ڪاميٽيءَ جو اجلاس سڏائڻ ۾ دير ٿي



www.bhutto.org

وئي آهي تنهن ڪري ڪا به آخري تاريخ ڏئي نٿي سگهجي باقي ان جو خاڪو تيار ٿيڻ وارو آهي.

سوال: اوهان فيڊريشن لاءِ خطري جي ڳالهه ڪريو ٿا ان جي وضاحت ڪريو؟

جواب: مان ان بابت ڪيئي دفعا ٻڌائي چڪو آهيان. هاڻي ته پاڻ مارشل لا ايڊمنسٽريٽر پهرين تاريخ تي پريس ڪانفرنس ۾ چيو آهي ته جيڪڏهن چوٿون ڀيرو مارشل لا لڳي ته ملڪ اها برداشت ڪري نه سگهندو ٽئين ۽ چوٿين ۾ تمام ٿورو فرق آهي. جيڪڏهن ملڪ ۾ بحران نه هجي ها ته هوءَ هونه چوي ها ته چوٿين مارشل لا تباهي آڻيندي

سوال: اوهان 1969ع ۾ چيو هو ته ٽي قوتون آهن سياستدان، بيوروڪريسي ۽ فوج تنهي جي ڪم جو دائرو ڇتو هئڻ گهرجي؟

جواب: ها مون چيو هو پر ان جو مطلب اهو نه آهي ته جيئن اڄڪلهه فوج کي مٿانهون ڪردار ڏنو ٿو وڃي. اسان وٽ 1954ع کان فوج سياست ۾ دخل ڏيڻ شروع ڪيو آهي، جڏهن ڪمانڊر ان چيف کي وزير دفاع به بنايو ويو هو. 1958ع ۾ جيڪا مارشل لا آئي اها ڏهه سال هلي وري يحيٰ خان جي مارشل لا آئي جيڪا ٽي سال هلي. مون اهو چيو هو ته فوج جو آئيني ڪردار مقرر ٿيڻ گهرجي ائين نه ٿئي ته اها سياسي جماعت بنجي وڃي. هنگامي حالتن ۾ ان کي قانوني حڪومت جي مدد ڪرڻ گهرجي. ائين نه ٿئي جو ان جو تختو اونڌو ڪري پاڻ حڪومت ڪري.

سوال: ترڪي جي آئين ۾ فوج کي جيڪي اختيار ڏنا ويا آهن ڇا اهڙا اختيار پاڪستان ۾ به ڏئي سگهجن ٿا؟

جواب: ترڪي اسان جو ويجهو دوست ملڪ آهي، وڏو بهادر ملڪ آهي، هُتي هڪ ئي نسل جا ماڻهو رهن ٿا. اسان وٽ چار صوبا آهن هر هڪ صوبي جي پنهنجي حڪومت آهي. ترڪيءَ ۾ مشڪلاتون تڏهن شروع ٿيون جڏهن مينڊريس جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪري کيس ڦاسي ڏني وئي. ترڪيءَ جي حالتن تي ان جا خراب اثر پيا، سياسي حالتن ۾ خرابيون پيدا ٿيون ۽ فوج ڪنهن جواز کان سواءِ تختو اونڌو ڪري ملڪ کي مشڪلاتن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. جيڪڏهن وزيراعظم مينڊريس قبول نه هو ته ووٽ ذريعي ان کي هٽايو وڃي ها پر ترڪيءَ جي ووٽرن کي پنهنجو حق استعمال ڪرڻ ئي نه ڏنو ويو. کيس غير قانوني طريقي سان هٽايو ويو. اڄ



www.bhutto.org

تائين ترڪيءَ ۾ سياسي نظام پائيدار نہ ٿيو آهي اسان بہ فيصلو ڪيو هو تہ اليڪشن ڪرائينداسين، ان جو اعلان بہ ٿي چڪو هو پوءِ ان ۾ فتح يا شڪست هڪ قدرتي عمل آهي پر جمهوري ۽ آئيني رستي کي روڪيو ويو آهي تڏهن ان جا بحراني نتيجا اچي رهيا آهن.

سوال: جيڪي ڪارخانا کي قومي تحويل مان واپس وٺي مالڪن کي ڏنو ويا آهن انهن بابت اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

جواب: اسان حڪومت ۾ آياسين تہ اسان جي پاليسي ساڳئي هوندي، واپس ڏنل ملون وري قومي تحويل ۾ وٺنداسين. ڪوئلو سنگ مرمر ۽ ڪروم جي کاڻين کي بہ قومي تحويل ۾ وٺنداسين. جن ملڪن ۾ اهي خانگي تحويل ۾ هئا اتي بہ هاڻ سرڪاري تحويل ۾ ورتا ويا آهن. فرانس ۽ پورچوگال انهن جو سٺو مثال آهي. جرمني ۽ جاپان ۾ اها پاليسي غور هيٺ آهي. سرڪاري تحويل ۾ اچڻ سان حڪومت جو فرض ٿو ٿئي تہ هوءَ وڌ ۾ وڌ ماڻهن کي روزگار ڏئي ۽ اهڙيءَ طرح بيروزگاري ختم ڪري. سرمائيدار تہ حڪومت کان قرض بہ ٿو وٺي ۽ رعايتون ۽ غير ملڪي ناڻو بہ حڪومت ذريعي حاصل ٿو ڪري.



www.bhutto.org

# ذوالفقار علي ڀٽو چوٿون ڀيرو جيل ۾

لاهور هاءِ ڪورٽ جي حڪم سان جيل مان آزاد ٿئي اجا ڀٽي صاحب کي چار ڏينهن ئي مس ٿيا هئا تہ وري 17- سيپٽمبر تي ڪيس لاڙڪاڻي واري سندس گهر المرتضي مان مارشل لا جي قاعدي نمبر 12 مطابق گرفتار ڪيو ويو. هن قاعدي موجب جنهن شخص جي باري ۾ خبر پوي تہ هو اهڙي طريقي سان ڪم ڪري رهيو آهي جيڪو مارشل لا جي مقصدن لاءِ نقصانڪار آهي يا پاڪستان جي حفاظت، مفاد، سلامتي، پاڪستان يا ان جي ڪنهن حصي جي دفاع يا مارشل لا کي اثرائتي لحاظ سان هلائڻ لاءِ نقصانڪار آهي تہ ان کي گرفتار ڪري سگهجي ٿو. 17 سيپٽمبر تي جنرل ضياء اعلان ڪيو تہ ڀٽي تي فوجي عدالت ۾ ڪيس هلائي اليڪشن کان اڳ ان جو فيصلو ڪيو ويندو. 20 سيپٽمبر تي بيگم نصرت ڀٽو صاحبہ ڀٽي صاحب جي گرفتاريءَ خلاف سپريم ڪورٽ ۾ رٽ داخل ڪئي جيڪا ان وقت جي چيف جسٽس يعقوب علي خان منظور ڪئي هئي. ان منظوري سبب ڪيس 23 سيپٽمبر تي عهدي تان هٽايو ويو. لنڊن ٽائمز جسٽس يعقوب علي جي هٽائڻ تي تبصرو ڪندي لکيو تہ جنرل ضيا ڪيس ان ڪري هٽايو آهي جو هو اڳوڻي وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي جي نظربندي خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ڪرڻ وارو هو. 9- آڪٽوبر تي لاهور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس چوڌري مشتاق نواب محمد احمد جي قتل واري ڪيس ۾ ڀٽي صاحب جي ضمانت رد ڪري ڪيس جيل ۾ هميشہ لاءِ بند ڪرائي ڇڏيو ۽ زندگيءَ جي آخري پساهن تائين مارشل لا اختيارين ڪيس جيل ۾ ئي رکيو. ننڍي ڪنڌ ۾ ڪنهن حڪومتي اڳواڻ تي قتل جي الزام ۾ ڪيس هلائڻ جو هيءُ پهريون مثال هو. ڪيس جي حاضريءَ تي ڪيترائي ڀيرا ڀٽي صاحب کي هاءِ ڪورٽ آندو ويندو هو ۽ اهو ڪم ايس پي زمان جو هو جنهن ڀٽي صاحب کان اڪثر اهو چوندي ٻڌو هو تہ مولوي مشتاق هن کان ذاتي بدلو وٺي رهيو آهي ۽ هو ضياء الحق جي چوڻ تي ڪيس



www.bhutto.org

موت جي سزا ڏيندو. ڪوٽ لکپت جيل ۾ ڀٽي صاحب کي ذهني ۽ جسماني تڪليف ڏيڻ لاءِ جيل جي عملدارن کي خاص حڪم جاري ڪيا ويا هئا. جنهن ڪوٺڙيءَ ۾ ڪيس رکيو ويو هو ان جون ڀتيون لوهي چادرن جون هيون. ليٽرن به ڪمري اندر هئي جنهن جي هر وقت صفائي به نه ٿيندي هئي. ڪمري جي چوڌاري عادي ڏوهاري ۽ چريا قيدي رکيا ويا هئا جيڪي رات ڏينهن گوڙ ڪندا رهندا هئا. اهڙي بدسلوڪيءَ بابت ڀٽي صاحب 28 ڊسمبر 1977ع تي جيل سپرنٽينڊنٽ کي هڪ خط لکيو ته "مان هن جيل ۾ ٽن مهينن کان اڪيلائيءَ ۾ قيد آهيان. مڪمل پابنديءَ ڪانسواءِ مون لاءِ جيڪا ڳالهه تڪليف جو سبب آهي سا اها آهي ته منهنجي ڪوٺڙي جي پرسان واري وارڊ ۾ بند ڪيل چريا نظربند يا سزا يافته قيدي جيڪي ڏينهن رات رڙيون ۽ دانهون ڪندا ٿا رهن اوهان به جڏهن مون سان ملڻ آيا هئا ته انهن جون رڙيون ٻڌي چوڪيدار کي انهن کي ماٺ ڪرائڻ لاءِ چيو هو پر چرين کي چپ ڪرائڻ لاءِ جڏهن ڪين ماريو ٿو وڃي ته انهن جون رڙيون ۽ دانهون اڃا به زور سان اچڻ لڳن ٿيون. مان سمجهان ٿو ته اهڙن ماڻهن جو تعداد چاليهه يا پنجاهه تي سگهي ٿو مونکي خبر آهي ته هي جيل تمام ويڪرو آهي انهن ماڻهن کي سولائيءَ سان ٻئي هنڌ رکي سگهجي ٿو. جيئن ته مان رات جو دير سان سمهندو آهيان ان ڪري اڌ رات جو انهن جون رڙيون ننڊ ڦٽائينديون آهن. جيڪڏهن ڪنهن ٻئي هنڌ انهن جو بندوبست نه ٿي سگهي ته پوءِ ڪنهن ٻئي جو آرام ڦٽائڻ بدران ڀلي هتي ئي رهن. مان برداشت ڪري ويندس. هن کان اڳ مون ٻين ننڍين ڳالهين لاءِ توهان جو توجهه ڇڪايو هو هاڻي وري ياد ٿو ڏياريان ته گهٽي عرصي کان پاڻيءَ جو نل بند آهي. هاڻي شڪايتن بابت پهريون ڀيرو مان هن جو نقل پنهنجي وڪيل کي به ڏئي رهيو آهيان."

ذوالفقار علي ڀٽو
28- ڊسمبر 1977ع

ڪوٽ لکپت جيل ۾ ڀٽي صاحب کي ذهني صدمو ڏيڻ خاطر پيپلز پارٽيءَ جي ڪارڪنن کي به سندس ڪوٺڙيءَ جي سامهون ڪوڙا هنيا ويندا هئا، جيئن ڀٽو صاحب انهن جون دانهون ٻڌي ذهني تڪليف محسوس ڪري.



www.bhutto.org

ذوالفقار علي ڀٽو اٽڪل 5 مهينا ڪوٽ لکپت جيل ۾ رهيو جڏهن مولوي مشتاق جي اڳواڻيءَ ۾ هاءِ ڪورٽ جي هڪ بينچ ڪيس ڦاسيءَ جي سزا ٻڌائي، ڀٽي صاحب سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪئي جڏهن جيلن جي ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل شوڪت محمود کي اها ذميواري ڏني وئي ته هو ڀٽي صاحب کي ڪوٽ لکپت جيل مان سينٽرل جيل راولپنڊي ڏانهن آڻي.

چيو وڃي ٿو ته جڏهن ڀٽي صاحب کي راولپنڊي جيل ڏانهن وٺي وڃڻ مهل جيل مان ڪڍيو ٿي ويو ته مين گيٽ کولڻ بجاءِ ڀٽي صاحب کي ننڍي دريءَ مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ چيو ويو جنهن تي ڀٽو صاحب شوڪت محمود تي ناراض ٿيو ۽ چيائين ته "مان ڪو معمولي ماڻهو نه آهيان جو جيل مان مٿو نوڙائي نڪران مان سينو تاڻي جيل ۾ آيو هوس ۽ انهيءَ شان سان ٻاهر نڪرڻ پسند ڪندس."

پوءِ شوڪت محمود مين گيٽ کولڻ جو حڪم ڏنو. ڀٽي صاحب کي پوليس جي عام بس ۾ سوار ڪري ايئرپورٽ پهچايو ويو.

جنرل ضياء الحق ۽ سندس ٽولي جي ذهنن تي ڀٽي شهيد جي شخصيت جو خوف ۽ دهشت ايتري قدر سوار هئي جو ڪيس جيل ۾ بند ڪرڻ باوجود به 17ـ مئي 1978ع تي جڏهن ڪوٽ لکپت جيل لاهور مان سينٽرل جيل راولپنڊي ڏانهن منتقل ڪيو پي ويو ته مارشل لا اختيارين طرفان حفاظت جا خاص انتظام ڪيا ويا هئا. انهن انتظامن بابت ڪن ٻين ذريعن وٽان مليل معلومات لکجي ها ته شايد اعتبار ۾ نه اچي ها پر راولپنڊي سينٽرل جيل جي اسپيشل سيڪيورٽي سپرنٽينڊنٽ ڪرنل رفيع الدين پنهنجي ڪتاب "ڀٽي جا آخري 323 ڏينهن" ۾ هيٺيان تفصيل بيان ڪيا آهن.

ڪرنل رفيع الدين لکي ٿو ته مان 1978ع ۾ راولپنڊي ڇانوڻي ۾ 27 برگيڊ جي ڪمانڊ ڪري رهيو هيس ته مئي 1978ع ۾ مونکي برگيڊ هيڊڪوارٽر طرفان ڊسٽرڪٽ جيل راولپنڊي ۾ رپورٽ ڪرڻ لاءِ چيو ويو. اتي ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر راولپنڊي سپرنٽينڊنٽ انجنيئر راولپنڊي ۽ جيل سپرنٽينڊنٽ چوڌري يار محمد موجود هئا ڪجهه دير بعد ميجر جنرل شاهه رفيع عالم جيڪو ان وقت ڊپٽي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر به هو سو آيو اسان سيني جيل ۾ عورتن جو وارڊ گهمي ڏٺو. اتي ٽينڊر اڏاوتي ڪم جي باري ۾ ڪجهه هدايتون ڏنيون پوءِ مونکي برگيڊ هيڊڪوارٽر ۾ گهرائي



www.bhutto.org

منهنجي ڊيوٽيءَ بابت هدايتون ڏنيون ويون. تڏهن خبر پيئي ته ذوالفقار علي ڀٽي کي نواب محمد احمد خان جي قتل واري ڪيس ۾ آيل موت واري سزا خلاف سپريم ڪورٽ ۾ داخل اپيل سبب ڪوٽ لکپت جيل لاهور راولپنڊي جيل مان حاضريءَ تي اچڻ وڃڻ آسان ٿيندو. جيل جي زنانه وارڊ جي اتر طرف لوهي دروازي سان لڳ ٻن ڪوٺڙين کي ڇت کان وٺي فرش تائين هڪ وڏي مضبوط پٽ ذريعي جدا ڪري فرش ڪوٽي لوه ۽ ڪنڪريٽ جو مضبوط فرش ٻڌو ويو هو ڇت کان ڪجهه فوٽ هيٺ لوهي ڇت ٺاهي وئي هئي ان جي به هيٺان ٿلهين لوهي چادرن جي ڇت بنائي وئي هئي. پراڻي ۽ نئين ڇت وچ ۾ ڪنڊن وارين تارن جا ويڙها پريا ويا هئا ان سموري انتظام جو مقصد ته ڀٽي صاحب کي ڇت ڀڃي ڪٽي وڃڻ واري امڪان کي روڪيو وڃي ان مقصد لاءِ ڪوٺڙي جي مضبوط پٿر وارين ڀتين تي بيو پلستر ڪرايو ويو هو. اڱڻ واري خصي ۾ ڪوٺڙيءَ کان ٻاهرين ڀت تائين ڪنڊيدار تارن جا ويڙها رکي رڪاوٽ پيدا ڪئي وئي هئي جيئن ڀٽي صاحب جي ڀڄي وڃڻ يا ٻئي ڪنهن حملي کي ناڪام بنائي سگهجي سيڪيورٽي وارڊ جي چوڌاري ڪنڊيدار تارن ۽ رڪاوٽن جي وچ ۾ پنج برجيون ڪاٺ ۽ فولاد جي چادرن سان ٺاهيون ويون هيون جن تي هر وقت پهريدار موجود هوندا هئا. سيڪيورٽي وارڊ ۽ ان جي آسپاس سرچ لائيٽ وسيلي روشنيءَ جو بندوبست ڪيو ويو هو. بجلي بند ٿيڻ جي حالت ۾ هڪ جنريٽر جو انتظام ڪيو ويو هو. ڊيڊيءَ جي مٿين منزل ۾ آپريشن روم قائم ڪيو ويو هو جنهن ۾ نقشا چارٽ وائرليس سيٽ، ٽيليفون وغيره سميت ضروري سامان رکيو ويو هو. ڪوٺڙيءَ جي ڇت کي هوائي حملن کان بچاءَ لاءِ مشين گنون ۽ هوائي جهازن تي مار ڪندڙ توبون نصب ڪيون ويون هيون ان کان سواءِ جيل جي چوڌاري هڪ جهاز تباهه ڪندڙ "بيڙو" بيڙو به مقرر ڪيو ويو هو اهي سڀ انتظام 15 مئي 1978ع تائين مڪمل ڪيا ويا هئا. ڀٽي صاحب جي قيد دوران پوليس ۽ فوج جا هيٺيان فورس مقرر ڪيل هئا.

جيل جا سپرنٽينڊنٽ جيل راولپنڊي جي سربراهيءَ ۾ سينٽرل جيل جو موجوده اسٽاف جيلن جي انسپيڪٽر جنرل طرفان سپرنٽينڊنٽ جيل راولپنڊيءَ کي وڌيڪ 50 وارڊن جي نفري ڏني وئي هئي.



www.bhutto.org

پوليس ڪاتو ايس ايس پي راولپنڊي جي سربراهيءَ ۾ ضلع جي پوليس ۽ ايس ايس پي راولپنڊي کي پوليس ٽريننگ ڪاليج سهالا مان پنج سو سپاهين جو وڌيڪ فورس ڏنو ويو.

آءِ جي ۽ ڊي آءِ جي جي رزرو فورس مان 500 جوان وڌيڪ ايس- ايس پي راولپنڊي جي حوالي ڪيا ويا.

فوج 27 پنجاب ريجمينٽ کي سيڪيورٽي بٽالين طور مقرر ڪيو ويو.

هڪ ڪمپني ايڪس 3 ايف ايف ريجمينٽ اسپيشل ٽاسڪ فورس طور مقرر ڪئي وئي ۽ بيٽري 94 لائيٽ اينٽي ايئر ڪرافٽ ريجمينٽ کي اسپيشل ٽاسڪ فورس طور مقرر ڪيو ويو.

ڳجها اوزار: مئي 1978ع جي ٻئي هفتي ۾ ڀٽي صاحب جي جيل ۾ اچڻ کان ڪجهه ڏينهن اڳ مونکي اطلاع ڏنو ويو ته هڪ انٽيلي جنس ايجنسيءَ طرفان فلاڻو ماڻهو ضروري سامان کڻي ايندو ته جيئن سيڪيورٽيءَ جو مڪمل بندوبست ڪيو وڃي ان ڪري ٻئي ڏينهن صبح جو هڪ ڊائريڪٽر سان گڏ اهو ٽيڪنيشن آيو ۽ انهيءَ ڪوٺڙي ۾ ڳجها جاسوسيءَ جا اوزار لڳائڻ شروع ڪيا جنهن ۾ ڀٽي صاحب کي رکڻو هو. اهي اوزار وائرليس کان سواءِ زير زمين تارن سان ڳنڍيا ويا هئا جيڪي جيل سپرنٽنڊنٽ جي آفيس جي پر واري ڪمري تائين آندا ويا هئا ۽ ٽن ڏينهن بعد اها زير زمين تان وڌائي منهنجي پلٽون جي هيڊڪوارٽر واري آفيس به پهچائي وئي، جيئن جيل جي ڪنهن ماڻهوءَ کي خبر نه پوي ته انهن ڳجهن اوزارن کان ڪهڙي وقت ڪم ورتو وڃي ٿو اهي حفاظتي انتظام هئا جيڪي ڀٽي صاحب کي راولپنڊي سينٽرل جيل ۾ آڻڻ کان اڳ ۾ ڪيا ويا هئا! ان مان محسوس ٿي رهيو ته ڀٽي صاحب جي شخصي دهشت ۽ عوامي مقبوليت جو خوف سيني کي ٿي رهيو هو جڻ ته ڀٽي صاحب جي ايترن حفاظتي گهيرن کي ٽوڙي بچي نڪري وڃڻ جو امڪان موجود هو. پٿر ۽ فولاد جي پٽين ۽ ڇت اندر قيد هڪ شخص جي نگرانيءَ لاءِ فوج سيڪيورٽي ۽ ٻئي حفاظتي عملي جي موجودگيءَ به اسان جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون هيون. ٻئي طرف جڏهن ڀٽي صاحب ڏانهن ڏسندو هيس ته مونکي بي نياز ۽ بي پرواهه نظر ايندو هو. ڀٽي صاحب جي اها ڪوٺڙي 12x7 سائيز جي هئي جنهن ۾ سندس 323 ڏينهن نهايت تڪليف ۾



www.bhutto.org

بيقراريءَ ۾ گذريا. جيل جي عملدارن ۽ مارشل لا وارن جو رويو ساڻس نهايت توهين وارو ۽ ظالماڻو رهيو. درحقيقت حڪومت ڀٽي صاحب سان ڦاسي واري ڏوهاري جهڙو سلوڪ پئي ڪيو ۽ مارشل لا عملدارن جا حفاظتي قدم ۽ طريقي ڪار فوجي طريقن کان به سخت ۽ نهايت هوشياريءَ سان ٺاهيا ويا هئا. جيل سپرنٽينڊنٽ پاڻ تالن جون چابيون ڪٽي تالا کوليندو ۽ بند ڪندو هو جيتوڻيڪ وارڊن جي وڏي فوج ساڻس گڏ هوندي هئي. اهو به حڪم هو ته جيستائين سيڪيورٽي بٽالين ڪمانڊر ايس ايم ايل اي ۽ ڊي ايم ايل اي گڏ نه هجن تيستائين ڀٽي صاحب کي جيل مان نه ڪڍيو وڃي. 24 مارچ 1979ع تي ڀٽي صاحب جي نظرثانيءَ واري اپيل جي فيصلي جو اعلان ٿيو ته مونکي ۽ جيل سپرنٽينڊنٽ کي نون حڪمن تي عمل ڪرڻ جو تاڪيد ڪيو ويو. نهوار جي کٽ ڪڍي ان جي جاءِ تي لوهي کٽ رکي ويئي پر ڀٽي صاحب لوهه جي کٽ رکڻ نه ڏني ان جي جاءِ تي گاديلو فرش تي رکي ڇڏيو. پاڻ پنهنجون دوائون ۽ شيونگ جو سامان ڪوٺڙيءَ مان ڪڍڻ نه ڏنو جيل جي عملدارن فيصلو ڪيو ته جڏهن غسل خاني ۾ وڃي ته اهي شيون ٻاهر ڪڍيون وڃن. ان خبر پوڻ تي هن پاڻ ڪاٺ جو ڪموڊ کڻي ڪوٺڙيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ رکي ڇڏيو جيل وارن کي جڏهن اها خبر پئي ته ٽي چار وارڊن گڏ موڪلي اها ڪاروائي ڪئي وئي. ڀٽو صاحب مجبوراً خاموش رهيو جڏهن پيو ڪجهه نه ڪري سگهيو ته 24 مارچ تي بک هڙتال ڪيائين. 23 مارچ تي رات جو مانيءَ بعد نه ڪجهه کاڌائين نه پيتائين. 9 ڏينهن لاڳيتو بک هڙتال ڪيائين. لاڳيتو 9 ڏينهن جي بک هڙتال سبب هو نهايت ڪمزور ٿي ويو. 29 مارچ تي پيرزادو ڀٽي صاحب سان ملڻ آيو پاڻ هڪ ٽوال ويڙهي ويٺو هو ڪپڙا پاڻ ڌوئي سڪڻا وڌا هئائين. جڏهن ڪيس پيرزادي جي اچڻ جو ٻڌايو ويو تڏهن اڌ آلا ڪپڙا پهري ويٺو ۽ پيرزادي سان ملاقات ڪيائين. جيل ۾ ڀٽي صاحب جي حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي رهي. هن ڪنهن جي به پرواهه نه ڪئي ۽ سڀ تڪليفون سهندو رهيو. 6 فيبروري 1979ع تي جڏهن ڀٽي صاحب جي رحم جي اپيل به رد ٿي ته سيني ماڻهن جو رويو بدلجي ويو ان بعد جڏهن مان ساڻس مليس تڏهن شڪايت ڪيائين ته سندس بي عزتي ٿي رهي آهي، عام وارڊن به سندس پرواهه نه ٿي ڪئي، مون ڪوشش ڪئي ته جيل جا عملدار ايتري سختي نه ڪن پر سيني منهن مٿي ڇڏيو هو.



www.bhutto.org

ضياء الحق طرفان ڀٽي صاحب جي نگرانيءَ لاءِ پنهنجي مقرر ڪيل خاص ماڻهو ڪرنل رفيع الدين پنهنجي ڪتاب ۾ جيڪي ڀٽي صاحب سان ٿيل زيادتيون مڃيون آهن اهي تہ انهن ظلم ۽ زيادتين جي ڪنهن حصي ۾ بہ نہ آهن جيڪي سندس زندگيءَ جي آخري 323 ڏينهن ۾ هن سٺيون.

سينٽرل جيل راولپنڊيءَ ۾ ڀٽو صاحب اٽڪل 11 مهينا قيد رهيو ان دوران سائس ملڻ لاءِ نقط هيٺين 25 ماڻهن کي اجازت ڏني وئي هئي انهن مان بہ پهرين ڏهن مهينن ۾ ڪنهن بہ ملاقاتيءَ کي 30 منٽن کان وڌيڪ جي اجازت نہ هئي.

ملاقاتي: بيگم نصرت ڀٽو بينظير ڀٽو دوست محمد اعوان (وڪيل)، يحيٰ بختيار (وڪيل)، غلام علي ميمڻ (وڪيل)، حفيظ لاکو (وڪيل)، ليفٽيننٽ جنرل شوڪت علي (ڊاڪٽر) محترمہ امير بيگم ڀٽو صديق ڪرل، نسيم الاسلام بيگم منورالاسلام، ڊاڪٽر ظفر نيازي، مجيد پيرزادو امداد ڀٽو رخسانہ ڀٽو شبنم ڀٽو محترمہ شيرين، امير بيگم چوڌري مختيار احمد، عزيزالرحمان، مسٽر مظفر علي ڀٽو نبي بخش ڀٽو مظفر مصطفيٰ ۽ بيگم مظفر حفيظ پيرزادو ياسين وٽو مشتاق علي ڀٽو ممتاز علي ڀٽو طارق الاسلام ۽ شاه بانو.

ذوالفقار علي ڀٽو هڪ عظيم ۽ پروقار شخصيت جو مالڪ هو. هُو ملڪ جو پرڏيهي وزير، ملڪ جو صدر، وزيراعظم، اسلامي ڪانفرنس جو چيئرمين، ٽين دنيا جو مڃيل اڳواڻ نہ رڳو پاڪستان پر سڄي دنيا جي ملڪن ۾ رهندڙ ڪروڙين ماڻهن جو محبوب ليڊر رهي چڪو آهي جيڪو پاڻ پنهنجي ڪروڙين گهٽگهرن سان هر وقت ملڻ لاءِ آتو هوندو هو هن لاءِ ان کان وڌيڪ اذيت ڪهڙي هوندي تہ ڪيس زندگيءَ جي آخري يارنهن مهينن جي ڊگهي عرصي ۾ صرف 25 ماڻهن سان ملاقات ڪرڻ ڏني وئي.



www.bhutto.org

# جنرل ضياء، ڀٽي کي قتل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو

جنرل ضياء ذوالفقار علي ڀٽي کي قتل ڪرڻ جو فيصلو سندس حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ کان اڳ ۾ ڪري ڇڏيو هو. ان ڪري ڀٽي صاحب کي نواب محمد احمد جي قتل ڪيس ۾ ڦاسايو ويو جن فوجين جي ٽولي ڀٽي صاحب کي حڪومت تان لاٿو هو انهن مان ڪن جي راءِ هئي ته ڪيس بنگلاديش جي شيخ مجيب الرحمن وانگر گهر ڀاتين سميت قتل ڪيو وڃي ۽ عوام کي ٻڌايو وڃي ته پنهنجي ڪرسي بچائڻ لاءِ مزاحمت ڪرڻ تي قتل ٿي ويو پر ڀٽو صاحب هڪ دورانديش ۽ ذهين سياستدان هو. تاريخي واقعن تي سندس ڳوڙهي نظر هئي، سڄي دنيا ۾ فوجي بغاوتن سبب ٿيندڙ واقعن کان چڱيءَ طرح واقف هو ان ڪري هن حڪومت کسجڻ واري ناقابل برداشت وقت ۾ به همت ۽ سياسي بردباريءَ کان ڪم ورتو جنرل ضياء ۽ سندس ٽولي کي اهڙو ڪو به موقعو نه ڏنو جو بهانو بنائي کيس قتل ڪري سگهن.

ان هوندي جنرل ضياء ڀٽي صاحب کي ختم ڪرڻ جو فيصلو نه بدلايو. 17 سيپٽمبر 1977ع ۾ ڀٽي صاحب کي اهڙي قتل جي ڪيس ۾ ڦاسايو جنهن مان اڳ ۾ ئي جسٽس شفيق الرحمن کيس باعزت آزاد ڪري ڇڏيو.

ڪرنل رفيع الدين جنهن کي جنرل ضياء جي خاص حڪم موجب ڀٽي صاحب جي سپريم ڪورٽ ۾ هلندڙ ڪيس دوران راولپنڊي جيل ۾ اسپيشل سيڪيورٽي سپرنٽينڊنٽ مقرر ڪيو ويو هو پنهنجي ڪتاب "ڀٽي جا آخري 323 ڏينهن" جي صفحي 89 تي لکي ٿو ته:

5 فيبروري تي مونکي ايس ايم ايل اي سان ڊپٽي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جي آفيس ۾ سڏايو ويو اتي مونکي ٻڌايو ويو ته سپاٽي متان سپريم ڪورٽ ڀٽي صاحب جي اپيل منظور ڪري ڪيس آزاد ڪرڻ جو



www.bhutto.org

حڪم جاري ڪري تہ اهڙي حڪم باوجود بہ ڪيس جيل مان ٻاهر نہ ڇڏيو وڃي، هو مارشل لا تحت ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل آهي جيڪي پوءِ الڳ هلايا ويندا. مونکي ان وقت پڪ ٿي وئي تہ ڀٽي صاحب کي مارشل لا اختياريون ڪنهن بہ صورت ۾ آزاد نہ ڪنديون، ڪيس سزا ضرور ملندي، جنهن جو مونکي ڏک ٿيو مونکي ٻين ذريعن سان بہ خبر پئي تہ هڪ خاص ملٽري ڪورٽ مقرر ڪئي وئي آهي تہ جيڪڏهن سپريم ڪورٽ جو من پسند فيصلو نہ اچي تہ پوءِ ان فوجي ڪورٽ ۾ ڀٽي صاحب جو ڪيس هلايو وڃي. دهليءَ مان شايع ٿيندڙ هڪ مشهور هفتيوار اخبار مستقيم 19 آڪٽوبر 1978ع واري اشاعت ۾ ڀٽي صاحب کي پنهنجي رستي تان هميشہ لاءِ هٽائڻ بابت جنرل ضياء جي منصوبن بابت لکيو تہ آمريڪا ۽ برطانيہ جي نظر ۾ جنرل ضياء الحق جي ڪمزوري اها هئي تہ هو ڀٽي صاحب کان ڊڄندو هو ان ڪري هن ڀٽي صاحب کي ڦاسي ڏيڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو هو. جنرل ضياء نٿي چاهيو تہ ڦاسي جي صورت ۾ سندس اپيل صدر فضل الاهي چوڌريءَ وٽ اچي ۽ هو اها منظور ڪري ڇڏي، ان ڪري هن ڪيس صدارت تان هٽائي ڇڏيو. اها ئي ساڳي ڳالهہ فضل الاهيءَ جي پٽ عطاء الاهيءَ بہ هڪ اخباري بيان ۾ ٻڌائي. ليفٽيننٽ جنرل رفيع عالم جيڪو ڀٽي صاحب کي ڦاسي ڏيڻ کان 15 ڏينهن اڳ راولپنڊيءَ ۾ ڊپٽي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر هو شهيد ڀٽي جي ڦاسيءَ تي پنهنجو ردعمل ظاهر ڪندي لاهور جي هڪ رسالي "مون ڊائجسٽ" کي انٽرويو ڏيندي ٻڌايو تہ هو پاڻ ڀٽي صاحب کي ڦاسي ڏيڻ جي خلاف هو ۽ ملٽري ڪائونسل جي اجلاس ۾ هن ان سزا جي خلاف اعتراض ڪيو هو ان ڪري ڦاسيءَ جي سزا تي عمل ڪرائڻ کان 15 ڏينهن پهريائين مون کي راولپنڊيءَ مان بدلي ڪيو ويو هو. سپريم ڪورٽ جي ستن مان ٽي جج ڀٽي صاحب کي باعزت آزاد ڪرڻ جا حامي هئا باقي چار جج سزا جي حق ۾ هئا پر تڏهن بہ سيني ججن متفق ٿي اها سفارش ڪئي هئي تہ صدر چاهي تہ ڀٽي جي سزا ۾ گهٽتائي ڪري سگهي ٿو. دنيا ۾ هي پهريون مثال آهي جو سپريم ڪورٽ جي ججن اهڙي سفارش ڪئي هجي. سپريم ڪورٽ جي سفارش بعد جنرل ضياء کي اهڙي سفارش بعد ڪو بہ اخلاقي يا قانوني سبب ڪو نہ هو تہ ڀٽي جي سزا ۾ گهٽتائي نہ ڪري، پر جنرل ضياء سفارش جي پرواهہ نہ ڪئي ۽ چيو تہ هو ڪورٽ جي معاملن ۾ دخل نہ ڏيندو ۽ موت جي سزا معاف نہ ڪندو. جنرل



www.bhutto.org

ضياء جي اها ڳالهه ڪوڙي هئي، ان ساڳئي عرصي ۾ هن ٽن ماڻهن جي موت جي سزا معاف ڪئي يا عمر قيد ۾ بدلائي هئي ۽ شبنم ڊاڙي ڪيس جي ڏوهارين جي سزا معاف ڪئي هئي مطلب ته لڳ ڀڳ هڪ سوَ کان وڌيڪ ماڻهن جي موت جي سزا معاف ڪئي هئائين. ڀٽي صاحب جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ واري ڪم ۾ سندس ساٿو هٿ جنرل فيض علي چشتي پنهنجي ڪتاب "ڀٽو ضياء ۽ مان" جي صفحي نمبر 70 تي لکيو آهي ته جنرل ضياء مونکي پنهنجي گهر گهرائي ماٺ ميٺ ۾ ڪراچي وڃڻ لاءِ چيو ان مقصد لاءِ چڪلالہ فوجي اڏي تي فيلڪن جهاز ڏينهن جو 11 وڳي وڃڻو هو جنرل ضياء هڪ ضروري ڪم سبب اوڏانهن پاڻ وڃي نٿي سگهيو ان ڪري مونکي موڪلي رهيو هو ته مان وڃي جنرل ارباب سان ملان ۽ ان کي ڀٽي کي گرفتار ڪرڻ لاءِ سندس زباني حڪم ٻڌايان. مون ضياء کي چيو ته اهو پيغام ته خفيه فون وسيلي به ڏئي سگهجي ٿو پر پاڻ چيائين ته پيغام روبرو ڏيڻ ضروري آهي، پوءِ مان فيلڪن ذريعي جيڪو چڪلاله تي تيار بيٺو هو ڪراچي ويس ۽ ليفٽيننٽ ارباب کي اهو پيغام پهچايم. 3- سيپٽمبر تي ڀٽي صاحب کي قتل جي الزام گرفتار ڪري ايف آءِ اي جا ملازم ڪيس فيلڪن جهاز ۾ لاهور وٺي ويا.

جنرل چشتي وڌيڪ لکي ٿو ته:

ڀٽي صاحب جي رحم جي درخواست تي جهڙي تڪڙ ۾ عمل ڪيو ويو ان مان معلوم ٿو ٿئي ته جنرل ضياء ۽ پنجاب جي نئين گورنر سوار خان وچ ۾ هي هڪ سوچيل سمجهيل منصوبو هو. سوار خان جلديءَ ۾ رحم جي درخواست رد ڪري هٿون هٿ جنرل ضياء ڏانهن موڪلي. جڏهن ته گورنر پنجاب کي رحم جي درخواست منظور ڪرڻ جو حق هو.

جنرل چشتي ڪتاب جي صفحي نمبر 74 تي لکي ٿو ته:

جڏهن ڀٽي صاحب جي ڪيس جو فيصلو ٻڌائڻ جو وقت آيو ته شيخ زيد بن سلطان النهيان پاڪستان ۾ موجود هو. شيخ النهيان چيو ته جيستائين هو پاڪستان ۾ آهي تيستائين اهو فيصلو نه ٻڌايو وڃي، ان جي تاريخ هٽائي وڃي نه ته هو پاڻ واپس وطن ويندو جنرل ضياء عدالت کي فيصلي جي تاريخ اڳتي وڌائڻ لاءِ چيو. جنرل ضياء شيخ النهيان کي رات جي مانيءَ جي دعوت ڏني جيڪا شيخ صاحب قبول نه ڪئي. ان بعد جنرل ضياء پاڻ شيخ النهيان سان ملاقات لاءِ ويو. شيخ النهيان جنرل ضياء کي



www.bhutto.org

ٻڌايو تہ هو زنده ڀٽي سان تہ ڳالهيون ڪري سگهي ٿو پر بي جان ڀٽي سان نہ. شيخ صاحب وڌيڪ چيس تہ مقتول ڀٽو سڄي عمر توکي تڙپائيندو رهندو. هن چيو تہ ڀٽي صاحب پاڪستان جي تمام گهڻي خدمت ڪئي آهي.

شيخ النهيان پوءِ جنرل ضياء سان پنهنجي ملاقات جا تاثرات بيان ڪندي چيو تہ سندس اندازو آهي تہ جنرل ضياء ڀٽي صاحب کي ضرور ڦاسي ڏيندو جيتوڻيڪ هن کيس معافي ڏيڻ لاءِ يقين ڏياريو آهي. ذوالفقار علي ڀٽي جي گرفتاريءَ کان ڦاسي ڏيڻ تائين جنرل ضياء سيني جاين تي پنهنجا اعتماد وارا ماڻهو مقرر ڪيا هئا. مقصد پوري ٿيڻ بعد انهن کي خاص رعايتون ڏنيون ويون. ڪرنل رفيع کي ترقي ڏئي ٻاهرين ملڪن ۾ اتاشي مقرر ڪيو ويو. برگيڊيئر راحت لطيف کي ميجر جنرل بنايو ويو. ميجر صغير کي ليفٽيننٽ جنرل جي عهدي تي ترقي ڏني وئي. رٽائر ٿيڻ بعد کيس اردن ۾ سفير بنايو ويو. ليفٽيننٽ جنرل سوار خان کي وائيس چيف آف آرمي اسٽاف جو عهدو ڏنو ويو.



www.bhutto.org

# شهيد ذوالفقار علي ڀٽو چاهي پيو ته کيس زنده رهڻ نه ڏنو ويندو

ذوالفقار علي ڀٽو هڪ تاريخ ساز شخصيت هو. پنهنجي اعليٰ اصولن جو پابند، پنهنجي ملڪ جي عوام سان بيحد محبت ڪندڙ وطن جي سلامتي ۽ پائداري ايندڙ نسلن جي خوشحالي لاءِ ڪم ڪندڙ هو. هن ملڪ ۽ قوم جي بدخواهن سان ڪنهن به قسم جو ٺاهه ڪرڻ کان انڪار ڪري انهن ڳالهين جي نتيجي ۾ ڪيس ماريو ويو. جيڪڏهن پاڻ چاهي ها ته اصولن تي سوديبازي ڪري پنهنجي جان بچائي ٿي سگهيو پر هو هڪ عام انسان نه هو خدا تعاليٰ طرفان عطا ڪيل اعليٰ صلاحيتن وارو هڪ عظيم اڳواڻ هو. هن پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي اصول قربان نه ڪيا. هن جو چوڻ هو ته:

"مان فوج جي هٿان مرڻ پسند ڪندس پر تاريخ هٿان نه"

ڀٽي صاحب کي پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪروڙين ماڻهن جي دلي محبت حاصل هئي. شهادت بعد ان ۾ واڌارو ٿيو گهٽتائي نه آئي. جنرل ضياء ۽ ان جي چاڙتن، ڪالم نگارن، مضمون نويسن اهم ملڪي ۽ غير ملڪي اخبارن ۾ ڪالم ۽ مضمون ڇپرائي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڀٽي کي يقين هو ته ڪيس ڦاسي نه ايندي، هو انهيءَ غلطفهمي ۾ ماريو ويو. آخري وقت تائين سمجهندو رهيو ته ان سان ڊرامو ڪيو ٿو وڃي، وغيره وغيره. پر حالتن ۽ واقعن اهو ثابت ڪيو آهي ته ڀٽي صاحب کي يقين هو ته ڪيس ته جيئرو نه ڇڏيو ويندو جيستائين پنهنجا اصول ڇڏي حڪمران ٽولي سان اهو ٺاهه نه ڪندو. ان ڪري اهو فيصلو ڪيائين ته پنهنجي جان قربان ڪندو پر پنهنجي ملڪ ۽ عوام سان بي وفائي نه ڪندو.



www.bhutto.org

ڀٽي صاحب سان جيل ۾ ملاقات لاءِ جڏهن سندس گهر واري بيگم نصرت ڀٽو ۽ ڌيءُ محترمه بينظير ويندي هيون تڏهن انهن کي تلقين ڪندو هو ته "مان چاهيان ٿو ته جنرل ضياء جا ٿو چاهي پر اوهان ان سان ڪنهن به صورت ۾ ناهه نه ڪجو چاهي منهنجي زندگيءَ جو معاملو ڇو نه هجي." هڪ دفعو محترمه بينظير کيس چيو ته اوهان جي زندگي نهايت قيمتي آهي، اسان لاءِ نهايت اهم آهي. ڀٽي صاحب جواب ۾ چيو ته منهنجي زندگي اوهان لاءِ اهميت واري هوندي پر مونکي رحم ۾ مليل زندگيءَ جي ضرورت نه آهي نه وري اِهو سوچي زنده رهڻ ٿو گهران ته مون قوم سان بي وفائي ڪئي آهي.

ڪرنل رفيع الدين جيڪو سينٽرل جيل ۾ ڀٽي صاحب جي نگرانيءَ لاءِ مارشل لا اختيارين مقرر ڪيو هو ۽ ان کي هيءُ ذميواري سهڻي نموني نڀائڻ سبب جنرل ضياءَ انڊونيشيا ۽ ملائيشيا ۾ ملٽري اتاشي جي اهم عهدي تي مقرر ڪيو اهو پنهنجي ڪتاب ڀٽي جا آخري 323 ڏينهن ۾ لکي ٿو ته مان ڪاڪول ملٽري اڪيڊميءَ ۾ پڙهندو هيس ته مونکي پامسٽريءَ جو شوق ٿيو. ڪميشن حاصل ڪرڻ بعد ان سلسلي جا ڪافي ڪتاب پڙهيم بيشمار هٿ به ڏٺم. جڏهن کان ڀٽي صاحب سان جيل ۾ ملڻ جلڻ ٿيو ته پامسٽريءَ جي شوق سبب سندس هٿ کي غور سان ڏسندو هيس ڇاڪاڻ ته ڀٽو صاحب ڳالهائڻ وقت هٿ به چوريندو هو سندس شمسي ۽ قسمت جون ليڪون بلڪل چٽيون هيون دل، دماغ ۽ حياتيءَ جون ليڪو به غور سان ڏسندو هيس هن ڪيس جي ڪري سندس زندگيءَ جي ليڪن کي هر هر ڏسندو هيس مونکي سندس هٿ تي حادثي يا اتفاقي موت جي ڪا به نشاني نظر نه آئي. ڀٽي صاحب جي اپيل رد ٿيڻ بعد هڪ ڏينهن ڳالهين ڪندي پاڻ هٿ لوڏي رهيو هو ته مان سندس حياتيءَ جي لڪير کي غور سان ڏسي رهيو هيس. ڀٽو صاحب چوڻ لڳو ته رفيع منهنجي هٿ تي ڇا آهي جو جنهن کي ايتري غور سان ڏسي رهيو آهين. مون جواب ڏنو ته جناب اوهان جي هٿ تي زندگيءَ جي لڪير مان معلوم ٿئي ٿو ته اوهان جي حياتي وڏي آهي. ڀٽي صاحب چيو ته ڪرنل! ڀٽا هميشه جوانيءَ ۾ مرندا رهندا آهن. مون جواب ڏنو ته توهان جو هٿ ان جي ابتڙ چئي رهيو آهي. هن پنهنجو هٿ ڏنو مون سمجهيو ته مون کي ڏسڻ لاءِ ڏيندو پر اٿين نه ڪيائين. پوءِ چوڻ لڳو ته رفيع



www.bhutto.org

ٻن ڪندڙن مان هڪ کي ويٺو آهي ڀٽي جو ڪندڙ يا جنرل ضياء جو ڪندڙ.
جيئن ته ڀٽي جو ڪندڙ اندر آهي ان ڪري ان کي ئي ويٺو پوندو. جيل ۾ قيد
هئڻ دوران ڀٽي صاحب جي لکڻين ۾ ان ڳالهه جا اشارا آهن ته جنرل ضياء ۽
سندس ٽولو ڪيس ماريندو. خاص طرح سندس ڪتاب "اگر مونکي قتل
ڪيو ويو ته" ۾ فوجي حڪومت هٿان پنهنجي زندگي ختم ٿيڻ جي خدشي
جو اظهار ڪيل آهي ۽ اهو خدشو سچ ثابت ٿيو. پاڪستان جي ڪروڙين
ماڻهن کان سندن پيارو اڳواڻ هميشه لاءِ جدا ڪيو ويو.



www.bhutto.org

# فرانس جي صدر ڏانهن ذوالفقار علي ڀٽو جو آخري خط

ڊيئر مسٽر پريزيڊنٽ!

اگر موت جي هن ڪال ڪوٺڙيءَ مان جنهن تي سخت حفاظتي پهرو لڳل آهي. هٽ ٻاهر ڪيڻ ايترو مشڪل نه هجي ها ته مان اوهان کي پنهنجي جذبات کان واقف ڪرڻ لاءِ گهڻو اڳ رابطو ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ها.

هن وقت جڏهن مان موت ۽ حياتيءَ جي تارازي ۾ لڏي رهيو آهيان. مسٽر صدر اوهان ڄاڻو ٿا ته منهنجو ضمير ۽ دل جي سچائي اوهان جي مفڪراڻي پيار جي نتيجي ۾ اها نمنديءَ جي اظهار ڪرڻ لاءِ وقت کان اڳ مجبور ڪري رهي آهي چاهي ڪجهه به هجي ايترو چوڻ ضروري ٿو سمجهان ته هڪ معصوم ماڻهوءَ جي عزت بچائڻ لاءِ اوهان جنهن ڳڻتي ۽ جو اظهار ڪيو ان سان اوهان ۽ اوهان جي ملڪ جي عوام پاڪستان جي ماڻهن جون دليون کٽي ورتيون آهن.

فرانسسي 1781ع کان اڳ مغربي تهذيب جو وڏو مرڪز رهيو آهي. 1958ع تائين جنت جي مثال رهيو آهي. ان کان اڳ يورپ ۾ اهڙو ڪو مثال نٿو ملي. اوهان ڪميونسٽ چيلينج جو مقابلو سڌو سنئون پنهنجي ٽيڪنالوجي ۽ ٽيڪنڪ سان ڪيو آهي ۽ پنهنجي دفاع کي مضبوط ڪري طاقت جو توازن قائم رکيو آهي. ڪميونسٽ رياستن خاص طرح روس ۽ چين سان اوهان جي تعلقات جو توازن قابل ذڪر آهي.

فرانس ٻه غير معمولي سپاهي پيدا ڪيا آهن جن جي رهبريءَ ۾ توهان جي ملڪ قابل ذڪر ترقي ڪئي آهي.

1 ـ نيپولن بونا پارٽ 2 ـ چارلس ڊيگال

في الحال مان پنهنجي ملڪ جي ڳالهه ٿو ڪريان سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب وڏي آڳاٽي ۽ شاندار آهي. پر هاڻي هتان جي رهاڪن کي خوف ۽



www.bhutto.org

دهشت ۾ گذارڻو ٿو پوي. آزاديءَ کان وٺي اڄ تائين هي ملڪ ٽي دفعا فوجي حڪومت جي تجربن مان گذريو آهي. هرڪا سياست فوجي بغاوت هن ملڪ کي پهرينءَ فوجي بغاوت جي دور کان به ڪمزور ڪندي رهي آهي. جيڪڏهن اهڙا حادثا پارٽ ۾ پيش اچن ها ته اڄ تائين ٽن يا چئن ٽڪرن ۾ ورهائجي وڃي ها. لاقانونيت ته پارٽ ۾ آهي پر اتي جمهوريت جون پاڙون ايتريون ته مضبوط آهن جو وڏي ۾ وڏو سياستدان به اسان جي ڊڪٽيٽرن کان بهتر هوندو آهي. مون به دفعا فوجي آمريت جو ڪاميابيءَ سان مقابلو ڪيو آهي پر آخرڪار ٽئين دفعي ۾ موت جي سزا ملي آهي. جيڪڏهن مونکي قتل ڪيو ويندو ته منهنجو خون برصغير جي نوجوان مرد ۽ عورت جي منهن تي اهڙي لالي بنجي اُڀرندو جهڙي بهار جي مند ۾ فرانسيسي گلاب ۾ هوندي آهي. مان پندرهن سالن کان آزاديءَ جي جنگ وڙهي رهيو آهيان. مون نهرو ۽ قائداعظم سان به ڪم ڪيو آهي. مون جنرل ۽ ڊيگال کي سندس عروج جي زماني ۾ ڏٺو آهي. مون کي مائوري تنگ جي عزت جو شرف به حاصل ٿيو آهي. منهنجي سياست عشق ۽ شاعريءَ جو ميلاپ آهي. مرن اڄ تائين عوام کانسواءِ ٻئي ڪنهن سان محبت نه ڪئي آهي. ان ڪري مان سمجهان ٿو ته "عوام طاقت جو سرچشمو آهي" اهو ڪو سياسي نعرو نه پر منهنجو پڪو اعتقاد آهي.

ان ڪري مسٽر پريزيڊنٽ جيڪڏهن مان جيئرو رهيس ته هر حال ۾ پنهنجي جدوجهد جاري رکندس چاهي مونکي ان لاءِ ڪيتري به وڏي قرباني ڏيڻي ڇو نه پوي. ڪرام جي ڀلائي واري مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ منهنجي خاندان کي ڪيتريون ئي تڪليفون ڏسڻيون پئجي رهيون آهي.

مونکي اُميد آهي ته مير مرتضيٰ ڀٽي اوهان تي جيڪو بار رکيو آهي اوهان محسوس نه ڪيو هوندو آخر هڪ پٽ پنهنجي پيءُ لاءِ ايترو ڪجهه ڪرڻ جو حق ته رکي ٿو.

اوهان جي ملڪ سان مونکي ڪيتري محبت آهي ان جي اوهان کي خبر آهي. اوهان لاءِ مان جيڪي تعريفي جذبا رکان ٿو انهن مان به واقف آهيو. جيڪڏهن مان زنده رهيس ته انسانيت جي ڀلائي لاءِ ڪيل ڪم مان حاصل ٿيندڙ خوشيون گڏجي محسوس ڪنداسين.

پر جيڪڏهن مان ماريو ويجان اوهان کي ٻيهر ملڻ تائين هن دعا سان الوداع ڪيان ٿو ته منهنجي ملڪ جي ماڻهن کي غربت لاچاري، خيرات پنڻ



www.bhutto.org

کان بچائڻ لاءِ اسان جنهن ڪم جي شروعات ڪئي آهي ان کي پوري ڪرڻ لاءِ چڱا ماڻهو اچن.

قاتل قرار ڏنل شخص جي حيثيت ۾ مان ايتري همت نٿو ڪري سگهان ته اوهان کي پنهنجو دوست چئي سگهان. مهرباني ڪري منهنجا عزت ۽ احترام ڀريل جذبا پنهنجي وفادار ۽ لائق گهر واريءَ تائين پهچائيندا ۽ پنهنجي پٽ هينريءَ کي منهنجا پيار ڀريا سلام چئجو.

سمنڊ جيتري وسيع عزت ۽ اونهي پيار سان.

ذوالفقار علي ڀٽو



www.bhutto.org

# شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو آخري خط

هي خط 4 اپريل 1979ع جي آخري رات ڀٽي شهيد فرانس جي صدر واري زيسڪار ويستان کي لکيو هو جيڪو ان وقت يورپي يونين جو صدر هو. هي خط ڀٽي صاحب ڦاسي ملڻ کان اڳ لکيو هو جيڪو ان جو آخري خط ثابت ٿيو.

ڊيئر پريزيڊنٽ!

مون ٻن فوجي آمريتن جو ڪاميابيءَ سان مقابلو ڪيو آهي. ان ڪري ٽينءَ مونکي مارڻ جو حڪم ڏنو آهي. جيڪڏهن مونکي قتل ڪيو ويو ته منهنجو رت هن ملڪ جي نوجوان مرد عورت لاءِ اهڙي لالي بڻبي جهڙي بهار جي مند ۾ فرانسيسي گلاب ۾ هوندي آهي. اوهان ڪميونسٽن جي چئلينج جو مقابلو پنهنجي ٽيڪنڪ ۽ ٽيڪنالاجي سان سڌو سنئون ڪريون ٿا اسان وري اڻ سڌيءَ طرح اهڙو مقابلو فوجي آمرن جي فوجي بغاوتن سان مزاحمت جي صورت ۾ ڪريون ٿا جيڪي اقتدار تي قبضو ته امان امان قائم ڪرڻ لاءِ ڪن ٿا پر خود بدامني پيدا ڪن ٿا. مغربي ملڪ انهن جو بچاءُ ڪري پاڻ پنهنجي تباهيءَ جو ٻج پوکن ٿا. مان 15 سالن جي عمر کان وٺي هڪ جوشيلو ۽ پنهنجي مقصد تي ثابت نه ڪرڻ وارو آزاديءَ جو مجاهد رهيو آهيان. منهنجي سياست عشق ۽ شاعري جو مجموعو آهي منهنجو سڀ کان چڱو عشق عوام سان رهيو آهي ان ڪري مان عوام جي اقتدار تي هڪ سياسي نعري وانگر نه پر پورو پورو يقين ۽ اعتقاد رکان ٿو.

جيڪڏهن مغرب جي خود غرضي ۽ ڪوتاهه نظري ۽ مشرق جي انڌي جذبا نيت انسانيت کي ٽين عالمگير جنگ ۾ مبتلا ڪن تڏهن به انسان ان خاڪ مان پيهر وڏي شان ۽ شوڪت سان پيدا ٿيندو. "مان واعدو ٿو ڪريان ته جيڪڏهن منهنجي جان بچي ويئي ته ان ميدان ۾ بي پناهه مشڪلاتن کان بي ڊپو ٿي جنگ جاري رکندس. جيڪڏهن مان مري ويجان ته پوءِ اوهان کي هن دعا سان خداحافظ چوان ٿو ته "منهنجي عوام جي نفرت انگيز غربت ۽ بي سروسا مانيءَ کي ختم ڪرڻ واري نامڪمل جنگ کٽڻ لاءِ وڏيڪ سٺا ماڻهو ايندا".

ذوالفقار علي ڀٽو

راولپنڊي جيل 4- اپريل 1979ع



www.bhutto.org

# ڀٽو نيپولين ۽ جنرل ڊيگال

فرانس جي اڳئين صدر والري زسيڪاريستان ذوالفقار علي ڀٽو شهيد جي اعليٰ سياسي نظرين سبب ساڻن خاص محبت رکندو اهو ئي سبب آهي جو پنهنجي اتحادي ملڪ آمريڪا جي سخت مخالفت باوجود پاڪستان کي ايٽمي ري پروسيسنگ پلانٽ ڏيڻ جو معاهدو ڪيو جيتوڻيڪ آمريڪا ايٽمي پلانٽ واري ڳالهه تي سفارتي سطح سخت واويلا مچائي پر فرانس پنهنجي اعلان تي سختيءَ سان قائم رهيو. فرانس جي اڳوڻي صدر پنهنجي هڪ خاص مضمون ۾ ڀٽي صاحب جي شخصيت کي گهڻو ساراهيو آهي ڪيس فرانس جي تاريخ جي عظيم هيرو نپولين بوناپارٽ ۽ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ فرانسيسي قوم کي جرمن فوج جي قبضي کان آزادي ڏياريندڙ عظيم جنرل ڊيگال سان مشابهت ڏني اٿس. لکي ٿو ته:

ڏهن سالن کان ڪجهه وڌيڪ عرصو گذريو آهي جو مونکي 3 جولاءِ 1977ع ۾ ايلس پيلس ۾ هڪ خط مليو جيڪو ذوالفقار علي ڀٽو ڪنهن نه ڪنهن طرح راولپنڊي جيل مان مون تائين پهچائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. خط جي شروعات هنن لفظن سان ٿيل هئي ته "ان ڪال ڪوٺڙيءَ مان جنهن جي چوڌاري سخت پهرو آهي. لوهي سلاخن مان رابطي ۾ اچڻ ڏکيو نه هجي ها ته گهڻو اڳ اوهانکي دلي مبارڪباد پيش ڪريان ها".

هي جذباتي خط موت جي ڏاڪي تي بيٺل شخص لکيو هو. هڪ مجاهد لکيو هو. هن ۾ جمهوريت جي وڪالت سان گڏ فوجي آمرن جي ڪريل ذهنيت آنديو ويو هو جيڪي نظم و ضبط جي نالي تي اقتدار تي قبضو ڪري بدنظمي پکيڙن ٿا. ان خط ۾ عوام جي آزادي لاءِ سخت ۽ بي غرضا نه جدوجهد جو عهد ڪيو ويو هو. انهن ڏکوئيندڙ گهڙين ۾ ڪنهن دلير شخص ۾ ئي اها خوبي ٿي سگهي ٿي ته هو شڪست ۽ خوف جو شڪار ٿيڻ بجاءِ اهڙو خط لکي. حقيقت اها آهي ته عليءَ جي دل ۾ اها اُميد هئي ته سندس خون هن ننڍي کنڊ جي نوجوان مردن ۽ عورتن ۾ جدوجهد جو جذبو



www.bhutto.org

پيدا ڪندو. موت جي اکين ۾ اکيون ملائي جرئت جو مظاهرو ڪرڻ جو مطلب مستقبل تي پختو يقين هجڻ آهي. اهڙو مثال قائم ڪرڻ جنهن تي عمل ڪري پاڪستان ۽ ٻيا پٺتي پيل ملڪ ترقي ڪري خوشحالي ماڻي سگهن.

جولاءِ 1977ع ۾ فوج سندس حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ته سندس دوستن ڪيس مشورو ڏنو ته ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ پناهه وٺي. هن تي بيهودا الزام لڳايا ويا ته پاڻ پنهنجي بي گناهي ثابت ڪرڻ کي ترجيح ڏنائين. جيتوڻيڪ مقدمي جو فيصلو اڳيئي طي ٿيل هو. موت جي سزا ٻڌائي ويڃڻ کانپوءِ ان وقت جي مارشل لا ايڊمنسٽريٽر جنرل جي ضياءالحق کي رحم جي اپيل ڪري سگهيو ٿي پر هن ائين نه ڪيو ۽ پنهنجي گهر ڀاتين کي به منع ڪري ڇڏيائين ته ڪنهن به صورت ۾ اپيل نه ڪن.

اوهان کي خبر آهي ته مون سندس مرضي جي برخلاف رحم جي اپيل ڪئي هئي پر اها به رد ڪئي ويئي. علي ڀٽو انصاف گهري رهيو هو خيرات نه پر ڪيس انصاف ملي نه سگهيو. ڊاڪٽر نيازي مونکي ان وقت لکيو ته ڀٽي جو مقدمو ڪو عام مقدمو نه هو ۽ ڀٽي کي ٻڌايل سزا ڪا عام سزا نه هئي جيڪا رڳو مقدمي جي تحقيقات جي بنياد تي ٻڌائي وڃي. سنجيده لفظن ۾ سڀ ڪجهه ٻڌايو ويو هو.

علي ڀٽو پنهنجي ملڪ جي علائقائي حيثيت جيڪا تڪليف ڏيندڙ فوجي ٽڪراءَ سبب ڀڳ پر شڪار ٿي هئي. بحال ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو. هن ۾ هڪ نئين سفارتي صورتحال کي قبول ڪرڻ جي سياسي جرات هئي. جنهن جو اظهار هن بنگلاديش تسليم ڪرڻ جي صورت ڪيو. ساڳئي سال هن ڀارت سان سفارتي تعلقات معمول تي آڻي ٻيهر ان سياسي جرات جو مظاهرو ڪيو.

صرف عقلمند ماڻهو ئي اهڙا بيمثال ڪارناما سرانجام ڏيڻ جي اهليت رکندا آهن. علي ڀٽو نپولين ۽ چارلس ڊيگال جهڙن عظيم اڳواڻن وانگر جن جي هو تعريف ڪندو هو. بين الاقوامي توازن جو عالمي تصور جو حامي هو. علي ڀٽو هڪ دوراانديش سفارت ڪار هو هن سوويت يونين سان تعلقات بگاڙڻ بغير چين سان دوستاڻا ناتا قائم ڪيا ۽ آمريڪا سان به ويجها لاڳاپا برقرار رکيا. اولهه يورپ ڏانهن به توجهه ڏنائين. هن دولت



www.bhutto.org

مشترڪ مان جدا ٿيڻ تي ڪا به هيڪ محسوس نه ڪئي اهڙيءَ طرح جنرل ڊيگال سان هڪجهڙائيءَ جو مظاهرو ڪيائين.

وڏين طاقتن وچ ۾ توازن قائم رکڻ جي خواهش ويجهن پاڙيسرين سان پروسي واري فضا ۾ تعلقات قائم ڪرڻ تاريخ جي ڦيرگهير تي نظر رکڻ ۽ ان تي اثر انداز ٿيڻ جي اهليت هجڻ هي سڀ عقلمنديءَ ۽ دوراندیشي جون نشانيون آهن جن جي ذات علي ڀٽو کي هئي. ملڪي سياست ۾ پاڻ اهڙي قسم جي دوراندیشيءَ جو ثبوت ڏنائين. هو دنيا ۾ هڪ نئون ملڪ پيدا ڪرڻ جو خواهشمند هو جنهن ۾ هن کي ڪاميابي نصيب ٿي ۽ ثابت ڪيائين هيءَ قوم زنده رهڻ جي صلاحيت رکي ٿي. ملڪ کي پائدار بنيادن تي بيهارڻ لاءِ هو ان حقيقت مان واقف هو ته ڪيس مذهبي سياسي ۽ معاشي حقيقتن سان ٺاهه ڪرڻو پوندو ان بعد دنيا جي ان حصي ۾ پيدا ٿيندڙ واقعن ثابت ڪيو ته سندس سوچ درست هئي. اسلام سان گهري محبت رکڻ وارن پاڪستاني ماڻهن جي هن ملڪ ۾ علي ڀٽو آئيني جمهوري حڪومت قائم ڪرڻ جو خواهش مند هو پر افسوس جو سندس راهه ۾ رنڊڪون وڌيون ويون.

بهرحال ان جا مکيه سڌارا اڄ به اسان جي ذهنن ۾ محفوظ آهن. هن فوجي طرز جي انصاف جو عملي طرح خاتمو آندو. سياسي قيدي آزاد ڪيائين هن گهٽ ۾ گهٽ پگهار جو سرشتو رائج ڪيو. طبي سهوليتون ڏياريائين. رٽائرمينٽ بعد مزورن لاءِ پينشن جو نظام بحال ڪرايائين هڙتال جو حق ميڙايائين.

پاڪستان جي هاڻوڪن واقعن مان سندس سوچ ظاهر ٿئي ٿي. علي ڀٽو پنهنجي پاليسين جو بنياد وقتي ڳالهين تي نه مستقل بنيادن تي رکيو هن جان ڏئي ڇڏي پر پنهنجي اصولن تان نه هٽيو. ذوالفقار علي ڀٽي جان ڏئي جيڪا ڪاميابي حاصل ڪئي سا سندس ڌيءَ بينظير جي ڪاميابي جي صورت ۾ ظاهر ٿي.

مان چاهيان ٿو علي ته ڀٽي جي خط جو آخري پروگرام اوهان کي ٻڌايان.

"مان زنده رهيس بلاشڪ وسيلن جي زير ورهاست متعلق انساني جدوجهد کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪنداسين. جيڪڏهن مري ويس ته هن دعا سان اوهان کي خداحافظ چوندس ته مان پنهنجي عوام کي



www.bhutto.org

غريبي ۽ لاچاريءَ جي چار مان ڪڍڻ جي اڻٿڪ جدوجهد ڇڏي ته وچان ان ڪم کي پوري ڪرڻ لاءِ چڱا ماڻهو اڳتي ايندا".

هڪ سزا مليل ۽ قاتل سڏيو وڃڻ ڪري مان پاڻ ۾ ايتري همت نٿو سمجهان ته اوهان کي پنهنجو دوست چئي مخاطب ٿيان. مهرباني ڪري پنهنجي معزز ۽ محترم گهر واريءَ کي منهنجا سلام ۽ پٽ کي مون طرفان پيا ڪندا".

شڪريه علي ڀٽو ته اوهان ڪيتري پياري هستي هئا ۽ توهان ڪهڙا ڪهڙا ڪارناما سرانجام ڏنا. هاڻي منهنجو وارو آهي ته اوهان کي خداحافظ چوان جيتوڻيڪ منهنجو اوهان تائين پهچڻ اوهان جي ڪال ڪوٺڙيءَ جي نسبت وڌيڪ مشڪل آهي. پر مان هيءَ ڳالهه دل سان چوان ٿو ۽ ڄاڻان ٿو ته هڪ ڏينهن ايندو جڏهن اوهان سان وري ملاقات ٿيندي.



www.bhutto.org

# بينظير ڀٽو ڏانهن آخري خط

ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي نوجوان ڌيءَ بينظير ڀٽو ڏانهن راولپنڊي جيل مان سندس سالگره جي ڏينهن 21- جنوري 1976ع تي محبت ۽ همدرديءَ جو خط لکيو. ان وقت بينظير پاڻ به قيد ۾ آهي ۽ پنهنجي پيءُ تڪليف جي ڪان چڱي ريت واقف آهي. هي پيغام هڪ جيل ڪان ٻئي جيل تائين هڪ زنجير ڪان ٻئي زنجير تائين دنيا جو هڪ عجيب رابطو آهي. لکي ٿو ته:

اوهان جي ڏاڏي مونکي فخر جي سياست سيکاري آهي ۽ اوهان جي ڏاڏيءَ مونکي غربت جو سبق ڏنو آهي مان ٻنهي جي ڳالهين تي عمل ڪندو آهيان. پياريءَ ڌيءُ مان توکي رڳو هڪڙو پيغام ٿو ڏيان، هي پيغام مستقبل جو پيغام آهي ته عوام تي ڀروسو ڪريو انهن جي ڇوٽڪاري ۽ مساوات لاءِ ڪم ڪريو. الله تعاليٰ جي جنت تنهنجي والده جي پيرن هيٺ ۽ سياست جي جنت عوام جي قدمن هيٺ آهي. وڏن ماڻهن لاءِ ته هي ننڍيون ڳالهيون آهن. پر مون جهڙن ننڍن ماڻهن لاءِ وڏيون ڳالهيون آهن. تون وڏي ٿي نٿي سگهين جيستائين تون زمين کي چمڻ لاءِ تيار نه آهين. يعنيٰ عاجزيءَ جو رويو اختيار نه ڪندينءَ، تون زمين جو دفاع نه ڪري سگهندينءَ. تيستائين زمين جي خوشبوءِ مان واقف نه هوندئين. مان پنهنجي زمين جي خوشبوءِ مان واقف آهيان. مان هن جيل جي ڪوٺڙيءَ مان توکي ڪهڙو تحفو ڏيان جڏهن ته مان رڳو پنهنجو هٿ به ٻاهر ڪڍي نٿو سگهان بس عوام جو هٿ ئي تحفي ۾ ٿو ڏيانءِ مان تنهنجي لاءِ ڪو به فنڪشن ڪري نٿو سگهان فقط توکي هڪ مشهور نالو ۽ مشهور يادگيرن جي تقريب جو تحفو ٿو ڏيان، تون دنيا جي سڀ کان قديم تهذيب جي وارث آهين. ان قديم تهذيب کي وڌيڪ ترقي يافته ۽ طاقتور بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪر. مون ٽن خاص قوتن جو 1977ع ۾ ذڪر ڪيو هو ۽ چيو هيم ته اهي ئي خوفناڪ قوتون سرگرم عمل آهن جيڪي ڪڏهن هڪٻئي سان وڙهن ٿيون ته ڪڏهن



www.bhutto.org

هڪ ٻئي سان تعاون ڪن ٿيون. اهي قوتون آهن مذهب ڪميونزم ۽ وطنيت. مون پنهنجي ملڪ جي ماڻهن کي چيو هو ته ڪنهن هڪ نظريه جي پاسداريءَ ۾ پاڻ ۾ وڙهڻ بدران انهن جي خاص خاص نقطن تي پاڻ ۾ مفاهمت پيدا ان تحمل ۽ بردباريءَ سبب ڪا به تلخي پيدا نه ٿيندي ۽ عالمي ۽ علائقائي امن به برقرار رهندو. سمجهداري انهي ۾ آهي ته پنهنجو نظريو ڪمزور به نه ٿئي ۽ ان سان وفاداري ۾ ڪا تبديلي به نه اچي، ان جو مطلب آهي ته "جيو ۽ جيئڻ ڏيو".

هڪڙو وقت هو جڏهن قائداعظم کي هندو مسلم اتحاد جو سفير چيو ويندو هو پر جڏهن هو هندن جي تنگ نظر ذهنيت جيڪا سياست ۽ اقتصاديات تي ٻڌل هُئي، مان واقف ٿيو تڏهن هن اقبال جي خواب جي تڪميل ڏانهن ڌيان ڏنو ۽ ان تي مضبوط ارادي سان قائم رهيو. پاڪستان جي مخالفت انڊين ڪانگريس طرفان قوم پرست مسلمانن ڪئي جن ۾ مودودي ۽ ان جي جماعت اسلامي شامل هئي. گانڌيءَ اعلان ڪيو ته هو ڀارت ماتا جي ورهاست لاءِ ڪڏهن به راضي نه ٿيندو. مسلمان جي گهڻائي وارن صوبن ۾ پاڪستان جي مخالفت پنجاب جي وڏي وزير خضر حيات خان ٽوانه بنگال ۾ مخالفت فضل الحق. سنڌ ۾ مخالفت الهه بخش سومري ڪئي. 1943ع ۾ ان جي قتل ٿيڻ بعد جي-ايم سيد ان جي پيروي ڪئي. سرحد ۾ سرحدي گانڌي عبدالغفار خان ۽ رياست جمون ۽ ڪشمير ۾ شيخ محمد عبدالله مخالفت ڪئي. انهن حالتن هوندي به مسلم عوام قائداعظم جو ساٿ ڏنو. هندن جي دشمني ۽ انگريزن جي منافقت مسلمانن جي جذبي کي وڌيڪ اڀاريو. نيٺ انهن هڪ جرائتمند ۽ باهمت ليڊر قائداعظم جي قيادت هيٺ فتح حاصل ڪئي. مان هڪ ناممڪن صورتحال کي بچائڻ لاءِ اقوام متحده ۾ حد درجي جي ڪوشش ڪري رهيو هوس تڏهن جنرل يحيٰ خان ٿيندڙ تباهيءَ جو جائزو ورتو ڪيس يقين ٿي ويو ته هاڻي ڪجھ به واپس ٿي نٿو سگهي، جيڪو بچيو آهي اهو به خطري ۾ آهي، ان ڪري هن هڪ خاص جهاز مونکي پاڪستان ڏانهن واپس گهرائڻ لاءِ موڪليو. 20 ڊسمبر 1971ع تي صبح جو سادي ڏهين وڳي مان جنرل يحيٰ خان وٽ پهتس، ڏٺم ته سندس اکيون ڳاڙهيون هيون، شراب جي بوتل سندس پر سان رکيل هئي. چيائين ته اسان هارايو آهي باقي بچيل پاڪستان جي چارج تون سنڀال صرف اوهان ئي آهيو جنهن ۾ باقي رهيل ملڪ کي بچائڻ جي صلاحيت



www.bhutto.org

آهي. اهڙي نازڪ وقت ۾ مون سوائين ٻارهين وڳي صدر پاڪستان جي حيثيت ۾ حلف کنيو.

جن سڀني مسئلن تي مون يڪدم ڌيان ڏنو انهن ۾ ملڪي آئين سرفهرست هو. صوبائي خودمختياري جهڙي ڇرڪائيندڙ مسئلي تي منهنجي ڪوشش سبب جمهوري اتفاق راءِ سان آئين منظور ٿي ويو. ان بعد مون سماجي ۽ اقتصادي سڌارا آندا. مون بنگلاديش جي مسئلي کي بنگلاديش کي تسليم ڪري حل ڪيو. ڀارت سان بنا ڪنهن ڳجهي شرط جي شملہ معاهدو ڪيو ۽ پنجاب ۽ سنڌ جي پنج هزار چورس ميلن جو علائقو واپس ورتو. 90 هزار جنگي قيدي باعزت طور بنا ڪنهن جنگي مقدمي جي واپس ورتا. لاهور ۾ اسلامي سربراهي ڪانفرس ڪرائي ۽ آمريڪا طرفان هٿيارن تي لڳل پابندي ختم ڪرائي. مون هٿياربند فوجن کي نئين طرح منظم ڪيو. مون کي سڀ کان وڌيڪ خوشي هن ڳالهہ جي آهي تہ ملڪ کي سڀني سياسي پارٽين طرفان مڃيل آئين ڏنو جيڪو جمهوري اسيمبليءَ يڪراءِ منظور ڪيو آهي.

فوجي ڊڪٽيٽرن ملڪ جي جمهوري ادارن کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي عوام سان جانورن جهڙو سلوڪ ڪيو آهي. پيشيور فوجي ڊڪٽيٽرن جي سوچ هڪ جهڙي ئي آهي، انهن جو چوڻ اهو ئي هوندو آهي تہ انهن مجبوراً ۽ عارضي طرح بيرڪن مان نڪري ملڪ کي گهرو ويڙهہ ۽ ڪيونزم جي خرابيءَ کان بچائڻ لاءِ حڪومت تي قبضو ڪيو آهي ۽ بدعنوان سياستدان جيڪا گڙٻڙ پيدا ڪئي آهي ان کي درست ڪرڻ، امن امان قائم ۽ ڪرڻ رشوت ختم ڪرڻ لاءِ انهن اهو قدم کنيو آهي. جيڪڏهن اوهان ايوب خان، يحيٰ خان ۽ ضياءِ الحق جي تقريرن جو مطالعو ڪندا تہ سڀني ۾ اها هڪ جهڙي ڳالهہ نظر ايندي اهي ايٽمي ري پروسيسنگ پلانٽ واري ناهہ ۾ ترميم ڪرڻ ٽامي جي ڪاٺين ۾ ٻاهرين ملڪن جي نائڊن کي تحفظ ڏيڻ۔ ناٽو يا سينٽو جهڙن معاهدن مان نہ نڪرڻ جي خاطري ڪرائڻ لاءِ ڪم ڪن ٿا ۽ جڏهن اقتدار کان الڳ ٿيندا آهن تہ پٺيان وڌيڪ بي قاعدگيون، رشوت خوري، ڪمزور اقتصاديات ۽ انتشار ڇڏي ويندا آهن. انهن جو خيال آهي تہ سياستدان مسئلن ۾ اجايو ڊيگهہ ٿا ڪن. فوجي سپاهي يڪدم ڪاميابي حاصل ڪري وٺندا آهن. ايوب خان يحيٰ خان ۽ هاڻي ضياءُ الحق ڪشمير جو مسئلو فوجي انداز ۾



www.bhutto.org

جلد حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر انهن مان هر هڪ ان مسئلي کي وڌيڪ ڏکيو بنائي ڇڏيو. مطلب ته انهن جي حماقتن عوام کي وڌيڪ مشڪلاتن ۽ تڪليفن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو. اهو نه سمجهو ته فوجين جيڪي مون سان ڪيو آهي. ان ڪري مان انهن جي خلاف آهيان پر مان تاريخ مان تمام گهڻو واقف آهيان. مون کي خبر آهي ته نپولين بوناپارٽ جهڙي محب وطن فرانس جي قومي هيرو انقلاب جي باني؏ سان ڇا ڪيو ويو. مصر ۾ جمال عبدالناصر فاروق جي بدعنوان حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو سندس ڪيترن ساٿين جي خواهش هئي ته فاروق کي قتل ڪيو وڃي پر ناصر انڪار ڪيو هن فاروق کي مصر مان نڪري وڃڻ جي اجازت ڏني. ان ڪري ناصر کي مهذب دنيا ۾ عزت سان ڏٺو ٿو وڃي. جڏهن شاه فاروق روانو ٿيو ته ناصر پنهنجي بادشاه کي سلام ڪيو. هڪ سني مسلمان جي حيثيت ۾ ناصر اسلامي روايتن جي پيروي ڪئي. مصر جي انقلاب کي ان ڪري نقصان نه پهتو جو هن انقلاب سان رحمدلي؏ جو مظاهرو ڪيو ويو. ترڪي؏ ۾ فوجين جو خيال هو ته ترڪي؏ جي مسئلن جو حل ادنان ميندريز کي ڦاسي ڏيڻ ۾ آهي. سيپٽمبر 1960ع ۾ ايوب خان مونکي ترڪي؏ موڪليو ته فوجين هٿان ميندريز کي ڦاسي ڏيڻ کان بچائڻ جي اپيل ڪريان. مون جنرل گرسل سان سندس پرڏيهي وزير جي موجودگي؏ ۾ ڊگهي ملاقات ڪئي. جنرل گرسل مونکي چيو ته ميندريز کي ڦاسي ڏيڻ سان سڀ مسئلا حل ٿي ويندا ۽ ماڻهو ٻن ٽن مهينن ۾ ميندريز کي وساري ڇڏيندا. مون جنرل گرسل کي چيو ته ميندريز ته ڦاسي؏ کان پوءِ لافاني ٿي ويندو پر ان واقعي جو گهرو داغ ترڪي؏ جي ڇهري تان ڪڏهن به نه ميساربو. ترڪي اڄ تائين ان ڏکوئيندڙ واقعي کان متاثر آهي ۽ ان نفسياتي صدمي کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري نه سگهيو آهي.

انهن وحشين جيڪي ڪجهه مون سان ۽ منهنجي دوستن سان ڪيو تنهن قومي مفادن کي سخت نقصان پهچايو آهي، مونکي ذاتي تڪليف پهتي آهي پر قومي جذبو ان تي غالب آهي. هي ماڻهو پاڪستان کي 1947ع واري دور ۾ واپس وٺي آيا آهن. ان وقت عوام ۾ جيڪو اتحاد ۽ اخوت جو جذبو هو. هاڻي اهو به نه رهيو آهي. هي اسان کي پوئين پيرين واپس وٺي آيا آهن. قومون يا ته ترقي ڪري اڳتي وڌنديون آهن يا وري نابود ٿي وينديون آهن.



www.bhutto.org

توهان هاڻي پنهنجي عمر جي موسم بهار ۾ آهيو پر ماحول جي اونداهي سرديءَ ۾ رهي رهيا آهيو. هر هنڌ مايوسيءَ ۽ بي اطميناني آهي. دنيا جي ڪن ملڪن ۾ انهي مايوسيءَ وارين حالتن جو تدارڪ ٿي سگهي ٿو هتي ته تدارڪ جو وقت گذري ويو آهي. انسانيت بدترين بحران ۾ مبتلا آهي مان اٽتر تباهيءَ ڪي ايندو ڏسي رهيو آهيان. توهان ان کان بچڻ لاءِ تياري ڪر. جيڪا سرمائيدار يا ڪميونسٽ بلاڪ ۾ڪهي مان ڪنهن به هڪ جي حمايت ڪرڻ سان نه بلڪ عوام سان رابطو ڪري انهن جي خواهشن ۽ گهرجن مطابق پاڻ ڪي بدل رکي ڪري سگهيو ٿي.

توکي آخر تائين انسان ذات جي عزت احترام ۽ مساوات لاءِ ڪوشش جاري رکڻ کپي. مسئلن جي صحيح سڃاڻپ سان ئي انهن جو حل لهندو. بي همتي ڪمزوريءَ جي نشاني آهي.

انهن شروعاتي دستاويزن مان جيڪي مون لکيا آهن ۽ تقريرن مان جيڪي وقت به وقت مان ڪندو رهيو آهيان. خاص طرح پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي قيام بعد تن مان به فائدو حاصل ڪندي رهه. اهي خيال ۽ نظريا اسلامي تاريخ جي روشنيءَ ۾ نين حالتن ۽ واقعن مطابق آهن. مونکي يقين آهي ته ماٺهو اچا تائين چاهن ٿا ته مان سياست جي اسٽيج تي هجان پر جيڪڏهن مجبوراً مونکي سياست جي اسٽيج کان جدا ٿيڻو پيو ته توهان مون کان وڌيڪ فصيح ۽ بليغ خطاب ڪري سگهيو ٿي. عوام سان توهانجو مڪمل تعلق هوندو توهانجي جدوجهد ۾ وڌيڪ طاقت ۽ جوش هوندو توهانجو هر قدم جُرائتمنداڻو هوندو. مون وٽ صرف اهو ئي تحفو آهي جيڪو مان توکي توهانجي سالگره تي ڏيان ٿو.

مان پنجاهه سالن جو ٿي ويو آهيان ۽ توهان منهنجي اڌ عمر جيتري آهيو. منهنجي عمر تائين پهچڻ وقت توکي عوام لاءِ منهنجي حاصل ڪيل ڪاميابين کان ٻيڻ تي ڪاميابي حاصل ڪرڻ گهرجي. مير غلام مرتضيٰ جيڪو منهنجو پٽ ۽ وارث آهي اهو هن وقت مون سان گڏ نه آهي ۽ نه وري شاهنواز ۽ صنم گڏ آهن. منهنجي ورثي جي حصي طور انهن کي به هن پيغام ۾ شريڪ ڪيو وڃي.

ذوالفقار علي ڀٽو
ڊسٽرڪٽ جيل- راولپنڊي
21- جون 1978ع



www.bhutto.org

# ذوالفقار علي ڀٽو شهيد جي زندگيءَ جي آخري رات

ڀٽي صاحب کي 3_4 اپريل جي وچ واري رات ڦاسي ڏني ويئي ان رات سينٽرل جيل راولپنڊي کي اهڙي طرح سيل ڪيو ويو هو جو ڪا به شي اندران ٻاهرا نه اچي سگهي نه ٻاهران اندر وڃي سگهي. ڀٽي صاحب کي رات جو 2 بجي مهل ڦاسي ڏني ويئي جيڪا جيل جي قانونن جي خلاف آهي. عام طرح موت جي سزا فجر مهل ڏني ويندي آهي پر جنرل ضياءَ ۽ سندس ٽولي جو خيال هو ته رات جي اونده ۾ ڦاسي ڏئي لاش لاڙڪائي پهچائي ڏينهن جي روشنائيءَ کان دفن ڪرائجي جيئن عوام کي خبر نه پئجي سگهي. هن خوف واري ماحول ۾ ڦاسيءَ کان اڳ ۽ پوءِ ڇا وهيو واپريو ان بابت پڪ سان ڪجهه به چئي نٿو سگهجي ڪيترن ماڻهن جو خيال آهي ته ڦاسيءَ کان اڳ ڀٽي تي سخت تشدد ڪيو ويو هو جنهن جي نتيجي ۾ پاڻ مري ويو. اهو سچ آهي يا ڪوڙ. ان بابت اهي ماڻهو ٻڌائي سگهندا جيڪي اتي موجود هئا خاص طرح مارشل لا انتظاميه طرفان مقرر ڪيل اسپيشل سيڪيورٽي سپرنٽنڊنٽ ڪرنل رفيع الدين جنهن لاءِ چيو ٿو وڃي ته ان هڪ دستاويز تي ڀٽي صاحب کان صحيح ڪرائڻ تي گهريو پر جناب ڀٽي صاحب انڪار ڪيو ڪرنل جي هر هر زور ڀرڻ تي ڀٽي صاحب انڪار تي قائم رهيو. ان تي ڪاوڙ ۾ اچي ڀٽي صاحب تي سخت تشدد ڪيائين جو سندس پاسريون به ڀڄي پيون ۽ پاڻ دم ڏنائين.

بهرحال ڀٽي صاحب جي حياتي جي آخري رات جي واقعن بابت اهي ماڻهو چڱيءَ طرح ٻڌائي سگهن ٿا. جيڪي ان وقت موجود هئا جهڙوڪ سپرنٽنڊنٽ جيل صوبه پنجاب چوڌري نذير اختر. جيل سپرنٽنڊنٽ چوڌري يار محمد. اسپيشل سيڪيورٽي سپرنٽنڊنٽ ڪرنل رفيع الدين جيل جو ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر علي اصغر شاه اسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ جيل مجيد قريشي مجسٽريٽ بشير احمد خان ۽ جلاد تارا مسيح وغيره ڀٽي صاحب



www.bhutto.org

جي ڦاسيءَ بعد جن جا مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ وقت به وقت انٽرويو شايع ٿيندا رهيا آهن. ڊاڪٽر اصغر علي شاهه ٻڌايو ته ڦاسيءَ واري رات هڪ بجي ڪاظم علي بلوچ ۽ مجيد قريشي مونکي اچي ٻڌايو ڀٽو صاحب ماٺ ڪيون سمهيو پيو آهي متان گذاري ويو هجي مان پريشان ٿي ويس پنهنجي دوائن واري بئگ کڻي تڪڙو تڪڙو ڀٽي صاحب جي ڪوٺڙيءَ ڏانهن آيس ڏٺم ته ماٺ ڪري سمهيو پيو هو پوءِ اسٽيٿواسڪوپ سيني تي لڳائي ڏٺم ته گهري ننڊ ۾ هو. ايتري ۾ سپرنٽنڊنٽ جيل ۽ ٻيا ملازم به آيا اُهي ڀٽي صاحب کي کونگهرا هڻندو ڏسي اطمينان سان واپسي ويا. موت جي تصور کان وڏا وڏا بهادر ۽ دلير ماڻهو به ڏڪندا آهن ته انهن جي ننڊ ڦٽي ويندي آهي هو سمهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن پر انهن کي موت جي خوف سبب ننڊ نه ايندي آهي پر هي اهو شخص هو جيڪو ڏسڻ ۾ ضعيف ۽ ڪمزور هئڻ باوجود موت کان هڪ ڪلاڪ اڳ آرام واري گهري ننڊ ۾ سمهيو پيو هو جڏهن ته بيگم نصرت ڀٽو ۽ مس بينظير ڀٽو به کيس ٻڌائي ويون هيون ته سڀاڻي آخري ملاقات آهي پوءِ اهڙي سڪون اطمينان سان سمهي پوڻ هڪ غير معمولي شخص هئڻ جو ثبوت آهي.

پوءِ سپرنٽنڊنٽ جيل ۽ ٻيا عملدار واپس هليا ويا. مجيد قريشيءَ جي ڊيوٽي لڳائي ويئي ته ڀٽي صاحب کي جاڳائي آخري رسمن لاءِ تيار ڪري ڊاڪٽر اصغر شاهه ٻڌايو ته جڏهن مجيد قريشي ڀٽي صاحب کي جاڳائڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو ته پوءِ مون کيس ٻانهن کان وٺي چڪيو ته پوءِ ننڊاکڙي حالت ۾ پڇيائين ته ڪير آهي مون چيو ته مان آهيان ڊاڪٽر اصغر مونکي ٻڌايو ويو هو ته اوهانجي طبيعت خراب آهي ڀٽي صاحب چيو ته مان بالڪل ٺيڪ آهيان مونکي آرام ڪرڻ ڏيو مجيد قريشيءَ چيو ته سرا اوهان جو آخري وقت ويجهو اچي ويو آهي اها ڳالهه ٻڌي ڀٽو صاحب اٿي ويٺو. مون چيو ته سرا قريشي سچ ٿو چوي هن مهل هڪ ٿي ويو آهي اوهان اٿي غسل ڪريو ٻي بجي اوهان کي ڦاسي ڏني ويندي. مجيد قريشيءَ چيو ته سرا گرم پاڻي موجود آهي. ڀٽي صاحب جواب ڏنو ته مان صاف پاڪ آهيان مونکي غسل ڪرڻ جي ضرورت نه آهي البته مونکي ڪانيءَ جي طلب آهي. ان دوران سيڪيورٽي ۽ فوج جي آفيسرن سميت جيل جا سڀ اعليٰ آفيسر اتي پهچي ويا. بشير احمد خان مئجسٽريٽ چيو ته سرا اوهان ڪا وصيت لکي هجي ڏيو ته مان ان تي تصديق ڪريان. ڀٽي صاحب مشڪي چيو ته "چا



www.bhutto.org

ڀٽي جي قلم سان لکيل وصيعت کي ڪنهن چوٿين آفيسر جي تصديق جي ضرورت آهي". سيڪيورٽي آفيسر چيو ته هاڻي وصيعت لکڻ جو وقت به گذري چڪو آهي. يار محمد بليڪ وارنٽ پڙهي ٻڌاءِ يار محمد بليڪ وارنٽ جي عبارت پڙهي ٻڌائي ۽ ڀٽي صاحب کان پڇيائين ته سرا اوهان اهو سڀ ٻڌو ڀٽي صاحب يار عمر جي ڳالهه کي اڻ ٻڌو ڪري مجيد قريشيءَ کي چيو ته مون اوهان کي ڪافيءَ لاءِ چيو هو. هڪ سيڪيورٽي آفيسر واچ ڏسي چيو ته "هاڻي شايد ان خواهش کي پوري ڪرڻ جو وقت به نه بچيو آهي".

ڀٽي صاحب چيو ته توهان سڀ جلاد آهيو مونکي ڦاسي ڏيڻ لاءِ آتا آهيو نه مونکي وصيت لکڻ ٿا ڏيو ته هڪ ڪپ ڪافي ٿا ڏيو جيڪو وٽي سو ڪيو مان تعاون نه ڪندس اهو چئي ڀٽو صاحب ٻيهر سمهي پيو. يار محمد چيو ته سرا اوهان لاءِ اسٽريچر گهرايون يا ڦاسي گهاٽ تائين پيدل هلڻ پسند ڪندا. ڀٽي صاحب اکيون ٻوٽي پاسو ورايو اهو ظاهر ڪيائين ته مونکي ڪنهن جي به ڪا پرواهه نه آهي. چوڌري نذير اختر ڀٽي صاحب کي چيو ته سرا اسان حڪم جا ٻندا آهيون اسان جي مجبورين جو خيال ڪريو ڀٽو صاحب اکيون ڀٽي اٿي ويٺو ۽ چيائين ته "اوهان اهو ته ڪري سگهو ٿا ته ٽيلي فون تي مونکي گهر واريءَ سان ڳالهرايو" چوڌري نذير اختر ڪرنل رفيع ڏانهن ڏٺو ۽ چيو ته چوڌري صاحب اوهان کي ته خبر آهي ته هينئر اسان وٽ ٽيلي فون جو رابطو ڪو نه آهي.

اسٽريچر گهرايو جلدي ڪريو. جيل جا سپاهي اسٽريچر کڻي آيا ۽ ڀٽي صاحب کي کڻي ان تي ويهاريائون هڪ ٻئي سپاهي کين هٿ ڪڙي لڳائي ڀٽو صاحب انهيءَ ڪوٺڙيءَ کي حسرت ڀرين نگاهن سان ڏسندو رهيو ممڪن آهي ڪيس اهي پيارا ياد ايندا هجن جيڪي ڪيس ملڻ لاءِ هن ڪوٺڙي تائين ايندا هئا جڏهن سپاهي اسٽريچر کڻي هلڻ لڳا تڏهن ڀٽي صاحب چيو ته مان پيادل ڦاسي گهاٽ ڏانهن هلندس پنڌ هلندي ڪيس هڪ ٿابو آيو. يار محمد چيو سرا بهتر آهي ته اسٽريچر تي ويهو ڦاسي گهاٽ ڪجهه پري آهي. جيل جي سپاهين اسٽريچر آڏو ڪيو ۽ پاڻ ان تي ويهي رهيا چئن سپاهين اهو کنيو ۽ سچو قافلو ڦاسي گهاٽ ڏانهن روانو ٿيو جن سپاهين اسٽريچر کنيو هو انهن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا انهن مان هڪ ته سڏڪا ڀري رهيو هو. ڀٽي صاحب ان کي چيو ته "تون ڇو ٿو روئين ڦاسي ته مونکي ڏني ويندي". جيل جو اهو سپاهيءَ پوءِ سڏڪا ڀري روئندو رهيو تان جو ڦاسي گهاٽ اچي ويو. مجيد قريشيءَ اسٽريچر تي ويٺل ڀٽي صاحب جي



www.bhutto.org

کن ۾ سرٻات ڪيو ته "سرا تاريخ توهان ڏانهن ڏسي رهي آهي". ڀٽي صاحب مجيد قريشي ڏانهن اک کڻي چيو ته "تاريخ اوهان سڀني ڏانهن به ڏسي رهي آهي" ۽ اُتي بيٺو انگريزيءَ ۾ ڪجهه چيائين ڪيترا آفيسر چون ٿا پنهنجي گهر واريءَ لاءِ چيائين ته اها اڪيلي ٿي ويئي آهي وري ڪن جو چوڻ آهي ته هن پنهنجي ملڪ لاءِ چيو ته ملڪ جو ليڊر ان کان کسيو ٿو وڃي. انهيءَ دوران هٿڪڙيون کولي هٿ پوئتان وارئي ٻيهر هٿ ڪڙيون هنيون ويون. ڀٽي صاحب کان پڇيو ويو ته ڦاسيءَ واري چبوتري تي پاڻيهي چڙهي سگهندا. پاڻ جواب ڏيڻ کانسواءِ چبوتري ڏانهن هلڻ لڳو ۽ وري پنهنجي منهن چوڻ لڳو ته مونکي تڪليف ٿي ٿئي سندس اشارو غالباً هٿ ڪڙين ڏانهن هو جڏهن هو چبوتري تي ڏاڪڻ تي چڙهيو ته ڪمزوري سبب جنگهون ڏکڻ لڳيون ڇاڪاڻ ته نه جڏهن کيس گرفتار ڪري ڪوٽ لکپت جيل ۾ آندو ويو هو ته ان وقت سندس وزن 180 پائونڊ هو. هينئر صرف 80 پائونڊ رهجي ويو هو. تارامسيح سندس منهن تي نقاب چاڙهي رهيو هو ته پاڻ ان کي منع ڪيائين ته اهو لاهه ان جي ڪا به ضرورت ڪا نه آهي مگر ان نقاب چاڙهي ڇڏيءَ ۾ رسي وجهي ڳنڍ ڏني. ڊاڪٽر اصغر علي شاهه چيو ته سرا متي ساهه کڻو اڃا ڦاسيءَ وارو ليور نه ڇڪيو ويو هو ته رڙ ڪري چيائين فنش اٽ. پر بي. بي. سيءَ تي ڦاسيءَ جي خبر نشر ڪندي ٻڌايو ويو هو ته ڀٽي صاحب جا آخري لفظ اهي هئا يا خدا منهنجي مدد ڪر..... مان بي گناهه آهيان ان وقت ٻه لڳي پنج منٽ ٿيا هئا. جيل جي سپرنٽنڊنٽ جي اشاري تي ليور ڇڪيو ويو ان سان گڏ پاڪستان جو وڏو ليڊر يارنهن فوٽ اونهي کڏي ۾ لڙهي رهيو هو. ڦاسيءَ کان پوءِ عام طرح لاش کي اڌ ڪلاڪ لڙڪائي رکبو آهي. هن ڦاسيءَ بعد ڪجهه آفيسر ايترا ته بي چين هئا جو ڪجهه منٽن بعد ڊاڪٽر کي ڦاسي گهاٽ موڪلي چيڪ ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيائون. ڊاڪٽر اصغر علي شاهه ڀٽي صاحب جي نبض ڏٺي ان وقت کيس محسوس ٿيو ڄڻ ڀٽو صاحب جيئرو هجي. هن ڀٽي صاحب جي روح کي پنهنجي اکين آڏو جسد خاڪي مان پرواز ٿيندي محسوس ڪيو. پوءِ اسٽيشن ڪوپ سان اڳوڻي وزيراعظم جي سيني جو معائنو ڪيائين ان وقت دل بيهي چڪي هئي. ڊاڪٽر اڳوڻي وزيراعظم جي موت جي تصديق لاءِ مختلف ڪاغذن تي صحيحون ڪيون. ميجسٽريٽ به انهن ڪاغذن تي تصديق ڪئي جيل سپرنٽنڊنٽ يار محمد به بليڪ وارنٽ تي لکيو ته ڏوهاريءَ کي ڦاسي تي لٽڪائي ماريو ويو آهي. هيٺيان



www.bhutto.org

پنهنجي صحيح ڪئي اهڙيءَ ڪاروائي ۾ ڏهه پندرنهن منٽ گذري ويا. اڌ ڪلاڪ بعد تارا مسيح ۽ سندس ساٿي ڀٽي صاحب جي لاش کي لاهڻ لاءِ ويا. لاش لاهي ڪڇيءَ مان رسي ڪڍي لاش اسٽريچر تي رکي ٻاهر آندو ويو ۽ غسل لاءِ تيو ويو. غسل جو انتظام اڳ ۾ ڪيو ويو هو. مولوي عمر حيات نالي هڪ شخص کي پوليس هڪ ڏينهن اڳ ۾ پڪڙي آئي هئي. مولوي صاحب نهايت عقيدت مان غسل ڏنو هو. سندس منهن نهايت معصوم ۽ پروقار هو ۽ لاش بلڪل هلڪو هو. وڏي ڏک جهڙي ڳالهه آهي ته پاڪستان جو هڪ بادشاهه اڳئين جهان وڃي رهيو هو پر جيل ۾ ڪو فاتح پڙهڻ وارو ڪو نه هو.

ٻئي ڏينهن جيل وارن مولوي صاحب کي 30 رپيا معاوضو ڏيڻ گهريو پر اهي ٻيا هن وٺڻ کان انڪار ڪيو. جيل وارن سمجهيو ته شايد گهٽ رقم هئڻ ڪري نه ٿو وٺي. پر مولوي صاحب چيو ته "ٻاڻرو مون جنهن شخص کي غسل ڏنو آهي اهو اسان جو بادشاهه رهي چڪو آهي. منهنجي لاءِ اها سعادت ئي ڪافي آهي ته مون پنهنجي بادشاهه جي ميت کي غسل ڏنو آهي". مولوي حيات جڏهن غسل ڏئي ڪفن پهرايو ته پوءِ ميت تي خوشبو ڇنڪارڻ وئي جيڪا قاسيءَ جي نگراني ڪندڙ فوجين آندي هئي. ڀٽي صاحب جي ميت کي تابوت ۾ رکي راولپنڊي سينٽرل جيل جي مين گيٽ بجاءِ پوئين ديوار پيجي ٻاهر آندو ويو. چاڪاڻ ته جيل جي گيٽ وٽ پيپلز پارٽي جا ڪارڪن گهيرو ڪري ويٺا هئا. ڀٽي صاحب جي ميت کي خاص جهاز ۾ اسلام آباد کان سکر آندو ويو. جهاز جي پائلٽ کي خبر ئي ڪا نه هئي ته ڪهڙي مشن تي وڃي رهيو آهي. جڏهن سيڪنڊ پائلٽ ڪيس ٻڌايو ته هو ڏاڍو غمگين ٿيو جهاز تي ڪنٽرول نه رکي سگهيو. هوش حواس تي قابو رکڻ لاءِ جهاز ڪجهه دير لاءِ سرگودا ايئرپورٽ تي لاٿو ويو. جهاز جي اسلام آباد مان روانگيءَ سان گڏ هڪ عظيم سياستدان ڪروڙين عوام جي محبوب اڳواڻ تي ترقي ۽ تنزل جي ڪهاڻي بظاهر ختم ٿي وئي پر ڀٽي صاحب جي عروج ۽ اقبال جو سفر اڃا باقي آهي. ڀٽي صاحب هڪ دفعو پنهنجي نوجوان ڌيءَ بينظير ڀٽو کي چيو هو ته "مان قبر ۾ سمهي به هن ملڪ تي حڪومت ڪندس" ۽ ڪيس وصيت ڪيائين ته پنهنجي پيءُ جي وڃايل ڪرسي حاصل ڪرڻ کان اڳ دهل شرنائين جي محفل نه سڄائيندي. سعادتمند ڌيءَ پيءُ جي هن حڪم کي دل ۽ جان سان قبول ڪيو.



www.bhutto.org

# موت جي ڪوٺڙيءَ جي ڊائري

ذوالفقار علي ڀٽو شهيد ڪي ڪوٽ لکپت جيل لاهور ۽ سينٽرل جيل راولپنڊي ۾ قيد وارن اڻ وڻندڙ حالتن ۾ ڪنهن بہ قسم جي سهولتن جي اڻهوند باوجود پنهنجا خيال نظريا ۽ احساس ۽ پاڻ سان پيش آيل واقعن کي ڪاغذ تي لکندو رهندو هو. اهي جيل جون لکيتون تاريخي دستاويز جي حيثيت رکن ٿيون. انهن مان بہ ڪتابي صورت شايع ٿي چڪيون آهن. 1ـ جيڪڏهن مونکي قتل ڪيو ويندو. 2ـ منهنجي سڀ کان پياري ڌيءَ. مشهور آهن انهن کان سواءِ بہ ڪاغذ جي ٽڪرن تي لکندو رهندو هو جيڪي جيل مان ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ٻاهر پهچندا هئا جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.

مان هڪ قوم تيار ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو آهيان. مان عوام جي خدمت لاءِ پيدا ٿيو آهيان. مان ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ رهڻ يا غدارن جي بدلي جي اڄ اُجهائڻ لاءِ ڦاسيءَ تي چڙهڻ لاءِ پيدا نہ ٿيو آهيان. مان هڪ ظالم ٽولي جي طرفان بي عزتي ۽ غير انساني ورتاءَ لاءِ پيدا ڪو نہ ٿيو آهيان مان عوام کي عزت ۽ مان ڏيڻ لاءِ پيدا ٿيو آهيان.

ڪنهن هڪ شخص کي اهو اختيار ناهي تہ هو مونکي پاڪستان جي سياسي زندگيءَ کان ڌار ڪري سگهي. سياست هڪ وڏندڙ ويجهندڙ معاشري کي رڻ پٽ ۾ تبديل ڪرڻ جو نالو نہ آهي. سياست زندگيءَ جو روح آهي ۽ اها منهنجو پنهنجي عوام سان لافاني عشق آهي.

مون وٽ سياست ۽ عوام هڪ لفظ جون بہ معنائون آهن. هي هڪ مڪمل ۽ ڪليو سچ آهي. تو ۽ تنهنجي حوارين کي اهو حق ناهي تہ منهنجي ملڪ جي پياري عوام جو روحاني ۽ لازوال تعلق ٽوڙي سگهو.

مان وطن جي گرد غبار ۽ خوشبين جو حصو آهيان. درياهہ پنهنجو رستو بدلائي سگهي ٿو. پر مان پنهنجو رستو مٽائي نٿو سگهان. هتان جي عوام جا ڳوڙها منهنجا ڳوڙها آهن. انهن جي حسين مکڙن جي مسڪراهٽ



www.bhutto.org

منهنجي مسڪراهٽ آهي ڇا اوهان جي دل اجا نہ ڀري آهي. يقينن اوهان جي بدلي جي باهہ ڪڏهن بہ نہ وسامندي اوهان جي زندگي ۾ بدلي جي باهہ واري بک ايتري قدر وڌي ويئي آهي جو سڀ ليڪا لنگهي ويئي آهي. مان توکي تنهنجو حلف وفاداري ياد نہ ڏياريندس جيڪو تو ملتان ۾ وزيراعليٰ پنجاب جي گهر تي ڪنيو هو ۽ نہ وري توکي مون سان وفادار رهڻ وارو اهو حلف ياد ڏياريندس جيڪو تو منهنجي طرفان چيف آف دي آرمي اسٽاف مقرر ٿيڻ کان اڳ مون سان وزيراعظم هائوس راولپنڊي منهنجي سامهون ڪنيو هو. اڄ جڏهن مان هن سوڙهي ۽ اونداهيءَ ڪوٺڙيءَ جي چوديواري ۾ بند ٿيو ويٺو آهيان تہ منهنجي ذهن تي زندگيءَ جو اهو سمورو عڪس پکڙجي ويو آهي. جيڪا مون پنهنجي عوام جي خدمت ۾ گذاري ۽ اهي نظارا منهنجي ذهن تي اُڀري رهيا آهن جيڪي تهوارن ۽ جشن جي صورت ۾ ملهايا ويا هئا. اهو شانہ وقت ياد ڪري رهيو آهيان جڏهن هن ننڍي کنڊ جو ورهاڱو ٿيو هو جڏهن نوجوان نسل بغاوت ڪئي جڏهن پاڪستان ۾ پارت وچ ۾ جنگيون ٿيون هيون.



www.bhutto.org

# جناب ذوالفقار علي ڀٽي شهيد جي
# تقريرن مان چونڊ حصا

مان لاالله محمد رسول الله پڙهي پاڙ ميدان ۾ نڪرندس. مان خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي چوان ٿو تہ مون تي ڀلي ڪيترا بہ ظلم ٿين پر آمريت جو هر قيمت تي مقابلو ڪندس.

21 سيپٽمبر 1968ع حيدرآباد ۾ ڪارڪنن کي خطاب

مون عوام جي خدمت ڪئي آهي ۽ اڳتي بہ انهن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي عوام جي خدمت ڪندو رهندس. اسين عوام کي سڀ حق ڏياري پوءِ آرام ڪنداسين ڪا بہ طاقت اسان جي ارادن کي بدلائي نٿي سگهي. مون لاءِ چيو ٿو وڃي تہ جذباتي آهيان پر مان جذباتي غير تمند آهيان.

25۔ جنوري 1968ع فيصل آباد ۾ عام جلسي کي خطاب

دنيا امير ۽ غريب قومن ۾ ورهائجي وئي آهي. غربت جي خاتمي لاءِ غريب قومن جي ڀڏي تمام ضروري آهي. عالمي طاقتون پاڪستان کي پنهنجي ماتحت رکڻ جي ڪوشش ۾ آهن. ڪيترائي مفاد پرست بہ پاڪستان کي نقصان پهچائي رهيا آهن. دشمن يا رت بہ ماٺ ڪري نہ وينو آهي اهو پاڪستان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ان کي ختم ڪرڻ جا مضبوط ٺاهي رهيو آهي. انهن منصوبن جي تڪميل کان اڳ ملڪ جي سجڻ ڏرين کي گهرجي تہ اج ئي ترقي يافتہ ۽ سائنٽيفڪ جدوجهد اختيار ڪري پاڪستان کي انهن دشمنن کان بچائن.

18 ۔ جنوري خانيوال بار ايسوسي ايشن کي خطاب

هڪ مسلمان جي حيثيت سان مونکي خدا تي پورو پورو يقين آهي. مان ان لاءِ تيار نہ آهيان تہ پنهنجي يقين تان ڦري وڃان.



www.bhutto.org

اوريانہ فلاشي (کي انٽرويو)

مان ملڪ ۽ قوم جو ليڊر آهيان. جيل ۽ موت کان نٽو ڊڄان مرندو مري ويندس پر رحم جي خيرات نہ گهرندس. مان پنهنجي عوام ۽ وطن لاءِ جدوجهد ڪندو رهندس. دنيا جي ڪا بہ طاقت مونکي هن راهہ تان هٽائي نٿي سگهي. پاڪستاني عوام جي جوشيلي محبت جي پيٺ ۾ هي مصيبتون منهنجي لاءِ راحت ڏيندڙ آهن. مون کي الله تعاليٰ تي ڀروسو آهي. مان نہ رعايتن جو طالب آهيان نہ سهولتن جو. جيستائين ملڪ ۾ عوامي حڪومت قائم نہ ٿيندي ملڪ ترقي ڪري نہ سگهندو مان حق تي آهيان ۽ مونکي الله تعاليٰ تي ڀروسو آهي. مون پاڻ کي عوام جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي. عوام چاهي تہ منهنجو محاسبو ڪري سگهي ٿو.

18- جنوري

مان چاهيان ٿو تہ عوام جا مسئلا حل ٿي وڃن. نوڪرشاهي ختم ٿي وڃي شاگرد، مزدور، هارين کي سندن حق ملي وڃن. ملڪ ۾ جمهوريت بحال ٿي.وڃي عوام کي سندس سڀ حق ملي وڃن ڪو بہ شخص سندن حقن تي غاصبانہ قبضو نہ ڪري.

اسان ملڪ ۾ اهڙو نظام رائج ڪرڻ گهرون ٿا. جنهن ۾ ڪنهن بہ شخص کي ناجائز ڪم ڪرڻ جي ضرورت نہ پوي اسان جمهوريت ۽ اقتصادي انصاف چاهيون ٿا.

21- جنوري 1968ع- ساهيوال

جڏهن اسان سوشلسٽ نظام جي حمايت ٿا ڪريون تہ ان جو اهو مطلب نہ آهي اسين مذهب کان انڪار ٿا ڪريون. هي ملڪ اسلام جي نالي تي وجود ۾ آيو آهي ۽ اسين اسلام خاطر وڏي ۾ وڏي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.

اسان جي عوام جو مذهب اسلام آهي ۽ اسلام هڪ اهڙو رشتو آهي جنهن ۾ مختلف علائقن جا ماڻهو پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. جمهوريت هڪ اهڙو سياسي نظام آهي، جيڪو قائداعظم هن ملڪ لاءِ منتخب ڪيو هو ۽ سوشلزم انهن اقتصادي براين جو علاج آهي. جيڪي پاڪستان جي بنياد



www.bhutto.org

کي ڪوٽي رهيون آهن. ان ڳالهه ۾ ڪا به سچائي ڪا نه آهي ته اسلام ۽ سوشلزم هڪ ٻئي جو ضد آهن. قائداعظم فرمايو هو ته "پاڪستان اسلامي ۽ سوشلسٽ نظام اختيار ڪريو".

14 فيبروري 1969ع لاڙڪاڻي ۾ خطاب

پيپلز پارٽي قائداعظم جي نظريه سوشلزم جي دعويدار آهي. اها ماڻهن کي يڪ راءِ ڪرڻ لاءِ ڳوٺ ڳوٺ ۽ گهر گهر ويندي عوام جي حاڪميت بحال ڪرڻ لاءِ هر قسم جي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ کان نه گهٻرائيندي

23 جنوري 1968ع

اسان کي هيءَ حقيقت ميڄڻ گهرجي ته اسان تاشقند ۾ مسئلي جو تڪڙو حل ڳولي نه سگهيا آهيون. اعلان تاشقند پاڻ ڪو حل نه آهي نه وري ڀارت سان اسان جي تعلقات ۾ تبديليءَ جي ضمانت ڏئي ٿو سگهي جو ته مسئلي ڪشمير جو مستقل ۽ پرامن حل وساري نٿو سگهجي. اسان جي شهيدن هن خريد ڪيل امن لاءِ پنهنجو رت نه وهايو هو. انهن جون قربانيون اجايون نه وينديون.ا سان پاڻ کي انهن جو اهل ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهنداسين.

15 جنوري 1968ع حيدرآباد

ننڍي کنڊ پاڪستان ۽ ڀارت کي چين مان ڪو به خطرو نه آهي. جيستائين عوامي جمهوريه چين جو تعلق آهي ته پاڪستان ان بابت ڀارت يا آمريڪا جي نظرين سان ڪڏهن به متفق ٿي نه ٿو سگهي. پاڪستان پنهنجي خارجه پاليسي پنهنجي قومي مفادن مطابق بنائڻ جي آزادي ۾ ڪنهن جي به مداخلت برداشت نه ڪندو.

عوام دلي طرح سان اسان سان گڏ آهي ۽ پاڪستان ڪانسواءِ سموري ايشيا، يورپ، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ماڻهن جون نگاهون پيپلز پارٽيءَ تي لڳل آهن جيڪا خاص عوامي پارٽي آهي. اها ڪنوينشن ليگ ۽ ريپبليڪن پارٽي وانگر مٽا ٽاٽيل نه آهي.



www.bhutto.org

نئين پارٽي تاهي هلائڻ سولو ڪم نہ آهي پر اسان عوام جي تعاون سان سيني ڏکيائين تي قابو پائي وٺنداسين چاڪاڻ تہ اصول نہ ٽوڙيا ويندا آهن تہ وري انهن کي ناڪامي نصيب ٿيندي آهي. اهو صحيح آهي تہ شروعات ۾ انقلابي تحريڪن هلائڻ وارن جو تعداد گهٽ هوندو آهي پر اهڙيون عوامي تحريڪون اڳتي هلي ضرور ڪامياب ٿينديون آهن.

30- نومبر 1967ع لاهور

بينڪي راڄ جو نظام لوڏن ۾ آهي. ايشيا ۽ آفريڪا جي عوام ۾ نئي قوت پيدا ٿي رهيو آهي. ايشيائي اڳواڻن آڏو بنيادي مسئلو سندن خود مختياري جو چيلينج آهي. جنهن ڏينهن مغربي ملڪن ايشيائي ملڪن کي مساوات ۽ برابري جي بنياد تي تسليم ڪري ورتو. ان ڏينهن دنيا ۾ امن جون گهرجون پوريون ٿينديون.

ويٽ نام جي جنگ افرو ايشيائي ملڪن جي جنگ آهي. پاڪستان جو عوام آزادي پسند تحريڪن ۽ آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙن سان گڏ آهي. ايشيا ۾ آزادي وارين تحريڪن مان ثابت ٿئي ٿو تہ اوير وارن ملڪن جي اولهہ وارن ملڪن تي بالادستيءَ واري ٻيڙي ٻڏي رهي آهي.

جيستائين ڀارت جمون ۽ ڪشمير ۾ پنهنجي جارحيت ختم نہ ڪندو تيستائين ساڻس تعاون ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

30- اپريل 1966ع انقره

منهنجي عظيم دوست سوئيڪارنو جو چوڻ آهي تہ "اڳتي وڌندا هلو پوئتي نہ ڏسو" آفريشيائي اتحاد لاءِ بن بيلا، ابوبڪر تفاوي، سوئيڪانو ۽ ٻين اڳواڻن جون قربانيون اجايون نہ وينديون. افريشيائي ملڪ غربت جي خاتمي ٻاهرين دخل اندازي کان ڇوٽڪاري ۽ انصاف حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ ضرور ڪامياب ٿيندا. ڪا بہ طاقت انهن جي فولادي ارادي کي لوڏي نہ سگهندي.

23- نومبر لاهور

اسان جي زندگيءَ ۽ وجود جو دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ پنهنجي پاڻ کي پاڪستاني ۽ فقط پاڪستاني سمجهون. جڏهن پارٽي حڪمرانن



www.bhutto.org

هي اعلان ڪيو هو تہ اهي لاهور تي قبضو ڪري وٺندا. تڏهن مون چيو هو تہ پارت ۾ ڪنهن ماءُ اهڙو پٽ نہ ڄڻيو آهي جيڪو لاهور طرف اکيون کڻي ڏسي سگهي. اسان کي همٿ ۽ مستقل مزاجيءَ جي ضرورت آهي اسين حق تي آهيون ۽ انشاءالله فتح ياب ٿينداسين.

## 18 ـ جولاءِ پشاور ۾ هارين جي ميڙ کي خطاب

اقتصادي تبديلن کانسواءِ ملڪي مسئلن جو حل ناممڪن آهي.

اسين جمهوريت تي يقين رکون ٿا ۽ جمهوريت ئي عوام جو بنيادي حق آهي.

اسلام ۽ پاڪستان جي سربلندي انهيءَ ۾ آهي تہ غريبن، مزدورن ۽ هارين کي خوشحال بنايو وڃي. "پيپلز پارٽي مزدورن، هارين، شاگردن ۽ سچاڻ ماڻهن جو اتحاد آهي".

"اسان کي خوددار قومن وارو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي نہ تہ وڏيون طاقتون اسان کي نابود ڪري ڇڏينديون". "ڪنهن ملڪ جي خارجہ پاليسي ان جي اندروني حالتن ۽ قومي گهرجن مطابق ترتيب ڏني ويندي آهي. خارجہ پاليسيون هميشہ اندروني حالتن تي اثر انداز ٿينديون آهن".

"افريشيائي عوام جو روشن مستقبل افريشيائي اتحاد جي بنيادن تي تعمير ٿيندو. افريشيائي قومن جو اتحاد هڪ تاريخي حقيقت آهي. جنهن کي دنيا جي وڏي ۾ وڏي سازش بہ ناڪام بنائي نٿي سگهي".

## الجزائر ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب

"پاڪستان جون موجوده حالتون ان ڳالهہ جي گهر ٿيون ڪن تہ هڪ ڏکو رستو اختيار ڪيو وڃي. اسان کي تجربي مان معلوم ٿيو آهي تہ جڏهن اهڙا مسئلا پيش اچن جن سان ملڪ ۽ قوم جي تقدير وابستہ هجي نئون رستو منزل تي نٿو پهچائي".

***



www.bhutto.org

# ذوالفقار علي ڀٽو:
# شخصيت، تاثر ۽ مشاهدا

ڪوثر نيازي

ذوالفقار علي ڀٽي جي شخصيت ۾ خدا تعاليٰ انتهائي ڪشش ۽ چڪ رکي هئي. هو اوپر توڙي اولهه جي انهن مدبر اڳواڻن مان هو جيڪي پنهنجي ملندڙن کي سڄي گفتگو متاثر ڪُن شخصيت ۽ ڏاهپ جي ڪري تمام تڪڙو پنهنجو ڪري وٺندا آهن. هو هر ملندڙ سان خوش اخلاقي ۽ گرمجوشيءَ سان لندو هو. هن ڪنهن به ملڻ واري کي اهو احساس ٿيڻ نه ڏنو ته هو پاڻ هن کان مٿانهون ۽ بلند رتبه آهي، هو معمولي کان معمولي ڪارڪن توڙي معمولي ماڻهوءَ سان به اهڙي طرح ملندو هو جو ڪنهن کي به پنهنجي گهٽ حيثيت جو احساس نه ٿيندو هو. پاڻ پنهنجي ساٿين جي ڏکن، تڪليفن کي محسوس ڪندو هو ۽ انهن ڏکن توڙي تڪليفن ۾ هر لحاظ کان پاڻ ثابت قدم رهيو.

سندس ڪيترائي خدمتگار هاري ۽ پارٽي وارا يا پرسان وارن ڳوٺن جا ماڻهو انهيءَ ڳالهه جو اعتراف ڪن ٿا ته انهن ڀٽي صاحب جي سهڪار سان پنهنجي اميدن جون جهوليون ڀريون. زرعي اصلاحن ڪانپوءِ سندس زمين گهٽجي وڃي پر پوءِ به پنجيتاليهه هزار ايڪڙ زمين ۽ انهن تي ڪم ڪندڙ هاري هزارن جي تعداد ۾ هئا، انهن مان ڪيترائي هزار هاري پوءِ پاڻ زمينن جا مالڪ بڻيا پر اهي هاري، انهن جا پٽ، ڏيٽرون اڄ به انهن گهڙين کي ياد ڪن ٿا، جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو انهن جي ڏکن ۽ خوشين ۾ شريڪ ٿيندو هو.

هن جا ذاتي خدمتگار جهڙي طرح هن جي ذاتي مهربانين ۽ عنايتن کي ياد ڪن ٿا، شايد ئي ڪنهن سياسي اڳواڻ يا ليڊر جا نوڪر چاڪر ائين پنهنجي مالڪ کي ياد ڪندا هجن، هن جا ڪيترائي خدمتگار هئا



www.bhutto.org

جن جي نياڻين جو ڏيج ڀٽو صاحب جي مدد سان خريد ڪيو ويو. هن جا ڪافي ملازم اهڙا هئا جن جي زالن کي آخري عمر تائين بيوهه الائونس ملندو رهيو.

هن ملڪ ۾ سياسي اڳواڻن ۾ اڪيلو ذوالفقار علي ڀٽو ئي هو جنهن جي شخصيت کان متاثر ٿيندڙ فرد هن جي حڪم تي ۽ هن جي خاطر موت کي به کل خوشيءَ سان ڀليڪار ڪرڻ لاءِ تيار هئا. هن جي مخالفن سندس خلاف هلندڙ تحريڪ جي ڏينهن ۾ اڪثر ڪري انهن مٿان اهو الزام هنيو آهي ته هو هڪ وڏو جاگيردار هو ۽ سوشلزم جي ڳالهه پيو ڪري، انهن کي شايد اها خبر ناهي ته اهو جناب ڀٽو ئي هو جنهن ايوبي دور ۾ زرعي اصلاحن جو منصوبو جوڙيو ۽ انهيءَ منصوبي کي عملي جامو پارائڻ وقت اٺيتهه هزار ايڪڙ زمين هن پاڻ حڪومت جي حوالي ڪئي ته جيئن هارين ۾ ورهائي وڃي. ذوالفقار علي ڀٽو جي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو هارين لاءِ قربانيءَ جو مثال هيءَ آهي ته هو جيڪو ڪڏهن چاليهه هزار ايڪڙ جو مالڪ هو انهيءَ وٽ ذاتي طور وڃي ڏيڍ سئو ايڪڙ زمين بچي.

اها ڳالهه به شايد ڪنهن کي خبر نه هجي ته ڀٽي صاحب وٽ جڏهن گهٽي زمين هئي ته ان مان ملندڙ پيداوار مان هو پنهنجي هارين کي اڌ ر اڌ حصو ڏيندو هو ڪوبه اهڙو هاري نه ملندو هو جنهن سان ڪا ذري جي زيادتي ٿي هجي يا هو ڀٽي صاحب جي ڪري ڪنهن مصيبت جو شڪار ٿيو هجي.

پاڪستان جي وڏن وڏن زميندارن جي 28 سالن جي زندگي هن ملڪ جي استحصالي تاريخ جو هڪ ڏکائيندڙ باب آهي. هنن پنهنجي زمين کيڙيندڙن سان جيڪي ظلم ڪيا اهي اسان جي 28 ساله تاريخ جو اونداهو دور آهن. تمام ٿورا اهڙا وڏا جاگيردار يا زميندار هئا جن پنهنجي هارين کي پنهنجي ساٿي يا مددگار وارو درجو ڏنو هجي پر ذوالفقار علي ڀٽو هميشه پنهنجي هارين کي پنهنجو مددگار ساٿي ۽ ڪامريڊ سمجهيو. اها وصف هن ۾ تڏهن کان نه آئي هئي جڏهن کان هن پيپلز پارٽيءَ جو بنياد رکيو هو پر 1952ع ۾ جڏهن کان هو وطن واپس آيو هو ۽ اباڻين زمينن جو هن انتظام سنڀاليو هو تڏهن کان ئي هن هارين سان دوستيءَ جي شروعات ڪئي هئي.

ان ڳالهه ۾ وڌاءُ ناهي ته ذوالفقار علي ڀٽي کي هارين، غريبن ۽ خدمتگارن سان لڳاءُ ننڍپڻ کان ئي هو. پيلومودي جيڪو سندس ننڍپڻ جو دوست هو ساڻس تمام ويجهو رهي چڪو هو هن مختصر سوانح ۾ اهو


www.bhutto.org

اعتراف ڪيو آهي ته برڪلي ۾ پڙهڻ دؤران هڪ پيرو جناب ڀٽي هن کي چيو هو ته هن کي سوشلزم سان چاهه... ٿيو آهي جو هن سوشلزم تي ڪجهه پروفيسرن جا ليڪچر ٻڌا هئا ۽ تحريرون پڙهيون هيون ته جناب ڀٽو انهيءَ ڳالهه جو انڪار ڪندي چيو هو ته نه سوشلزم سبب هو سنڌي هارين ۽ آبادگارن کي ويجهو ٿيو آهي ۽ هن ننڍپڻ ۾ هارين ۽ آبادگارن جا جيڪي ڏک ۽ تڪليفون اکين سان ڏٺيون هيون اهي ڏک هن کي سوشلزم ڏانهن وٺي ويا آهن ۽ اهي ئي سبب هئا جيڪي پهرئين ايوبي دؤر جي زرعي اصلاحن ۽ پوءِ عوامي حڪومت جي زرعي ۽ سماجي انقلاب جو سبب بنيا هئا.

جن ماڻهن هن کي 1971ع کان اڳ جي ڏينهن ۾ لاڙڪاڻي جي تيام دؤران پنهنجي هارين جا معاملا پسيندي ذاتي ڪچهرين ۾ ڏٺو هوندو اهي سموري دنيا جي آڏو ساک ڏيندا ته جناب ڀٽو انهن سان ائين حال احوال ڪندو هو ڄڻ انهن جي برابر جو ساٿي هجي.

رڳو هارين ۽ آبادگارن هن جي شفقت مان گهٽو فائدو نه ورتو هو پر سندس ساٿين ۽ رفيقن ۽ دوستن توڙي پارٽي ڪارڪنن به ڀٽي صاحب جي مهربانين ۽ قرب مان پورو پورو حصو حاصل ڪيو آهي.

اهو ڀٽي صاحب جو اخلاق ئي هو جو پيپلز پارٽي جي غير معمولي شروعاتي مقبوليت ۽ هردلعزيزيءَ جو سبب بڻيا. جڏهن پاڻ حيدرآباد جي هڪ گهر ۾ پيپلز پارٽيءَ جي پيڙهه جو پهريون پٿر رکيو ان وقت ڪجهه صحافي سندس چوڌاري ضرور ويٺا هئا پر همدرد ۽ ساٿي صرف هڪ هو پر جڏهن 30 نومبر 1967ع تي هن لاهور ۾ پارٽيءَ جو پهريون ڪنوينشن گهرايو ته انهيءَ جي حاضري ڇهه سئو ماڻهن کان به مٿي هئي ۽ ايترو تعداد ڪجهه مهينن ۾ ئي هن جي چوڌاري گڏ ٿيو هو اهي ماڻهو سندس ويجهو اسلامي ۽ سماجي ڀلائي واري منصوبي هيٺ آيا هئا پر ڀٽي صاحب جو بهتر اخلاق ئي ان جو وڏو سبب هو جيڪڏهن هو حد درجي جو خليق، ملنسار ۽ خوش مزاج نه هجي ها ته سندس ڪاميابيءَ جا درجا ايترو تيزيءَ سان بلند نه ٿين ها.

عالمي تحريڪن جي تاريخ کان واقف ماڻهن انهيءَ ڳالهه کي چڱي طرح ڄاڻندا هوندا ته دنيا ۾ جيڪي به عالمي تحريڪون تڪڙو پڪڙيون آهن. انهيءَ جو سبب انهن جي بانين جو حُسن اخلاق آهي. ڪوڙ تنگ مزاج، چيڙاڪ ماڻهو ڀلي ڪٽي ڪيڏو به ڏاهو هوشيار ۽ چالاڪ هجي پر انهيءَ جو فڪر عالمي تحريڪ ناهي بنجي سگهيو انهيءَ حساب سان ڀٽو



www.bhutto.org

صاحب 1970ع تائين جيڪا ڪاميابي ڏني، جيڪو ماڻهن جو سيلاب سندس ڏانهن متوجهه ٿيو ان جو سبب ڀٽو صاحب جو ذاتي اخلاق هو.

هتي جيڪو ڪروڙين ماڻهو 1970ع جي عام چونڊن ۾ سندس پارٽي جي حق ۾ ووٽ وڌا اهو انهن جو عوام سان لڳاءُ، شفقت ۽ ماڻهن جي ڀلائي بهتري جو خيال هو. جنهن عوام ۾ وڃي عملي صورتحال مان نه رڳو ايترو ته ڀٽو صاحب ننهن کان چوٽيءَ تائين سراپا خُلق هو ۽ وٽس رڳو شفقت ئي شفقت هئي پر هن پنهنجي دوستن ۽ ساٿين جي تربيت اهڙي طرح ڪئي، جيئن هڪ مشفق استاد ۽ فرض شناس پيءُ پنهنجي محبوب شاگرد يا اولاد جي ڪندو آهي.

مون کي ياد آهي ته پيپلز پارٽيءَ جو پهريون ڪنوينشن جڏهن لاهور ۾ ٿيو هو ته ڪجهه اخبارن انهيءَ تي تبصرا ڪندي لکيو هو ته ڀٽي صاحب جي چوڌاري جيترا به ماڻهو گڏ ٿيا آهن، اُهي سڀ سيڪڙاٽ سياستدان ۽ اڻ تجربيڪار آهن. اها تمام ٿورن ماڻهن کي خبر آهي ته جناب ڀٽو پنهنجي ساٿين جي تربيت ڪرڻ وقت انهن کي پڙهايو به انهن کي مطالعي لاءِ سٺا ۽ عمدا ڪتاب مهيا ڪري ڏنا ۽ انهن سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ سياسي مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، انهن کي هڪ مضبوط ٽيم جوڙڻ لاءِ هڪ هڪ فرد سان اهڙي ئي محنت ڪيائين. جهڙي هڪ فرض شناس ڪيپٽن پنهنجي ٽيم ۾ شامل رانديگر تي فردن فردن ڪندو آهي. جناب ڀٽو نه رڳو پنهنجي ساٿين جي تربيت ڪئي پر انهن جي حوصلا افزائي به ڪئي. هن ساٿين کي برابر پاڻ سان گڏ اڳتي وڌايو ۽ جيڪا شهرت پاڻ حاصل ڪيائين ۽ جيڪو مقام پاڻ حاصل ڪيائين پنهنجي ساٿين کي به انهيءَ ۾ حصيدار بنايائين.

ساٿين ۽ دوستن جي باري ۾ هڪ حد درجي جو فراخ دل هو. دوستن جي وڏي کان وڏي غلطي اهڙي طرح معاف ڪري ڇڏيندو هو جيئن مهربان پيءُ يا شفيق استاد پنهنجي پٽ يا شاگرد جي غلطي معاف ڪري ڇڏيندا آهن. هو ساٿين کي اهو محسوس ئي ٿيڻ نه ڏيندو هو ته پاڻ انهن کان ناراض آهي.

باوجود ان جي جو هو دوستن جي هڪ هڪ ڳالهه تي نگاهه رکندو هو ۽ انهن کان جيڪڏهن ڪا ڪوتاهي ٿي ويندي هئي انهيءَ جو نوٽيس ضرور وٺندو هو پر ان لاءِ نه ته هو ساٿين کي ڪا سزا ڏئي پر ان لاءِ ته جيئن انهن جي اصلاح ٿي سگهي.



www.bhutto.org

۽ اهو ئي سبب آهي جو پوءِ هن جا ساٿي ايترا سلجهي ويا جو ڪافي جاين تي هو پاڻ کي ٻين کان بهتر ڏسندا هئا.

حقيقت ذوالفقار علي ڀٽو جي تربيت ۾ هن جي والد صاحب جو وڏو هٿ هو هن جو والد به انتهائي خوش خلق ۽ ملڻو جلڻو ماڻهو هو هو به پنهنجن ملندڙن سان ڏاڍو ادب آداب سان ملندا هئا.

جناب ڀٽي جو پنهنجو بيان آهي ته هن کي ڪا گهڙي به اهڙي ياد ناهي جڏهن هو انهيءَ وٽ ويو هجي ۽ پل ڪٽي هن وٽ کهڙا به ۽ ڪيترا به مهمان هجن پر ساڻس اٿي بيهي نه مليو هجي.

جناب ڀٽو پنهنجي والد گرامي کي رڳو پيءُ نه سمجهندو هو پر هڪ مشفق استاد به سمجهندو هو جڏهن پنهنجي والد جو ذڪر ڪندو هو ته عقيدت جي جذبي سبب سندس اکيون آليون ٿي وينديون هيون.

جيتوڻيڪ هن جي والد جي وفات کي ڪافي عرصو گذري ويو هو پر پوءِ به پنهنجي حڪومتي دور جو ڪهڙو ڏينهن يا رات هئي جڏهن جناب ڀٽي پنهنجي والد کي ياد نه ڪيو هجي. پنهنجي والد جي زندگيءَ ۾ هو ساڻس عشق جي حد تائين پيار ڪندو هو. پيلومودي پنهنجي ڪتاب ۾ جناب ڀٽي جي پنهنجي والد سان محبت جا ڪجهه مثال سکيا آهن.

مثال طور هن لکيو آهي ته جڏهن هو بيريسٽر بڻجڻ کانپوءِ سائوٿ اليمپٽن جي انٽرنيشنل لا يونيورسٽي ۾ ليڪچرار هو ۽ اهو هڪ وڏو اعزاز هو پر هن اهو اعزاز رڳو انهيءَ ڪري ڇڏي ڏنو ته هن وٽ لاڙڪاڻي مان خبر آئي هئي ته هن جو والد بيمار آهي، هو بيماري جي خبر ٻڌندي ئي وطن واپس موٽي آيو ۽ پيءُ وٽان اوستائين نه هٽيو جيستائين هن جي حالت بهتر نه ٿي ويئي.

ٻيو مثال هي آهي ته پاڻ ون يونٽ جي سخت خلاف هو ۽ تحريڪ ۾ ڀرپور حصو وٺي رهيو هو ته جڏهن حڪومت سندس والد سان رابطو ڪيو ۽ کيس پنهنجي والد کان حڪم مليو ته ون يونٽ مخالف تحريڪ ۾ حصو نه وٺو ته هن پيءُ جي حڪم تي سر جُهڪائي ڇڏيو ۽ پيءُ جي حڪم کي قبول ڪيائين.

پيءُ سان گڏوگڏ هن کي پنهنجي والده ماجده سان به بي انتها پيار هو پنهنجي ماءُ سان هن جو دلي لڳاءُ اهو هو جو روزانو رات جو سمهڻ کان اڳ جيستائين پنهنجي والده جي تصوير نه ڏسندو هو کيس ننڊ نه ايندي هئي، هو ڏک ۽ تڪليف ۾ والده کي ڏاڍو ياد ڪندو هو.



www.bhutto.org

هن جي والده به پيءُ جيان ڏاڍي مذهبي خاتون هئي، جيئن پيلومودي لکيو آهي ته: "سر شاهنواز ڀٽو جن ڏينهن ۾ ممبئي ۾ ترسيل هو انهن جو گهراڻو پڪو مذهبي گهراڻو هو ۽ اهو ماحول انهيءَ ڪري هو جو سر شاهنواز ٽڙي سنڌس بيگم صاحبه مذهبي پابندي سان ادا ڪندا هئا."

هوءَ قرآن پاڪ جي تلاوت ڪندي هئي ۽ سادگي طريقي سان اکين ۽ چپن سان انهيءَ مقدس صفحي کي چمندي هئي، جيئن هاڻ ڀٽو صاحب قرآن پاڪ جو نذرانو ملڻ وقت ڪندو آهي، اها ڳالهه هن پنهنجي ماءُ کان سکي هئي، پنهنجي ماءُ کان هن ٻارن سان محبت، انهن جي خواهشن جو احترام ۽ انهن جي سٺي تربيت جو سليقو ورثي ۾ حاصل ڪيو هو سنڌس والده به اهڙي طرح ٻارن سان محبت ڪندي هئي ۽ خواهشن جو خيال رکندڙ هئي جيئن جناب ڀٽو رکندو هو.

حضورپاڪ ﷺ جن جي هڪ حديث مبارڪ آهي ته: "توهان مان سڀ کان بهتر اهو آهي جيڪو پنهنجي گهر وارن يعني زال ۽ ٻارن سان سٺو سلوڪ ڪري" (بخاري شريف)

يعني انهن جي ضرورتن جو خيال رکي، انهن کي سٺي تعليم ۽ تربيت ڏئي، انهن کي عزت، مزي ۽ وقار سان رهڻ جي قابل بنائي پوءِ هڪ سٺي شهري جي حيثيت سان سماج جي حوالي ڪري ٿو.

جناب ڀٽو به پنهنجي اولاد جي خواهشن جو احترام ڪندو هو پاڻ تمام گهڻو شفيق پيءُ هو مون هن کي پنهنجي ٻارن سان ٻارن جيان راند ڪندي ڏٺو آهي ۽ هو انهن کي کلائيندو رهندو هو جڏهن به هو ٻاهر ويندو هو ته ٻارن سان روزانو فون تي ڳالهائيندو هو ۽ انهن جون فرمائشون ۽ حال احوال پڇندو هو. هن پٽن کي توڙي ڌيئرن کي تمام سٺي تعليم ڏياري، هن جا ٻار باوجود ان جي جو هڪ عظيم پيءُ جا ٻار آهن پر انهيءَ جي باوجود تمام گهڻا ملنسار ۽ مهذب آهن. اهي پنهنجي پيءُ جي ساٿين جي به چڱي طرح عزت ڪندا آهن ۽ پنهنجن بين ملڻ وارن سان به پوري اخلاق سان ملندا آهن ۽ وقت پوڻ تي هڪ جانباز سپاهيءَ جيان پنهنجو فرض انجام ڏيندا آهن ۽ سنڌس بيگم صاحبه ته هن جي سچي حياتيءَ جي ساٿياڻي آهي. هن پارٽيءَ جي جدوجهد جي زماني ۾ به ۽ ان دؤر ۾ به جڏهن جناب ڀٽو آمريت جي عذاب هيٺ هو هڪ بهترين رفيقهء حيات هجڻ جو ثبوت ڏنو.

جناب ڀٽي جو مطالعو تمام گهڻو وسيع هو هن کي سٺن ڪتابن سان عشق هو اخلاقيات، فلسفو، تاريخ ۽ سائنسي علمن سان هن کي خاص



www.bhutto.org

دلچسپي هئي، هونئن ته هن عالمي تاريخ ۽ جنرل ناليج ۽ مذهبي حوالي سان به تمام گهڻا ڪتاب پڙهيا هئا. سوشلزم ۽ ڪميونزم جو به ڳوڙهو مطالعو ڪيو هو ان ڪانسواءِ وڏين وڏين شخصيتن جون سوانح حيات به دلچسپي سان پڙهيون هيون.

ڀٽي صاحب جي ذاتي لائبريري به هڪ سٺي لائبريري آهي، پاڪستان ۾ تمام ٿورا اهڙا ماڻهو هوندا جن جون ذاتي لائبريريون جناب ڀٽي جهڙيون هجن.

جناب ڀٽو جي انهيءَ ذاتي لائبريري ۾ تمام گهڻو مواد مذهبي آهي. قرآن پاڪ جا ته ڪيترائي ناياب نسخا وٽس موجود آهن جن ۾ مختلف ٻولين جا ترجما پڻ شامل آهن.

اهو تمام ٿورا ماڻهو ڄاڻندا هوندا ته جناب ڀٽو کي مذهب سان خاص لڳاءُ هو. هو هڪ پڪو عقيدا رکندڙ مسلمان هو عقيدن جي اها پختگي سندس رت ۾ شامل هئي، هن اسلام جي خوبين، خاصيتن ۽ اقتصادي نظام جو چڱي طرح مطالعو ڪيو هو. هُو پختو عقيدو رکندڙ مسلمان هئڻ سان هئڻ سان گڏ عصبيت جي حد تائين ايشيائي به هو. جن ماڻهن ايشيائي ۽ افرو ايشيائي ڪانفرنسن ۾ هن جا خطبا ٻڌا هوندا يا جن اقوام متحده جي پليٽ فارم تي ٿيندڙ سندس تقريرون ٻڌيون آهن. اهي هن ڳالهه تي اتفاق ڪندا ته هن کي ايشيا ۽ آفريڪا جي سمورن ڏکن ۽ تڪليفن جو شديد احساس هو ۽ سندس زندگي انهن احساسن جي چؤگرد ڦرندڙ هئي. هن جو خواب هو ته ايشيائي افريقي ملڪ جو ايترو مٿانهان تي وڃڻ جيترو اولهه جا ملڪ آهن. ايشيا ۽ افريڪا جا رهواسي به ايترو خوشحال ٿين جيترو اولهه جو عوام آهي. منهنجي خيال ۾ ته ڀٽو صاحب به جداين لاءِ سوڪارت ۽ صدر ناصر جهڙن عالمي ليڊرن جهڙي عظيم شخصيت آهي.

جناب ڀٽو پاڻ کان اڳ جي ايشيائي ليڊرن جي عملي جدوجهد کي ذري پرذي جانچي ڏٺو ۽ پاڻ عملي سياست ۾ انهن کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪي غلطيون هن جا پيشرو اڳواڻ ڪري ويا هئا.

هي ڳالهه قلم جي زبان تي آڻڻ جي ناهي ته هن ملڪ جا اڪثر ماڻهو ڄاڻن ٿا ته مون کي تقرير ۽ خطابت جي فن سان ڪيترو شوق آهي ۽ مان خطابت جي فن جا اصول ۽ ضابطا ڪيتري قدر ڄاڻان ٿو ۽ عملي طور تي انهن کي استعمال ۾ به آڻيندو آهيان. يقين ڄاڻجو ته مون جڏهن پهريون پيرو جناب ڀٽو کي ڳالهائيندي ٻڌو ته ان کان بيحد متاثر ٿيس ۽ منهنجي دل



www.bhutto.org

چاهي پئي ته جتي به ڀٽو صاحب تقرير لاءِ وڃي مان هن سان گڏ هجان. هو ڳالهائيندو رهي ۽ مان ٻڌندو رهان. هن ۾ بي پناهه خطاب جي صلاحيت هئي، خاص طور تي پاڻ انگريزي زبان جو تمام وڏو خطيب هو خود اهل زبان به هن جي فصاحت ۽ بلاغت کي مڃيندا هئا.

اها هڪ اٽل حقيقت آهي ته ڀٽو صاحب اقوام متحده جي جنرل اسيمبلي سلامتي ڪائونسل ۽ ٻين عالمي فورمن تي جيڪي بحث مباحثا ڪيا يا تقريرون ڪيون سي اڄ به خطابت جي تاريخ جو اهم حصو آهن. يقينن هن جون اردو زبان ۾ ڪيل تقريرون ان عالمي معيار جون ناهن ۽ هن کي اردو زبان تي ايتري قدرت به حاصل نه هئي، اهوئي سبب هو جو هتان جي اڪثر سياستدانن جو خيال هو ته ڀٽو صاحب عوامي مهم دؤران ناڪام ٿي ويندو پر هن لکن ماڻهن جي ميڙاڪي کي ڪيترائي ڪلاڪ مسلسل خطاب ڪري هڪ نئين تاريخ مرتب ڪئي جنهن جو هندوستان توڙي پاڪستان ۾ ملڻ مشڪل آهي.

لاهور جي ناصر باغ ۽ مينار پاڪستان سان لڳاپيل باغ ۾ لاهور ۽ آس پاس جا جيڪي ماڻهو گڏ ٿيا هئا، انهن جو مثال لاهور جي تاريخ ۾ ڪڏهن به نٿو ملي. پاڻ عوام جي نفسيات جو وڏو ڄاڻو هو ۽ جڏهن به جتي به ڳالهايائين عوام جي دل جون ڌڙڪنون تيز ٿي ونديون هيون ۽ رڳن ۾ رت جو دؤرو تيز ٿي ويندو هو.

هو هڪ ئي وقت عوام کي کلائيندو به هو ته جوش به ڏياريندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن روئاري به وجهندو هو. اها عوام جي هن سان بي پناهه محبت هئي يا شايد هن جي زبان ۾ ڪو جادو هو.

هن جيڪي به مثالي تقريرون ڪيون، عام طور هو انهن کي اڳواٽ تيار ڪندو هو. هو اڪيلائپ ۾ اڳواٽ انهن جي مشق به ڪري وٺندو هو پر هن جون ڪوڙ يادگار تقريرون اهڙيون به آهن جيڪي هن في البديهه موقعي تي ڪيون ۽ انهن ۾ ماڻهن کي غير معمولي طور متاثر ڪيو.

تاريخي حيثيت جي جلسن ۾ تقرير کان اڳ پاڻ خاص طور تي اهتمام سان تياري ڪندو هو. سڀ کان اڳ ۾ ته هو موضوع جي سموري منظر کي نظر ۾ رکندو هو. ان کي چٽو ڪندو هو پوءِ انهيءَ جي فني ورهاست ڪندو هو ۽ پوءِ اهم ۽ اصل ڳالهه ڪرڻ لاءِ خاص پل جي چونڊ ڪندو هو. انهيءَ سموري عمل ۾ عوام جي شعور... سندس نظر ۾ هوندي هئي، جيئن ته هو اهو سڀ اڪثر ڪري انگريزيءَ ۾ سوچيندو هو جنهن کانپوءِ وري موزون


www.bhutto.org

اردو يا سنڌي لفظ ڳوليندو هو. ڏکين لفظن جي متبادل طور سؤلن لفظن جي چونڊ ڪندو هو. ڏکيائي پيش اچڻ تي ساٿين سان صلاح ڪندو هو. هن جي ڪابه تقرير اڻين اوچتو ختم نه ٿيندي هئي پر هو جتي به ۽ جنهن به موضوع تي تقرير ختم ڪندو هو اهو هن جو اڳواٽ سوچيل سمجهيل هوندو هو. تقرير جي دؤران هو پنهنجي ساٿين جي جذبن جو خاص طور تي خيال رکندو هو. هن کي ساٿين جي جذبن جو ڪيتري قدر خيال هوندو هو انهيءَ جو به مان هڪ ذاتي مثال پيش ڪندس.

28 فيبروري 1971ع تي مينار پاڪستان لاهور جي ميدان هڪ عوامي جسلي کي خطاب دؤران جڏهن هو پنهنجي ساٿين جي قربانين جو ذڪر ڪري رهيو هو ۽ خطابت جي جوش ۾ هن کان منهنجو نالو وسري ويو انهيءَ تي ميڙ مان هڪ همراهه "ڪوثر نيازي، ڪوثر نيازي" جا نعرا بلندا ڪيا. هڪ ڪارڪن انهيءَ کي ماٺ ڪرائڻ چاهيو ته محترمه نصرت ڀٽو هن کي روڪيو ۽ دڙڪا ڏيندي چيائين "نه روڪ هو صحيح پيو چوي" انهيءَ وچ ۾ ڀٽو صاحب پنهنجي تقرير ۾ ڪافي اڳتي وڌي ويو هو جلسو ختم ٿيو ته مان ماڻهن جي ميڙاڪي ۾ ڪوڙ دير تائين ڦاٿل رهيس ۽ ڏاڍو مشڪل سان نڪتس، ٿڪل به هئس، انهيءَ ڪري سڌو گهر هليو آيس. مون کان اها ڳالهه وسري به ويئي جو رات جو ڀٽو صاحب جو فون آيو. هن ڏاڍو نرم لهجي ۾ چيو "مون کان تنهنجو نالو وڻڻ وسري ويو هو ڪٿي تو ان کي محسوس ته ناهي ڪيو."

بهرحال اها ڳالهه معمولي هئي پر توهان انهيءَ مان ڀٽي صاحب جي ساٿين سان محبت جو اندازو لڳائي سگهو ٿا.

هن جو حافظو تمام تيز هو هو سالن جا سال معمولي کان معمولي ڳالهه به نه وساريندو هو واقعي جا تفصيل وقت ۽ تاريخ به ڪيس ياد هوندا هئا.

نون سالن جي ننڍڙي عمر کان وٺي آخري وقت تائين جا ڪوڙ سارا واقعا هن جي حافظي جي ڳنڍ ۾ ٻڌل هئا. پارٽي جي جدوجهد جي دؤران جن ماڻهن هن سان گڏ صبح شام ۽ رات تائين ڪم ڪيو هو اهو سڀ جو سڀ هن جي سامهون رهندو هو جڏهن به هو تحريڪ دؤران ڪنهن ساٿي کي ڏسندو هو ته سندس سمورو ڪردار آئيني جيان ڀٽي صاحب جي اڳيان اچي ويندو هو.


www.bhutto.org

هو دنيا جي عظيم تحريڪن جي باني جيان پنهنجي پارٽي پاڻ سان گڏ ڪم ڪندڙن جي هر ڳالهه جو جائزو وٺندو هو اهو جائزو عام طور هن جي ذهن ۾ محفوظ رهندو هو ۽ سالن تائين اها ڳالهه هن جي ذهن ۾ تازي رهندي هئي ۽ وقت اچڻ تي پنهنجي ساٿين کي ياد ڏياريندو هو تہ توهان فلاڻي محفل، مجلس يا وقت تي هيءَ ڳالهه ڪئي هئي. ساٿين ۽ رفيقن تي گهري نظر باوجود بہ هو انهن جون غلطيون معاف ڪرڻ جو عادي هو ۽ هن جي دل گهرندي هئي تہ سندس سمورا ساٿي آزادي سان پنهنجي عقل ۽ فهم تي ڀروسو ڪندي هن سان گڏ اڳتي وڌن ۽ ترقي ڪن ۽ انهن جون شخصيتون روزبروز نکرن ۽ شاندار ٿين.

مون اڪثر اڳواڻن کي ڏٺو آهي تہ اهي پارٽي قيادت دوران پاڻ کي بڙ جو وڻ بڻائي ڇڏيندا آهن ۽ انهن جي هيٺان وارو ڪو بہ ٻوٽو وڌي نہ سگهندو آهي ۽ ڪي تہ وري ساٿين کي اڳتي وڌندو ڏسي ان جون ٽنگون ڇڪي وٺندا آهن پر جناب ڀٽي جي ڳالهه انهيءَ جي ابتڙ هئي، هو پنهنجي ساٿين جي پنهنجي پاڇي هيٺ وڌندڙ ٻوٽن جيان پاڻ واڌ ويجهہ ڏيندو هو ۽ انهن کي اڳتي نڪرڻ جا موقعا فراهم ڪندو هو.

ڀٽو صاحب پاڻ جيترو اڳتي وڌي پيو هن جا ساٿي بہ اوترو تڪڙي ترقي ڪن پيا. پنهنجي هر دوست جي صلاحيتن مطابق ان کان ڪم وٺڻ جو منصوبو ڀٽو صاحب اڳواٽ ئي جوڙي ڇڏيندو هو. ڪڏهن ائين لڳندو هو ڄڻ هن پنهنجن ڪجهہ دوستن کي پس منظر ۾ موڪلي ڇڏيو آهي، پر حقيقت ۾ هو موزون وقت جي ڳولا ۾ هوندو هو ۽ جڏهن بہ ڪو اهڙو وقت ايندو هو دوستن کي انهن جي صلاحيتن مطابق ڪم سونپي ڇڏيندو هو.

ڀٽو صاحب پاڻ کي پنهنجي ساٿين جي سامهون هڪ تقليد جي قابل مثال بڻائي پيش ڪيو هن جنهن وقت ملڪي صدارت جو عهدو سنڀاليو اهو ڏاڍو نازڪ وقت هو. ملڪ جي وقار کي مشرقي محاذ تي ذلت آميز شڪست، قومي عزت کي مجروح ڪيو هو. اسان جي سمورن جي سموري اقتصاديات تباهہ ٿي چڪي هئي پر هن ملڪ جي وقار کي بلند ڪرڻ لاءِ اقتصادي، سياسي، سماجي زندگي کي بحال ڪرڻ لاءِ شديد محنت ڪئي. انهيءَ جو اندازو هن مان لڳايو تہ هو ڪم ڪار جي ڪري ڪيترا ڪيترا ڪلاڪ ڏينهن پنهنجي ٻارن ۽ زال سان ملي نہ سگهندو هو. هن جي ٻارن ۽ بيگم صاحبہ کي اها خبر نہ هوندي هئي تہ پاڻ هن وقت ڪٿي آهي.



www.bhutto.org

هو ڏينهن رات مسلسل ڪم ڪندو رهندو هو. هو شام جو ستين وڳي پنهنجي ڪم جي ميز تي اچي ويهندو هو ۽ رات جو ٻين وڳي تائين مصروف رهندو هو. ڪيترائي ڀيرا منهنجي گهر جي يا ٻين ساٿين جي گهر جي فون جي گهنٽي وڄي هئي ته اسان سمجهندا هئاسين ته ايوان صدر مان سڏ ٿيو آهي، اهي ته ايمرجنسي جا ڏينهن هئا پر پوءِ سندس ڪم جو معمول اهو ئي رهيو. وري هو صبح جو ساڍي ستين وڳي پنهنجي ڪم جي ميز تي موجود هوندو هو ۽ رات جو ساڍي ٻارهين وڳي تائين مسلسل ڪم ۾ مصروف رهندو هو. بس ڪڏهن ڪڏهن منجهند جو آرام لاءِ هڪ ڪلاڪ وقفو ڪندو هو.

ڪم جي گهڻائي ڪري اڪثر منجهند جي ماني نه کائيندو هو ته پريل پيٽ سبب ننڊ نه اچي وڃي.

مون کي ساڍن پنجن سالن دوران ڪو به اهڙو ڏينهن ياد ناهي جڏهن منهنجي وزارت جو ڪو فائل ايوان ويو هجي ۽ ان کي ساڳي ڏينهن تي پڙهي پنهنجي هٿن سان ڪو حڪم نه لکيو هجي.

اهو حال سمورين وزارتن سان هو. هو روزاني ايندڙ فائلن کي روز پڙهندو هو ۽ انهن مٿان حڪم لکندو هو ۽ جيستائين فائل ختم نه ٿيندا هئا، بستري تي نه ايندو هو. اهو هن جو روزاني جو معمول هو. مان هي ڳالهيون انهيءَ ڪري نه پيو لکان ته مان هن جي حڪومت ۾ هڪ وزير رهيو آهيان پر مون سان گڏ وزيراعظم هائوس ۾ ڪم ڪرڻ وارو هر فرد اهو ڄاڻي ٿو ته منهنجي ڳالهه ۾ ڪو به وڌاءُ ناهي.

پالڻهار هن جي وجود ۾ ڪم ڪرڻ جي غير معمولي صلاحيت رکي هئي. هن سان گڏ ڪم ڪندڙ اهلڪار جيڪي عمر ۾ گهٽ ۽ صحت ۾ توانا هئا، انهن جي ته ڪم جا وقت مقرر هئا، هي هڪ ڏينهن ڪم ڪندا هئا ٻئي ڏينهن موڪل ڪندا هئا، هڪ ڏينهن جي لاڳيتي ڪم سبب انهن جا جسم ٿڪجي پوندا هئا پر ڀٽو صاحب بلڪل به نه ٿڪبو هو.

ڪڏهن ڪڏهن دوست ۽ ساٿي ساڻس گڏ ويٺا هوندا هئا، انهن جي موجودگي باوجود ضرور فائلن جا ڍير اڳيان رکيل هوندا هئا، پاڻ انهن سان ڪچهري به ڪندو هو ۽ فائل به پڙهائيندو هو انهيءَ انداز سان فائلن توڙي ساٿين ڏانهن پورو پورو ڌيان هوندو هئس. فائلن تي نوٽ هڻڻ سان گڏ دوستن کي گهربل جواب به ڏيندو ويندو هو ٻنهي ڪمن مان ڪو به ڪم ٿورو به متاثر نه ٿيندو هو.



www.bhutto.org

ڪوڙ ۽ منافقت سان هن کي سخت نفرت هوندي هئي، نه پاڻ بناوت ۽ وڏائي جو قائل هو ۽ نه ئي ساٿين ۾ اهي شيون ڏسڻ پسند ڪندو هو. هن سستي شهرت حاصل ڪرڻ جي ڪڏهن به ڪوشش نه ڪئي. هو لباس ۾ به منافقت نه ڪندو هو. قائداعظم جيان پينٽ کي رڳو انگريزن جو لباس نه سمجهندو هو پر سندس نظر ۾ پڙهيل لکيل ۽ مهذب ماڻهن جو اهو لباس هو. لباس جي چونڊ موسم ۽ ماحول کي نظر ۾ رکي ڪندو هو. صبح جو لباس ٻيو هوندو هو ۽ شام جو ٻيو.

يحيٰ خان جي ڏينهن ۾ ٻاهرئين سفارت خانن جون سرگرميون عروج تي هيون پر جناب ڀٽو اقتدار ۾ ايندي ئي انهن جي سرگرمين کي حدن ۾ پابند ڪري ڇڏيو.

اڳ ۾ سفارت جي رات جي دعوتن ۾ ڪيترائي سرڪاري آفيسر ۽ وزير شريڪ ٿيندا هئا. جنهن ۾ عورتون به وڏي تعداد ۾ وينديون هيون ۽ جتي شراب ڪباب سان گڏ بي حجابيءَ جون ڳالهيون عروج تي هونديون هيون. انهن دعوتن ۾ شريڪ ماڻهو نه ته ان ملڪ سان پاڪستان جي تعلقات جو خيال رکندا هئا ۽ نه ئي سفارتي پروٽوڪول جو خيال رکيو ويندو هو. اها ڳالهه ملڪي عزت ۽ وقار جي خلاف هئي، جنهن ڪري ڀٽي صاحب انهيءَ ڳالهه جو به هڪ طريقيڪار مقرر ڪري ڇڏيو. هن جي دؤر ۾ ڪنهن به سفارتخاني جي دعوت ۾ رڳو هڪ وزير وڃي سگهي پيو. انهيءَ جوفيصلو وزارت خارجه کي ڪرڻو هو ڪنهن به وزير کي سڌي دعوت نه پئي ڏئي سگهجي ۽ نه ئي ڪو ماڻهو سڌائين اجازت جي اها دعوت قبول ڪري سگهي پيو.

ڪو به آفيسر وزارت خارجه جي اجازت کانسواءِ ڪنهن به سفارتخاني جي دعوت ۾ شريڪ نه پيو ٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان آفيسر يا وزير جڏهن سفارتخانن جي دعوتن ۾ شريڪ ٿيندا هئا ته اتي بنا روڪ ٽوڪ ڳالهائيندا هئا. انهن جي گفتگوءَ سبب ڪيترائي ملڪي قيمتي راز ٻاهر پهچي ويندا هئا. جنهن سان ملڪ کي نقصان پهچندو هو.

اهڙي طرح ٻاهرئين سفر جي دعوتنامن کي به محدود ڪيو ويو ڪوبه ملڪ ڪنهن وزير يا آفيسر کي سڌو دعوت ڏئي نه پيو گهرائي سگهي، ڇاڪاڻ ته اهو به هڪ پراڻو سامراجي هٿيار آهي ته دعوتن جي ذريعي پاڪستاني حڪومت جي بااثر فردن يا ادارن کي ٿوراٿتو ڪري انهن کي پنهنجي اثر هيٺ آڻي انهن کان پنهنجي مرضي جا ڪمونبا هئا. اهو به



www.bhutto.org

رشوت جو هڪ انداز آهي پر ڀٽو صاحب حڪم ڏئي ڇڏيو هو تہ اهي دعوت رڳو پاڪستاني حڪومت جي وسيلي سان ئي ڏئي سگهجن ٿا. ڪو بہ ماڻهو پل ڪٽي اهو وزير ڇو نہ هجي پاڻ پنهنجي طور تي دعوت قبول ڪرڻ جو حق نہ ٿو رکي. اهو ڪم رڳو پرڏيهي وزارت جو آهي تہ هوءَ دعوت ملندڙ شخص ۽ دعوت ڏيندڙ ملڪ جي اصل مقصد ۽ دعوت نامي جي غرض جو جائزو وٺي ۽ پوءِ اهو فيصلو ڪري تہ آيا ان ماڻهوءَ کي دؤري تي وڃڻ جي اجازت ڏجي يا نہ؟ ٻاهرئين سازشن کي روڪڻ جو اهو هڪ مؤثر طريقو هو.

ڪاڌي پيتي جي معاملي ۾ جناب ڀٽو ڪافي حد تائين بي نياز طبيعت جو ماڻهو هو پاڻ انتهائي گهٽ خوراڪ کائيندڙ ماڻهو هو. هن جي ڦڙتي ۽ سمارٽ نيس جو سبب سندس گهٽ خوراڪي هئي. صبح جو رڳو چانهہ جو هڪ ڪپ يا ڪڏهن ڪڏهن ٽوسٽ بہ استعمال ڪندو هو. منجهند جي ماني عام طور تي کائيندو ڪونہ هو جنهن ڏينهن ڪابينا جي ميٽنگ هوندي هئي، اسان سمجهي ويندا هئاسين تہ اڄ "لنچ" ڪونہ ٿيندو. ميٽنگ جي شروعات کان هڪ ڪلاڪ بعد چانهہ ۽ ڪجهہ بسڪيٽ کائڻ لاءِ ملي ويندا هئا پر جي وقت هڪ بجي منجهند کان اڳتي نڪري ويندو هو تہ پوءِ هڪ اڌ سموسو يا سئنڊوچ جي عنايت ٿي ويندي هئي. پوءِ پل ڪٽي اجلاس شام جو ڇئين وڳي تائين هلي پر اها ئي اسان جي خوراڪ هوندي هئي.

ڀٽو صاحب رات جي ماني اڪثر ڪري رات ڏهين وڳي کائيندو هو سندس پسنديده ڪاڌو فرائي، قيمو دال، مڇي يا ڪڪڙ جا ٽڪر هو. جوس ۾ ڏاڙهونءَ جو جوس پسند هو. فروٽ ۾ پپيتو ۽ انب پسند ڪندا هئا.

سياري جي موسم ۾ پنهنجي گهر ۾ ڪاري رنگ جو حلوو تيار ڪرائيندا هئا. اهو فارمولو سندن خانداني آهي ۽ انهيءَ ۾ ڪنئور جهڙي ڪا شيءِ ۽ ڪنهن وڻ جي ڪاٺيءَ کي ڪوئلي جيان ساڙي شامل ڪيو ويندو هو انهيءَ حلوي کي بہ ڀٽو صاحب شوق سان کائيندو هو.

ماني اڪيلو ڪڏهن بہ نہ کائيندو هو پنهنجن ڪجهہ دوستن کي ضرور شامل ڪندو هو. ڪاڌي جي ميز تي هن جو موڊ ڏاڍو خوشگوار هوندو هو ۽ ڏاڍي مزيدار ۽ دلچسپ گفتگو ڪندو هو. ڪاڌي کانپوءِ هڪ سگار پيئڻ سندن عادت هوندي هئي. سگار پيئڻ تائين اها محفل هلندي هئي، اندازن ڪلاڪ سوا تائين اها ڪاڌي جي محفل جاري رهندي هئي. يارهين سوا يارهين وڳي محفل برخواست ٿي ويندي هئي. عام طور انهيءَ محفل ۾ پنهنجي شرڪت کي مان هڪ حسين يادگار تحفو سمجهندو هئس،



www.bhutto.org

ڇاڪاڻ تہ انهيءَ دؤران ڀٽي صاحب جي دلچسپ ۽ خوش مزاج ڪچهري دل کي تروتازه ڪري ڇڏيندي هئي. ڪاڏي ڪانپوءِ پاڻ اڪيلائپ ۾ ويهي فائلن جو مطالعو ڪندو هو ۽ انهن تي حڪم جاري ڪندو هو. وضاحت طلب ڳالهين لاءِ لاڳاپيل وزيرن سان فون تي ڳالهہ ٻولهہ ڪندو هو. اهو سلسلو رات جو هڪ ٻين وڳي تائين هلندو هو ۽ وري صبح جو ستين وڳي آفيس، پهچي سادي ستين وڳي تازه اخبارون يا ڪم جا فائل گهرائي ڏسڻ شروع ڪندو هو. اخبارن ۾ مطالعي دوران اهم خبرون نڪ ڪرڻ ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيل شڪايتي خبرن تي فوري حڪم جاري ڪري ڇڏيندو هو. نائين وڳي عام طور تي ڪابينا جو اجلاس ٿيندو هو اتي بہ اهم معاملن تي بحث ۽ فائلن تي تيزي سان نوٽيس لکڻ ڀٽي صاحب جو ڪمال هوندو هو.

ڪم جي رفتار گهٽائي ۽ تسلسل جي اها حالت هئي جو انهيءَ کي بيان ڪرڻ لاءِ مون وٽ لفظ ناهن. ڪم جي معاملي ۾ ڀٽو صاحب ڪنهن ٻي دنيا جي مخلوق ڀاسندو هو. ڇاڪاڻ جيترو گهڻو ڪم ۽ جنهن معيار جو اعليٰ ڪم پاڻ ڪندو هو اها ڳالهہ ڪنهن انسان جي وس جي نہ ٿي لڳي. اها طاقت ۽ توانائي الله پاڪ ڀٽي صاحب کي ئي ڏني هئي، جنهن ڏينهن بہ ڀٽي صاحب جي صدارت ۾ ڪو اجلاس ٿيڻ وارو هوندو هو تہ اسان ماٺهو ٻيا سمورا ڪم وساري ڇڏيندا هئاسين. ايجنڊا ۾ پل ڪٿي هڪ ئي شق هجي پر هو مسئلي جو ڳوڙهائي سان جائزو وٺڻ جو قائل هو. ننڍي توڙي وڏي مسئلي تي ٻين جا خيال نهايت تفصيل سان ڏيان ڏئي ٻڌندو هو ۽ وري هڪ هڪ نقطي نقطي کي واضح ڪري ترتيب وار انهيءَ تي اظهار خيال جي دعوت ڏيندو هو هن جي سربراهي ۾ ڪنهن ڳالهہ تي غور ڪن، اسان مٿان اڪثر هڪ ئي نقطي جا نوان نوان پاسا نروار ٿيندا هئا، اهو ئي سبب آهي جو ڪابينا جي مختصر کان مختصر ميٽنگ بہ ڇئن پنجن ڪلاڪن کان گهٽ نہ هوندي هئي پر جيڪا ميٽنگ جلد ختم ٿي ويندي هئي، اسان خوشي محسوس ڪندا هئاسين، اسان ميٽنگ ۾ ڪم ڪري ٿڪجي پوندا هئاسين پر ڀٽو صاحب ڪيترن ئي ڏينهن تائين لاڳيتين ميٽنگ باوجود بہ نہ ٿڪبو هو. مون ڪيترائي ڀيرا ڀٽي صاحب کي عوام طرفان وصول ٿيندڙ خطن جو مطالعو ڪندي ڏٺو هو هو پاڻ ذاتي طور تي خطن جو مطالعو ڪندو هو ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ انهن تي نوٽ بہ هڻندو هو تہ جيئن عوامي شڪايتن جو وقت سر ازالو ٿي سگهي. روزاني جي ڪوڙ سارن ڪمن ڪارن باوجود ڀٽو صاحب لاهور، ڪراچي، ڪوئٽہ پنڊي جي اخبارن جو مطالعو بہ



www.bhutto.org

ڪندو هو. انهيءَ ڪانسواءِ رسالن ٽائيم، نيوز ويڪ، فار ايسٽ اڪنامڪ تي نظر وجهندو هو ۽ امريڪا توڙي لنڊن جي مخصوص اخبارن تي به هڪ نظر ڦيرائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ته اطلاعات کاتي وارا به جن جو ڪم ئي اخبارون رسالا پڙهڻ آهي وزيراعظم هائوس مان ملندڙ نوٽ ڪانپوءِ گهربل رسالي يا اخبار جو مطالعو ڪندا هئا.

شام جي وقت ڪم دؤران ٽيليويزن ڏسڻ به هن جو ڪم هوندو هو. ٽي وي رڳو تفريح لاءِ نه ڏسندو هو پر تنقيدي نگاهه سان ڏسندو هو جيڪڏهن پروگرام ۾ ڪا خامي نظر ايندي هئي ته فون جي ذريعي لاڳاپيل کاتي جي سپروائيزر کي متوجهه ڪري صلاح ڏيندو هو ڪڏهن ڪڏهن ڪا سٺي فلم به خاص طور ڏسندو هو. فلم ڏسڻ دؤران هو ويجهن دوستن کي به دعوت ڏيندو هو جن ۾ عبدالحفيظ پيرزادو، غلام مصطفيٰ جتوئي ۽ مان شامل هوندا هئاسين.

ڪتابن جي مطالعي جي باري ۾ به مون هن جهڙو باخبر ۽ هوشيار ماڻهو نه ڏٺو هو. نون ڪتابن جو ته هو عاشق هو ڪنهن محفل ۾ جنهن به ڪتاب جو ذڪر نڪرندو هو مون محسوس ڪيو ته اهو ڀٽو صاحب جو اڳ پڙهيل هوندو هو پر جي اتفاقن اهو ڪتاب نظر مان گذريل نه هوندو هو ته يڪدم پڇندا هئا ڪهڙي پبلشر ڇاپيو آهي؟ ڪهڙي ملڪ جو آهي ۽ ڪجهه ڏينهن بعد اهو ڪتاب سندس ميز تي موجود هوندو هو.

تعميراتي فن ۾ به ڀٽي صاحب جي دلچسپي ڏاڍي گهري ۽ ماهرانه هئي، سندس شخصيت جي هن پهلوءَ مان عام طور ماڻهن کي گهٽ واقفيت آهي. هو دنيا جي مختلف تعميراتي فن کان چڱي طرح واقف هو ۽ فن تعمير بابت سٺي ڄاڻ رکندو هو پاڻ قومي امنگن ۽ قدرن جو تجزياتي مطالعو ڪندو رهندو هو. عمارتن جي سينگار ۽ جوڙجڪ کي بامعنيٰ ۽ قومي ڪلچر سان هم آهنگي بنائڻ جو قائل هو.

پرائم منسٽر هائوس جو اهو رهائشي حصو جتي سندس آفيس ۽ ملاقاتين جو ڪمرو گرين روم موجود آهي، جناب ڀٽو صاحب جي عمارتي خوش ذوقيءَ ۽ جماليات جو گواهه آهي.

سمورن اهم قومي ۽ تعميراتي نقشا پاڻ ذاتي طور تي ڏسندو ۽ منظور ڪندو هو.

اڄ تائين پاڪستاني قومي ڏينهن جي پريڊ جنهن انداز سان ۽ جنهن مقام تي ٿيندي هئي، انهيءَ ۾ ڪو وقار ۽ انفراديت ملندي هئي پر ڀٽي



www.bhutto.org

صاحب جي زماني انهيءَ قومي ڏينهن جي شايان شان اسلام آباد ۾ هڪ اسڪوئر جوڙيو ويو آهي، جيڪو اسان جي ماضيءَ حال ۽ قومي يڪجهتي جي هڪ علامت آهي، انهيءَ تي قومي ڏينهن تي پريڊ ٿيندي. اسلام آباد ۾ فيصل مسجد جي نقشي جي منظوري ۽ تعمير سڌو سنئون ڀٽو صاحب جي سرپرستي هيٺ ٿي. ڀٽو صاحب تعميراتي فن بابت جڏهن به ڳالهائيندو هو ته انهيءَ مان سندس گهري مطالعي جي تصديق ٿيندي هئي.

مذهبي طور ڀٽو صاحب شديد جذبا رکندو هو. رسول خدا ﷺ جي ذات مبارڪ سان لڳاءُ بابت هن جو هر ساٿي شاهدي ڏيندو. جڏهن پاڻ عمري مبارڪ تي ويو ته روضئه رسول تي ايترو رنائين جو ڪيس پرسان ڏسندڙن جو چوڻ آهي ته هن جي ساٿين مان ڪير به ڪوبه ماڻهو ايترو نه رنو هو. مون کي ذاتي طور خبر آهي پر هو رسول الله صلعم کي هڪ تاريخ شخصيت طور تي ڏسندو هو. اسلام جي موضوع تي هن اوله وارن جا لکيل ڪتاب به پڙهيا هئا. انهيءَ سان گڏ هن پاڪستان جي وڏن عالمن ۽ اهل قلم جي ڪتابن جو پڻ مطالعو ڪيو هو.

ڀٽي صاحب جي دل نهايت ئي نرم ۽ دردمند هئي، ٻين انسانن جو ڏک ڏسي پاڻ تڙپي پوندو هو پنهنجي ساٿين ۽ همدردن لاءِ سندس دل ۾ بيپناهه محبت هئي، جوان سال ساٿي شيرپاءُ جي وفات تي هو ڏاڍو غمزده هو ساڳيو حال پنهنجي پٽ جي وفات تي هئس ۽ جڏهن منهنجو پٽ فوت ٿيو ته هن جي حالت اها هئي جڻ سندس پنهنجو پٽ فوت ٿيو هجي. ڀٽو صاحب ناقابل سهپ غم ۾ مون سان ڏاڍي همدردي ڪئي. منهنجي بي پناهه مدد ڪئي.

سمورين حڪومتي پاليسين جي اڳواٽ ئي هو منصوبه بندي ڪري وٺندو هو ۽ مستقبل کي اڳيان رکي پوءِ فيصلا ڪندو هو. سمورن اهم موڙ ۽ پاسا هن جي نظر ۾ هوندا هئا.

هن کي پنهنجي ڪيل فيصلن ۽ انهن ملندڙ نتيجن جو به ڪنهن حد تائين اڳواٽ اندازو هوندو هو.

ڀٽي صاحب جي سياست جو مرڪز ۽ محور رڳو عوام جي راءِ هئي، هن جو يقين هو ته آخري نتيجي ۾ عوام جو فيصلو ئي هميشه سچ هوندو آهي. عوامي راءِ جي اهميت جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو جو ڀٽو صاحب کليل ڪچهرين جو آغاز ڪيو ۽ ائين هن عوامي راءِ ٻڌڻ لاءِ سڌو سنئون رستو ڳوليو. انهن کليل ڪچهرين مان ڀٽي صاحب جو مقصد اهو هو



www.bhutto.org

تہ عوام سواءِ ڪنهن خوف خطري جي هن سان سڌو سنئون پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري تہ جيئن حڪومت جي باري ۾ عوامي راءِ جي ڪيس پوري طرح ڄاڻ پئجي سگهي. ان ڪانسواءِ هو ماڻهن جي شڪايتن مان ڪجهہ نتيجا حاصل ڪري انتظاميہ جي اصلاح ڪري سگهي.

اها الڳ ڳالهہ آهي تہ پوءِ ڪجهہ وزير اطلاعات نوڪر شاهي جي چڪر ۾ اچي انهن ڪليل ڪچهرين جو جيڪو حال ڪيو تنهن مان انهن ڪچهرين جو اصل مقصد ئي تباهہ ٿي ويو.

مفاد پرست آفيسرن انهن ڪچهرين جي اڳواٽ منصوبہ بندي شروع ڪري ڏني. انهن ماڻهن جي لسٽ ٺهڻ لڳي جن کي وزيراعظم اڳيان ڳالهائڻو هو ڇاڪاڻ تہ نوڪر شاهي عوام جي سڌي رابطي کان ڏڪندي هئي. ان ڪري ڀٽي صاحب سامهون هاڻ انهن ماڻهن کي ڳالهائڻ ڏنو ويندو هو جنهن لاءِ افسر شاهي چاهيندي هئي. اهي غلط طريقا انهيءَ ڪري استعمال ڪيا ويا تہ جيئن ڀٽي صاحب کي عوام جي حقيقي راءِ کان پري رکيو وڃي. ڀٽي صاحب کي ذاتي طور عوام جي راءِ جو وڏو خيال رهندو هو پر سندس وزيرن مشيرن تي شايد اها ڳالهہ پسند نہ هئي. ڀٽو صاحب نہ رڳو عوام جي راءِ ٻڌڻ چاهيندو هو پر عوام ۾ مثبت راءِ جي تعليم تربيت پڻ ڪرڻ چاهيندو هو. مسئلن جي سمورن پاسن کي عوام آڏو ظاهر ڪري انهن کي نفعو نقصان سمجهايو ۽ ڪانئن راءِ وٺڻ جو قائل هو انهيءَ سلسلي ۾ بنگلاديش نامنظور نامنظور جو مثال اسان جي سامهون آهي.

جناب ڀٽي جي اها ٺهہ ٺيل راءِ هئي تہ مسلم بنگال اسان جي نفرت جو مستحق ناهي. هونئن بہ رسول الله صلعم جي تعليم آهي تہ ڪنهن بہ مسلمان کي پنهنجي مسلمان ڀاءُ کان ٽن ڏينهن کان وڌيڪ ڪاوڙ نہ ڪرڻ گهرجي. سو سموري قوم کان پري رهڻ يا ان کي سزا ڏيڻ تہ صفا حرام هو. ڀٽي صاحب جي ذهن ۾ نئين ڪنڊ جو جيڪو نقشو هو. انهيءَ ۾ بنگلاديش کي بہ اهم ڪردار ادا ڪرڻو هو پر اسان جي قوم توڙي دانشور طبقو هڪ چريائپ ۾ مبتلا هو اهڙي قوم جنهن هميشہ فتح ڏني هجي ان لاءِ شڪست کي هضم ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو پر شڪست کي سيني سان لڳائي آپگهات ڪرڻ بہ بيوقوفي سڏبي. قوم کي تہ بهرحال زندهہ رهڻو آهي. انهيءَ تاريخي نازڪ موقعي تي اڳواڻن جو ڪم انتهائي ڏکيو هوندو آهي. ڪو اناڙي سياستدان هجي ها تہ تاريخ جي انهيءَ نازڪ مرحلي تي عوامي دٻاءَ سامهون جهڪي ملڪي مفاد خلاف اهڙو فيصلو ڪري وجهي ها. جيڪو پوءِ



www.bhutto.org

سموري قوم لاءِ نقصانده ثابت ٿئي ها يا وري عوام جي راءِ کان بي نياز يڪطرفه طور تي بنگلاديش کي قيد ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏي ها پر ان وقت جي صورتحال اهڙي نازڪ هئي جو ائين ڪرڻ سان ملڪ هڪ شديد قسم جي ايجي ٽيشن جي زد ۾ اچي وڃي ها ۽ مضبوط حڪومت جو وجود برقرار رکڻ ڏکيو ٿي پوي ها. ظاهر آهي ته داخلي ۽ بيروني دشمن انهيءَ مان فائدو وٺن ها ۽ نه چاڻ پاڪستان ڪهڙي قسم جي حالتن سان مهاڏو اٽڪائي ها پر ڀٽي صاحب انهن مان ڪنهن به رستي جي پاڻ چونڊ نه ڪئي، هو انهيءَ مسئلي کي به کڻي عوام وٽ ويو. لياقت باغ راولپنڊي ۽ ڪراچي جي عظيم ميڙاڪن ۾ هن عوام کان راءِ طلب ڪئي ۽ جڏهن جواب نهڪر ۾ ڏنائين ته پوءِ به هو دل برداشته نه ٿيو پر هڪ ماهر طبيب جيان هو پنهنجي مرض جي علاج ۾ مصروف رهيو. ماهرانه انداز ۾ ابلاغ جي ذريعن کي استعمال ڪيائين، بحث مباحثا ڪرايائين. اخبارن ۽ ميڊيا ۾ ٻنهي نقطن تي مذاڪرا ڪرايائين، انهن نقطن جي فائدن ۽ نقصانن کي ڏار ڏار نمايان ڪرايائين ۽ اهڙي فضا تيار ڪيائين جو قوم جو گڏيل ضمير انهيءَ ڪوڙي ٽڪيءَ کي ڳهڻ لاءِ تيار ٿي ويو جنهن ۾ اجتماعي صحت ۽ مفاد سمايل هو ۽ جڏهن بنگلاديش کي قبول ڪرڻ جو اعلان ڪيائين ته وقت جي اهڙي چونڊ ڪيائين جو انهيءَ جو ڪو مثال ملڻ مشڪل آهي. انهيءَ موقعي تي بنگلاديش ليڊرن جي اچڻ سبب لاهور جي ٻرندڙ فضا تي نه رڳو ڇنڊو پيو پر ماڻهن کي محبت ڏانهن مائل ڪيو. اهو واقعو سياسي تاريخ جو هڪ عجيب باب آهي، جنهن جو جيترو تفصيل ۾ هر پهلوءَ کان جائزو وٺجي، اهو تاريخ جي شاگردن لاءِ رهنمائي ۽ بصيرت جا نوان باب کولي ٿو.

***



www.bhutto.org

حوالا:


| | | |
|---|---|---|
| 1. | ميٽ آف انڊيپينڊنس | ذوالفقار علي ڀٽو |
| 2. | دي گريٽ ٽريجڊي | ذوالفقار علي ڀٽو |
| 3. | پوليٽيڪل سچوئيشن ان پاڪستان | ذوالفقار علي ڀٽو |
| 4. | اگهر مجهي قتل ڪيا گيا | ذوالفقار علي ڀٽو |
| 5. | ٽين دنيا جي اتحاد جون گهرجون | ذوالفقار علي ڀٽو |
| 6. | بينظير ڀٽو ڏانهن آخري خط | ذوالفقار علي ڀٽو |
| 7. | سپريم ڪورٽ ۾ آخري بيان | ذوالفقار علي ڀٽو |
| 8. | ديده ور | مولانا ڪوثر نيازي |
| 9. | اور لائين ڪٽ گئي | مولانا ڪوثر نيازي |
| 10. | زلفي ماءِ فرينڊ | پيلو مودي |
| 11. | ذوالفقار علي ڀٽو بچپن سي تخته دار تڪ | سلمان تاثير |
| 12. | ڀٽو ڪي سياسي پيشگوئيان | حامد مير |
| 13. | سورج به ڪف شب گزيده | ستار طاهر |
| 14. | مرده ڀٽو زنده ڀٽو | ستار طاهر |
| 15. | پرائم منسٽر هائوس مين ڀٽو ڪي آخري رات | اديب جاوداني |
| 16. | ڀٽو ڪي آخري 323 دن | ڪرنل رفيع الدين |
| 17. | ڀٽو ضياءِ اور مين | جنرل فيض علي چشتي |
| 18. | افواهه اور حقيقت | الطاف قريشي |
| 19. | ڪال ڪوٺڙي سي ڀٽو ڪي آخري تقرير | ترجمو: رشيد بٽ |
| 20. | جدوجهد ڪي پچيس سال | فرنٽيئر پوسٽ پبليڪيشنز |




www.bhutto.org